




ڪيرت ٻاٻاڻي

# ڪجھ پڙھيم، ڪجھ لکيم

## (آتم ڪٿا)

ڀاڱو ٻيو

•

ڪيرت ٻاٻاڻي



•

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لکشمي مارڪيٽ، الھاسنگر - ٢

# ڪتاب بابت ....

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان اپريل ١٩٩٧ع ۾ سنڌيءَ جي برک ليکڪ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آتم - ڪٿا 'ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم' جو پهريو ڀاڱو ڏنو ويو هو. جولاءِ ١٩٩٧ع ۾ آتم ڪٿا جو ٻيون ڀاڱو ڏنو وڃي ٿو. پهرين ڀاڱي ۾ ڪيرت پنهنجي ننڍپڻ جو احوال ڏنو آهي ته ان عمر ۾ ڪيل پهرين پيار جو به ذڪر ڪيو آهي.

پهريون ڀاڱو سڪولي زندگي ۽ پيار جو احوال آهي ته ٻيون ڀاڱو ڪاليج زندگي ۽ ان وقت جي سياست ۾ ورتل ڀاڱ جو احوال آهي، ويندي ورهاڱي تائين.

ڪيرت پهرين آتم - ڪٿا جو نالو ٿي رکيو هو، محبت سياست ساهت. پر پوءِ نالو بدلائي رکيائين.

ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم. پر احوال اهوئي آهي. پهرين ڀاڱي ۾ محبت جو ذڪر، ٻئي ڀاڱي ۾ سياست ۾ ورتل ڀاڱ جو احوال ۽ ٽئين ڀاڱي ۾ هوندو ساهت ۾ سندس حصو.

هت اسان سندس آتم ڪٿا جي ٻئي ڀاڱي جو ذڪر ڪنداسين، جنهن ۾ سنڌ ۾ وديارٿي تحرڪ جو ذڪر به آهي ته سياست جو احوال به آهي، ۽ ان دوران آيل ڪن شخصن بابت به ڄاڻ ملي ٿي. جيئن ڪ سوڀو گيانچندائي، حشو ڪيولرامائي، الله بخش سومرو وغيره.

تازو مون زهرا سهگل جي آتم ڪٿا پئي پڙهي. ان ۾ زهرا سهگل اُديه شنڪر (موجوده ستاروادڪ روي شنڪر جو وڏو ڀاءُ) جي نرتيه اڪاڊمي جو به احوال آهي، ته پرٿويراج ڪپور جي پرٿوي ٿيئٽر جو به بيان آهي ۽ ان وقت جي سياست جو ڪلا تي ڪهڙو اثر آهي، ان جو به ذڪر آهي.

اهڙي نموني ڪنهن به اهم شخص جي زندگي فقط ان جي نجي جيوت نه آهي بلڪ ان جي آس پاس هلندڙ هلچل جو به احوال هوندو آهي.

تيئن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي نجي زندگيءَ سان گڏو گڏ سندس آس پاس واري وايومنڊل، سياسي، ساهتڪ جو به ذڪر آهي.

هن ٻئي ڀاڱي ۾ وديارٿي هلچل جو ذڪر ٿو اچي. ڪيرت ٻاٻاڻي مونکان ڏه سال وڏو آهي. هن وقت منهنجي عمر ٦٥ سال آهي ته ڪيرت جي ٧٥ سال آهي. مان سال ١٩٤٢ع ۾ ڏهين سالين جو هيس، ته ڪيرت جوان هو ويهين سالين جو، سياويڪ هن کي ان وقت جي تحرڪ جي ڄاڻ وڌيڪ هوندي.

مان به وديارٿي تحرڪ سان لاڳاپو رکندو هوس. قنبر اسٽوڊنٽس ڪانگريس ۾ هيس ۽ ورهاڱي وقت ان جو جنرل سيڪريٽري به ٿي رهيس. ان کري سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس طرفان جيڪي سرڪيولر ايندا هئا، اهي مون وٽ ٿي ايندا هئا. سنڌي وديارٿي تحرڪ سان ڳنڍيل هئا. تنهن وقت سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري شري سخاوت چوٽواڻي هو (جو قنبر ۾ به آيو هو) سيڪريٽري هو ڪشن دلواڻي ۽ آرگنائيزنگ سيڪريٽري هو شري اڏو ريلواڻي (اهي سڀ اڄ موجود نه آهن) انهن سان لاڳاپو ورهاڱي بعد هت هندستان ۾

Author's Address :
3/41 Adrash Nagar
Prabhadevi
Mumbai - 25

KUJH BUDHAYUM
KUJH LIKAYUM
An Autobiography
By : KIRAT BABANI

SINDHI TIMES
(Quarterly Book Series)
Yearly Subs. Rs. 80/-
Half Yearly Subs. Rs. 40/-

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 3.
Tel. 544100

This Book Price Rs. 40/-
This Issue : July - Aug - Sept, 1997

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Narendra Hariani
For Sudha Offset Printers
25, Prince Market
Ulhasnagar - 3
Tel. 560465

Sole Agent :
Jagdish Book Depot,
Main Bazar
Ulhasnagar - 2.
Tel. 540455

Price : Rupees Forty Only
year : July, 1997

# مهاڳ، دوست ساهتڪارن طرفان
## (آيل ڪن خطن مان مختصر ۾)

(١)

ڪالھ تنهنجي آتم-ڪٿا پهتي. اڄ پڙهي پوري ڪيم. مون کي وڏي سٺي بيٺي آهي. تو پهرين ڀاڱي جو انت اُتي آندو آهي، جو ٻئي ڀاڱي پڙهڻ لاءِ من اُتسڪت رهندو.

تنهنجي مهاڳ مان ڄاڻ پيم تہ تو ٻہ ڀاڱا سنڌ ۾ گهاريل جيون کي ڏنا آهن ۽ هڪ ڀاڱو هند ۾ گذاريل سالن کي. يعني پنجويهن سالن کي ٻہ ڀاڱا ۽ پنجاھ سالن کي هڪ ڀاڱو. اِها ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي. جي ممڪن هجي تہ هن عرصي کي بہ ٻہ ڀاڱا ڏيئي سنڌيت جي هلچل سان پورو نياءُ ڪجِ.

هڪ ڳالھ چوان. اڳ بہ چئي اٿم. مون کي لڳو هيءُ ڪٿا ليکڪ جي نہ راجنيتڪ اڳوانن جي آهي. جڏهين انسان دل سان ڳالھ ڪندو آهي تہ پنهنجو نجو روپ ظاهر ڪندو آهي. مون کي لڳو هند ۾ اچڻ بعد تون ماستريءَ بدران وڪالت ڪرين هان ۽ ڪتاب لکڻ بدران راجنيتيءَ ۾ سرگرم هجين هان تہ اڄ سنڌين کي پنهنجو سٺو ايماندار ليڊر هجي ها.

١٢، اپريل ١٩٩٧ ڪرشن کٽواڻي (انڊور)

(٢)

تنهنجي آتم ڪٿا جو پهريون ڀاڱو - 'ڪجھ ٻڌايم، ڪجھ لکايم' اسان ٻنهي پڙهي پورو ڪيو.

ڪتاب ائين تہ سراسر طور نيڪ آهي. ڪيتريون ئي سٺايون ان اندر آهن. تنهنجي شخصي جيون جي تفصيلن سان گڏ، سماجي ۽ سياسي، جيڪو ان وقت هلي رهيو هو، انهن جون بہ ڪي جهلڪون آهن. اِهي سڀ نيڪ آهن. پر جڏهن تہ اسان توکي گهڻو تڻو ساهتڪ کيتر ۾ اڳرو پئي ڏٺو آهي، تنهنڪري چاهيون ٿا تہ هاڻي تون پنهنجو اهو روپ

بہ رهيو. ١٩٣٦ع ۾ اسٽوڊنٽس ڪانگريس جون چونڊيون ٿيون، جنهن ۾ جنر سيڪريٽري شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سيڪريٽري شري ڪڪو آسراڻي چونڊيا وي ۽ ان سال ١٩٣٦ع ۾ آل سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس جي ڪانفرنس اڙڪاڻي ٿي جنهن جو مهورت سڀاش چندر بوس جي ڀائٽي شري اروندو بوس ڪيو هو.

ڪيرت پنهنجي آتم ڪٿا ۾ وديارٿي تحرڪ جو ذڪر ڪيو آهي. ٻ اهو صاف نہ ٻڌايو اٿس تہ ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين الڳ هئي ۽ سنڌ اسٽوڊنٽس يونين الڳ هئي.

اڳتي هلي سنڌ اسٽوڊنٽس يونين جو نالو بدلائي سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس رکيو ويو هو. ۽ سنڌس مٿا رکيا ويا: فريڊم، پيس، پروگريس، سفيد جهنڊي جي ڪنڊ تي تارو ٻاڙهي رنگ ۾.

سال ١٩٤٢ع کان پوءِ اهو تحرڪ ٿورو ٿڌو پئجي ويو. ٻي مهاڀاري جنگ بند ٿي ويئي ۽ برٽش سرڪار سال ١٩٣٦ع ۾ سنڌ اسيمبلي جون چونڊن ڪرائ جي پٽرائي ڪئي ۽ پاڪستان ٺيڻ جون ڳالهيون زور ۾ هيون. ان ڪري وديارٿي ڪانگريس شهر شهر ۾ چرخا ڪلاس، راشٽر ڀاشا هندي (واردا) ڪلاس، حلائ شروع ڪيا هئا. تن ڏينهن ۾ ئي موجوده روزاني هندستان اخبار پنهنجو نال هندو مان بدلائي 'هندستان' رکيو هو.

اهي سڀ ڳالهيون هاڻ تہ فقط تاريخ جا ورق ئي رهجي ويا آهن، ٻ تڏهين بہ تاريخ جي انهن بابن جي پنهنجي اهميت آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي ڪراچي جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ وڌايل فين خلاف تحرڪ جو ذڪر ڪيو آهي، ان جو تفصيلوار احوال شري ديي ناٿاڻي پنهنجي ڪتاب 'ڪراچي اسٽوڊنٽس آن دَ مارچ' (انگريزيءَ ۾ لکيل) ۾ ڏنو آهي ج سال ١٩٣٦ع ۾ موهن پنجابي هندوستاني ساهتيہ منڊل طرفان ڇپايو هو.

ان ڪتاب ۾ فقط ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جو ذڪر آهي. سند اسٽوڊنٽس ڪانگريس جو پورو ذڪر ڪونہ آهي.

ڪيرت جي لکڻ موجب هن وديارٿي تحرڪ ۾ ڀاڱ ورتو. اخبار ۾ سہ - ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو. مزدورن ۾ ڪم ڪيو. ۽ ٿي سگهي ٿو ڪيترين ڳالهيون ڪيترا واقعا حڪ ۾ ئي سان ملي جهلي ويا هجن.

ان ڪري پڙهندڙن کي تہ ڪن حقيقتن جي پوري سمڪ نہ رهندي جيڪي سڄڻ اڃا جيئرا آهن ۽ انهن تحرڪن ۾ شامل هئا، اهي ڪٺا ۽ جدا ڪري سگهن ٿا جئن ڪ گوبند مالهي، موهن پنجابي، ديو ناٿاڻي، لڇم راجپال ۽ ايسر ڪلياڻي وغيره ۽ بس.

— نارائڻ ڀارتي

مکيہ سمپادڪ

٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،

جهوني ٽيليفون آفيس سامهون،

الهاسنگر - ٣

٢ - جون، ١٩٩٧ع.

حالتن مان گذري، ماڻي/ڀوڳي رهيو آهيان. جاڳ اٿم ته ڀڙيون ڀاڳو آهي. پر دل چوي پيئي اجا به وڌيڪ تفصيل هجن - هونئن ٻوليءَ ۾ نج، گهرن ۽ پيچيدن جذبن کي اظهارڻ جي محدودگيءَ جي جاڳ اٿم، تنهنڪري هر پاڻک چيو ۽ اڻچيو جي وچھ، پنهنجي ڪلپنا جي آڌار تي گهڻو ڪجھ پڙهي/سمجهي ويندو آهي. مون کي پڪ آهي ته اوهان جي آتم ڪٿا اڳتي هلي وقت جي تاريخ لاءِ اهم Source Material ثابت ٿيندي، جئن پير علي محمد راشديءَ جا ڪتاب آهن.

مان چاهيان ٿو ته اوهان ٽن ڪتابن بعد هڪ ڪتاب 'حاشيءَ ۾' يا Epilogue ڪري لکو ۽ ان ۾ آهي سڀ ڳالهيون لکو، جيڪي لکڻيون اٿو. آتم ڪٿا ۾ لکائڻ ۽ Self Censorship سلي ڳالھ ته نه ليکبي.

١٦، مئي ١٩٩٧ موهن گيهاڻي (دبئي)

(٥)

هماليه جبلن جي گود ۾، سمنڊ جي سطح کان اٺ هزار فوٽ مٿي، تنهنجي آتم ڪٿا پڙهي پوري ڪئي اٿم. سنڌي ادب ۾ تون ڀڙيون ليکڪ آهين، جنهن ڪنهن سچ سان ڪجھ لکيو آهي. لکايو گهڻو اٿيئي، پڙايو ٿورو اٿيئي. وري به سلو لکيو اٿيئي. جنهن طريقي سان تون لکين ٿو، اِهو نهايت دلڪش نمونو آهي. اِنهيءَ ۾ سچائي آهي، جذبات جي بلندي آهي. شل تنهنجي قلم ۾ وڌيڪ سگهه، طاقت ۽ شڪتي اچي.

رام امرلعل پنجواڻي (لئنڊو)

(٦)

اوهانجي آتم ڪٿا - 'ڪجھ پڙايم، ڪجھ لکايم' پڙهيم. ڀڙيون ڀاڳو بيحد پسند آيو. خاص ڪري ان ڪري به جو اوهان نوابشاه ضلعي جي ڳوٺ ۽ شهر ۾ گهاريل پنهنجي شروعاتي جيون، ٻچپڻ، ڪشور اوستا جو ورنن ڪيو آهي. سنڌ

ڏيکارا! ان سان گڏ ئي هلندو رهي، تنهنجو سياسي، پنهنجو، ديش جو، پارٽيءَ ۾ کيل ڪاريہ جو چتر پڻ! پوءِ جڻ سون تي سهاڳو ٿي پوندو.

باقي هڪ ڳالهہ : هن پستڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اُهي جهجها ئي شبد ڪتب آندا اٿئي، جيڪي اڄ اسان جي ٻوليءَ مان هاڻي گم ٿي ويا آهن. اِهو اضافو ڪري، تو تمام سٺو ڪم ڪيو آهي.

٨، جون ١٩٩٧ **ايم. سڳن ۽ ڦتن پرسواڻي (اُلهاسنگر)**

(٣)

توهان جي آتم ڪٿا جو پهريون ڀاڱو پڙهيم. اصل ڇڏيم ڪونہ جيسين پورو ٿئي. توهانکي سوڀي گيانچنداڻي سماجواد تي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا ۽ اُئين توهان اِهو مت سمجهيو. پر مون تہ سماجواد تي توهان جي تقريرن مان سمجهيو. ڀاءُ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو چتر ... جڏهن جيل ۾ توهان کيس ڏٺو ... پنهنجي سِر دل دماغ تي حاوي پئجي ٿو وڃي. قومپرست، انسان پرست ڪيرت ننديڻ ڪان نرالو! اسان کي توهان تي ناز آهي.

۽ عشق تہ پاڪ جذبو آهي، جنهن جي اندر ۾ جاڳي تنهن کي پاڪ ڪري. ٻئي ڀاڱي جو اِنتظار آهي.

٢٣، مئي ١٩٩٧ **ڪلا پرڪاش (دبئي)**

(٤)

ڪالهہ موتي پرڪاش جي ٽيبل تان اوهان جو تازو ڇپيل ڪتاب ـ 'ڪجهہ ٻڌايم، ڪجهہ لڪايم' کڻي آيس. شام جو ويلس ۽ هڪ ئي بيٺڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو اٿم. اڄ ڀاڻ کي اُنيوءَ جي سطح تي وشال پيو پايان. اُئين لڳو تہ مان بہ اوهان سان گڏ اُن وقت ۾ جي رهيو آهيان ۽ اوهان جي

# ڪجھ پڙهيم، ڪجھ لکيم

ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتيسين. گلاب ڀڳواناڻي ۽ لوڪو هيمراجاڻي، ٻه گهرا دوست به مون سان گڏ ڪاليج ۾ داخل ٿيا. رهائش لاءِ ميلارام هاسٽل ۾ جڳهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئيسين. روم حاصل ڪرڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي ڇاڪاڻ جو هاسٽل ۾ ڪوٺيون تمام ٿوريون ۽ رهائش لاءِ درخواستون تمام جهجهيون هونديون هيون. اندرين سنڌ مان، ڪراچيءَ ۾ پڙهائي ڪرڻ لاءِ جام شاگرد ايندا هوا. جڳهه مئٽرڪ امتحان ۾ کنيل مارڪن جي لياقت تي ڏيندا هوا. مان ته امتحان ۾ سنڌ ۾ ستون نمبر بيٺو هوس ۽ مارڪن جو سيڪڙو وڏو هو، تنهن ڪري هاسٽل ۾ جڳهه ٻهريندي ئي ملي ويئي. لوڪو هيمراجاڻي پڻ امتحان ۾ سٺو سيڪڙو مارڪون کنيون هيون، تنهنڪري ڪيس به ٻئي دؤر ۾ جڳهه، حاصل ٿي ويئي. اسان جو ٽيون دوست گلاب ڀڳواناڻي جنهن ڪي رڳو پاس مارڪون هيون، تنهن کي جڳهه حاصل نه ٿي سگهي. هڪڙو دوست رهجي وڃي، اسان کي ڳالهه من-پسند نه لڳي. پوءِ هوشياري ڪري اسان هڪڙو رستو ڳولهي لڌو. مون کي روم نمبر ٢٩ ۾ سيٽ الاٽ ٿي ۽ مون پنهنجو روم پارٽنر لوڪو هيمراجاڻي کي چونڊيو. پارٽنر چونڊڻ جو اسان کي حق هوندو هو. هڪٻئي جي رضامنديءَ سان اسان پنهنجي دوست گلاب کي لڪچوريءَ آڻي، پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ رهايو، جنهن ڳالهه اڳتي هلي اسان لاءِ ڳڙٻڙ پيدا ڪئي. تنهن زماني ميلارام هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ سرڳواسي پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي هو. هو بلڪل مکڻ ماڻهو ۽ دل جو شاهه هو، پر انتظام جو ڏاڍو پڪو، تنهنڪري هاسٽل ۾ سندس ڏاڪو ۽ حشمت هئي. ڇوڪرا ڪانئس ڪن هڻندا هوا. ڪنهن کي جي پنهنجي

جا ڳوٺ ۽ شهر مان تہ ڪونہ ڏسي سگهيو آهيان، البت اوهان جي حسين بيانن ذريعي، اِنهن ۾ ڪي گهڙيون گهاري واس وٺي آيس. بيحد لطف آيو. ڇا بيان ڪريان؟ هونءَ بہ مونکي اوهان جي لکڻي ڏاڍي وڻندي آهي.

٦، مئي ١٩٩٧ ڪيمن مولاڻي (بيراڳڙھ)

(٧)

’ڪجھہ ٻڌايم، ڪجھہ لکايم‘ (آتم - ڪٿا ڀاڱو پهريون) جڏّن ئي هٿ ۾ مليو تہ هڪ ئي ٻيٺڪ ۾ پڙهي پورو ڪيم. ٢٣ صفحي کان پوءِ دل ڪاندارينديڙ احوال پڙهڻ لاءِ مليا. پوءِ عشقي داستان بہ شروع ٿيا ۽ اتهاسڪ گهٽنائون بہ پڙهڻ لاءِ مليون. پڙهڻ ۾ دلچسپي ايتري وڌي ويئي جو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ کانسواءِ اکين کان پري ڪري نہ سگهيس.

ڪتاب جو عنوان ’ڪجھہ ٻڌايم، ڪجھہ لکايم‘ رکيو اٿوَ، ليڪن مون کي نٿو لڳي تہ توهان ڪجھہ لکايو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ڳالهيون ياداشت تان هٽي ويئون هونديون يا ڏنڏليون ٿي ويئون هونديون، جيڪي اوهين پيش نہ ڪري سگهيا آهيو. گويي ۽ سان اوهان جو عشق ضرور ڪامياب ويو هوندو. پڪ اٿم تہ توهان جي شادي پڻ دل-پسند محبوبا سان ٿي هوندي. ايندڙ ڀاڱن ۾ اهڙي خبر پڙهي، توهان کي مبارڪون ضرور لکندس.

١٢، اپريل ١٩٩٧ ڪمار تيجوالي (سنڌونگر)

ته جهڙوڪ اچي در کوليو ۽ اسان کي سيٽيءَ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو. اسان جي دل پٺي ڌڪ ڌڪ ڪيو. اسين سهميل، هڪٻئي سان سوڙها ٿي ويهي رهياسون. ٿوريءَ ئي دير ۾ پروفيسر صاحب پنهنجي مارننگ ريشمي گائون ۽ پٽاپٽي پتلون ۾، اندرين ڪمري مان، نهايت شهاڻي انداز ۾ اچي، سامهون پيل سندس لاءِ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. اسين پهرين اٿي بيٺاسون ۽ پوءِ سندس براجمان ٿيڻ تي ساڳئي هنڌ ويهي رهياسون. سندس شهاڻي شخصيت جو رعب ڏسڻ وٽان هو. سهڻي شڪل، قداور مڙس، شاندار ڏيلُ ! منهنجي دل ٻوليو هڙو ملوڪ شخص، سخت ٿي نٿو سگهي ... جهڙو اچي ويو، جڏهين اوچتو ڪڙڪ ۽ دهماني آواز ۾ چيائين، ’اوهان مڙئي ٻئي شاگرد ڪي به لڪچوري پنهنجي روم ۾ رهايو آهي، بنا اِجازت جي. اِهو ڏوهه آهي. اوهان هاسٽل جي نيم جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. اوهان کي سزا طور هاسٽل مان نيڪالي به ڏيئي سگهجي ٿي ...‘ اسانجو ته ساهه ئي سڪي ويو. مون التجائي نموني ۾ چيو، ’سر، اسانجي ان دوست کي رهڻ جو ڪٿي به بندوبست ڪونهي. هو اسان سان نوابشاهه مان آيو آهي ...‘ مون کي يڪدم ڪَٽي چيائين، ’هت هاسٽل ۾ اوهانجو سوشلزم ڪونه هلندو، جو مٿس قياس کائي ڪيس هت رهايوَ. هنڪي اڄ ئي هتان ڪڍو نه ته اوهان کي به نيڪالي ڏني ويندي.‘ اسانجو دم گهٽجڻ لڳو، پر همت ٻڌي چيم، ’سر، اچوڪو ڏينهن ڇڏيو ته هن لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ بندوبست ڪري وٺون. سڀاڻي کان هو هتي ڪين رهندو.‘ منهنجو ملڪاڻي صاحب لاءِ ويچار برابر نڪتو. هو يڪدم ڍرو ٿي ويو. پر تاڪيد ڪيائين ته اچوڪو ڏينهن معنيٰ اچوڪو ڏينهن، نه ته اوهان لاءِ نتيجو سلو نه نڪرندو، سڀاڻي اوهان جا ٽپڙ به هاسٽل کان ٻاهر هوندا.

هاڻي اسان اِهو سڪل ٻيهارڻو ته گلاب جو سامان اسان جي روم ۾ ٻيو رهندو؛ سمهندا به هو هتي، پر صبوح جو

بيلڪ ۾ سڏائيندو هو تہ همراه جو اڌ ساھ سڪي ويندو هو. دڙڪو دهمان اهڙو ڏئي جو اڳلي جو هوش ئي اُڏامي وڃي. رعبدار شخصيت جو مالڪ تہ هو ئي، پر پنهنجي رعب کي اجا بہ وزندار بڻائڻ لاءِ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هڪڙو نيٽ جو لڪڻ رکندو هو. پر هن ڪڏهن ان جو استعمال ڪيو هجي، مان نہ ڄاڻان؛ باقي ڌهڪاءُ سو پيدا ڪري رکيو هئائين.

پروفيسر ملڪاڻي کي الائي ڪيئن خبر ملي ويئي تہ اسان غير قانوني طور بنا اختياريءَ، بنا اجازت جي هڪڙو ٽيون شاگرد لڪائي پاڻ وٽ رهايو آهي. ضرور ڪنهن چغلي هنئي هوندي. انساني سڀاءَ ۾ اهڙي ورتي موجود آهي، جو پاڻ کي ڪجهہ حاصل نہ ٿئي تہ ٻئي کي سهي نہ سگهجي يا ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙين ڳالهين لاءِ هاسٽل جي سپرنٽنڊينٽ کي خابرو پنهنجي طرفان رکيا هجن، جو تہ اهڙين حالتن ۾ رڳو اسين تہ ڏوهاري ڪونہ ٿي ٿي سگهياسون. هين لاءِ بہ تہ ڪي مجبوريون ٿي سگهيون ٿي. قصو ڪوتاھ، وڃ اچي اسان جي مٿان ڪڙڪي. هڪڙي ڏينهن صبوح ساڻ، هاسٽل جو پٽيوالو جهمڪو اچي، نياپو ڏيئي ويو تہ صاحب بارهين بجي اوهان کي پنهنجي بيلڪ واري ڪمري ۾ گهرايو آهي. ملڪاڻي صاحب ڪٽنب سوڌو هاسٽل ۾ مٿين منزل تي رهندو هو. ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ - مئنا - بہ گڏ رهندا هئس. مئنا سڄي هاسٽل، بلڪ سڄي ڪاليج ۾ مشهور هئي. عاشق جيئڙا، پونئرن وانگر پيا سندس چوڌاري چڪر لڳائيندا هوا. سهڻي ايتري ڪانہ هئي، پر ڏسڻ جي ملوڪ ۽ موهيندڙ هئي. آزاد طبيعت ڪري جوانن سان رل مل ڪندي هئي. ڪيترين ڪهاڻيون هوا ۾ پيئون ترنديون هيون.

مان ۽ لوڪو ڊڄندا ملڪاڻي صاحب جي ٽئين منزل تي گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳاسون. اسان جي من ۾ ڪيئي انديشا هوا. بلڪل چپ هواسون. هڙهڙي قسم جي عدالت ۾ پهريون دفعو سڏ ٿيو هو. دروازي جي گهنڊڻي وڄائيسين

اسهيس تہ هڪ بند لفافو منهنجي هٿ ۾ ڏنائي، چيائين، ’تون شري ميارام چيلارام سان وڃي ملج. ڪيس هيءُ ڏيئي اچ.‘ وڌيڪ نہ مون کي ڇوڙ جي ضرورت هئي ۽ نہ ئي مون کي پڇڻ جي ضرورت هئي. بند لفافو ڪافي معنيٰ وارو هو.

ميارام چيلارام سنڌ جي هڪ وڏي واپاري ڪوٺي هئي. ڪراچيءَ مان سنڌن وڏو اناج جو واپار هلندو هو. پڇائيندو مان سنڌن نئين گليءَ واري ڪوٺيءَ تي پهتس ۽ ڀائو ميارام کي اِهو خط سپرد ڪيم. ڪيس سڀ ڪانگريسي ’ڀائو‘ ڪري سڏيندا هوا. هو مون کي ڏاڍي سنيھ سان پيش آيو. خط پڙهي اجا بہ ڀاڀوه مان چيائين، ’مون تنهنجي لاءِ گهڻو ٻڌو هو. ڏٺو اڄ اٿم. سوڀراجمل تو لاءِ چڱو لکيو آهي.‘ پوءِ ديش شيوا تي وياکياڻ ڏنائين. منجهند جي ماني بہ کارايائين. سنڌي واپارين جي ڪوٺين تي مهمان - نوازيءَ جي ريت صدين کان هلندي ايندي هئي. رنڌڻو سڄو ڏينهن چالو هوندو هو. آئي وئي کي ’ٽُڪو‘ کائڻ کانسواءِ نہ ڇڏيندا هوا. وڃڻ وقت مٺي تي هٿ گهمائيندي چيائين، ’ڪوبہ اونو نہ ڪج. مون کان هر مهني پنجاه روپيا وٺي ويندو ڪر.‘ منهنجو اڌ فڪر اُتي ئي پورو ٿي ويو تہ مٿان ميارام پاڻ ئي چيو، ’پنجاه روپين مان تنهنجي پورت ڪانہ ٿيندي. جلدئي تنهنجي لاءِ ٻيو بہ بندوبست ڪنداسون.‘ هاڻي تہ سڄو فڪر ڪافور ٿي ويو.

١٩٤٢ واري ’ڀارت ڇوڙو‘ هلچل هاڻي صفا ٿڌي ٿي وئي هئي. سنڌ ۾ فرقيپرستيءَ جي هلچل هاڻي زور تي هئي، جيڪا سنڌ ۾ ڪانگريس لاءِ ڳڻتيءَ جو باعث بڻجي رهي هئي، جو تہ سنڌ اندر مسلم ليگ جو اثر وڌي رهيو هو. عام مسلم ليگي پرچار ڏانهن مائل ٿي رهيا هوا. اٿيڙهيل، سادا ماڻهو مذهبي ڪٽرپڻي طرف جهڪي ويا هوا. ڪانگريس هنن کي قوميت طرف ڇڪڻ ۾ ناڪام رهي هئي، ٻنهنجي غلط نيتين ۽ لاپرواهيءَ ڪري. سنڌ جي اڪثريت (عام سنڌي

سويل اُٿي ڪوٺيءَ مان نڪري ڪاليج هليو ويندو. پوءِ ٿورا چڪر لڳائيندو، منجهند ڪان شام تائين برنس گارڊن ۾ ويهي پڙهندو. پوءِ رات جو دير سان اچي ڪمري ۾ سمهي پوندو. اهڙي انڪل سان اسين پهريون سڄو ٽرم ڪڍي وياسون. ٻئي ٽرم لاءِ جڏهين ڳوٺان ٿي موٽياسون ته ان وچ ۾ گلاب جي رهڻ جو بندوبست، پنهنجي ڪنهن عزيز وٽ ٿي ويو هو. ملڪاڻي صاحب کي مٿين ڳالهه جي ڄاڻ پيئي هئي يا نه، تنهن جي خبر خانود کي !

مون کي جيڪا ٻن اڍائي سوَن جي مدد شري آسنداس هيمراجاڻي معرفت ملي هئي، سا ته ڪاليج ۽ هاسٽل جي فين ڏيڻ ۽ ڪتاب خريدڻ ۾ پوري ٿي وئي. هاڻي ڪاڏي پيتي ۽ ٻئي هٿ خرچ لاءِ در مهني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ روپين جي ضرورت هئي. هيمراجاڻيءَ ڪانسواءِ نوابشاهه جي ڪانگريس نيتائن پڻ مونکي مدد ڪرڻ پئي چاهي. هنن منهنجي ڪم، همٿ، اُتساهه، سچائيءَ ۽ ۱۹۴۲ ۾ ڪيل قربانيءَ (پڙهائيءَ جو هڪ سال وڃايو هوم) جو قدر ڪرڻ ٿي چاهيو. شهر جي ڪانگريس پارٽيءَ جو سرڪردو هو، شري سوڀراجمل چوهڙمل. هو نه صرف پڪو گانڌيوادي ڪانگريسي هو، تمام سلڇهيل اِنسان، سياءَ جو ڪلمڪ ۽ ڪم ۾ به قُڙت هو، جنهنڪري شهر جي تنظيم سندس هٿ ۾ هئي. هو پارٽيءَ جو سڄو وقت ڪم ڪندڙ شيواڌاري هو. ڪاروبار هلائڻ جو ڏانءُ هوس ۽ پارٽيءَ لاءِ پيسو گڏ ڪرڻ جو به هنر هوس. سيڪريٽري ۽ خزانچيءَ جا ٻئي عهدا هو سنڀاليندو هو. مون سندس هٿ هيٺ ڪافي ڪم ڪيو هو ۽ ڪانئس ڪافي ڪجهه سکيو هوس. هڪ خاص ڳالهه جيڪا مون هن مان پرائي، سا اِها ته هو هرروز نت نيم سڄي ڏينهن جا ڪم هڪ ننڍڙي ٻني ٽڪريءَ تي لکي، صبوح جو گهران نڪرندو هو ۽ لڙيءَ منجهند جو واپس گهر موٽندو هو. سوڀراجمل کي منهنجي سڄي حال جي ڄاڻ هئي. جڏهين ڪاليج پڙهائيءَ لاءِ ڪراچيءَ لاءِ ٿي

ٻه صرف ڪندو هوس. رات جي ويلي تي مان ڪَٽل يا گجرون ڪائي، ڪچهري روڊ تي هڪ کير واري وٽان کير جو گلاس پي ڇڏيندو هوس ۽ هڪ ويلو بچائي وٺندو هوس. ساڳيو ويلو جي مان هاسٽل جي ڪئنٽين ۾ کان ته گهٽ ۾ گهٽ ڇهه روپيا لڳن ها. پر هن نموني ٻن اڍائي روپين مان ڪم هلي ويندو هو.

هوڏانهن ٻئي طرف سوڀو گيانچندائي، شانتينڪيتن مان پنهنجو آخرين امتحان ڏيئي پنهنجي ڳوٺ ٻنڌي (لاڙڪاڻي ضلعي) ۾ پهتو. ٿورو وقت ڳوٺ ۾ رهي، پوءِ اچي پنهنجي ماڳ ڪراچيءَ پيڙو ٿيو. سندس اچڻ سان ئي وديارٿي هلچل ۾ وري جرڪ شروع ٿي ويئي. ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي آفيس ۾ چهل پهل مچي ويئي. نوان - پراڻا چهرا اچي گڏ ٿيا. مان ۽ گوبند مالهي ٻه آتي گڏياسون. وديارٿين ۾ ٻه ڌريون هيون. هڪڙيءَ ڌر جي وفاداري ڪانگريس پارٽيءَ جي طرف هئي، ٻيءَ ڌر جي وفاداري ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏانهن هئي، پر ٻئي ڌريون ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين ۾ گڏجي ڪاربه ڪنديون هيون. سياسي مخالفت ۽ متڀيدن جي باوجود وديارٿين جي سوالن ۽ حقن بابت هو هميشه يڪراءِ ۽ يڪمشت هوا. ۽ اگر ڪا لڙت ٿيندي هئي، ته ٻئي گڏجي هٿ ۾ هٿ ملائي بيهنديون هيون.

جڏهن ئي نئون سال شروع ٿيو ته فين جي سوال تي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي اختياريءَ وارن سان اسٽوڊنٽس يونين جو ٽڪر شروع ٿي ويو. ڪاليج جي نوٽيس بورڊ تي جڏهن ئي فيون وڌائڻ جو سرڪيولر لڳايو ويو ته يونين هڪدم هڙتال جو سڏ ڏنو. سوڀي جي اڳواڻي هيٺ اسين سڀ سرگرم وديارٿي ڪاليج جي مکيه دروازي وٽ ملياسون، زوردار تقريرون ڪري شاگردن کي اپيل ڪئيسين ته فيون نه ڀريو ۽ اعتراض ۾ ڪلاس ڇڏي ٻاهر نڪري اچو. ميڙ ختم ٿيو ته اسين سڀ الڳ الڳ ڪلاسن ۾ گهڙي وياسون، وديارٿين کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ.

مسلمان) قومي تحرڪ کان ڪٽجي ويئي هئي.

سنڌي راڄنيتي اُفق تي هڪ ستارو چمڪيو هو. الله بخش سومرو وڏي قد وارو قومپرست نڪري نروار ٿيو هو. هو ڪانگريس جي پٺڀرائي سان سنڌ جو وڏو وزير بہ ٿيو هو ۽ وري سندن ئي. ڀاري غلطي ۽ غلط فيصلي ڪارڻ هن جي وزرات کي شڪست ملي ۽ سنڌ جون راڄنيتي حالتون خطرناڪ موڙ وٺي ويئون، جنهن جو ڏکدائي انت اِهو ٿيو جو الله بخش سومرو مسلم فرقيپرستيءَ جو شڪار ٿيو ۽ شهيد بڻيو. قومپرستيءَ جي لهر جي جيڪا مشعال هن هٿ ۾ کنئين سا بہ اُجهامي ويئي. اِهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ دلسوز باب آهي، جنهن ۾ هن وقت نہ ويندس.

الله بخش جي حمايتن سنڌ جي مسلمانن کي ليگ جي زهري اثر کان ڇڏائڻ لاءِ ڪراچيءَ مان روزاني 'آزاد' اخبار شروع ڪئي. مون کي 'ڀائو' ميارام جي معرفت آڇ ٿي تہ مان شام جي وقت ٿوري وقت لاءِ اُن ۾ ڪم ڪريان. مون هڪدم آڇ قبول ڪئي - هڪ طرف مون کي سنڌ جو وجهہ ملي رهيو هو ۽ ٻئي طرف اخباري ڪيتر ۾ منهنجي اڄيوڪا جو مسئلو حل ٿي رهيو هو ۽ وري پريس هئي بہ هاسٽل جي بلڪل ڀر ۾. مون کي شام جو ستين بجي کان يارهين بجي تائين رائٽر معرفت آيل خبرن کي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ آٿلو هو. منهنجي لاءِ دلپسند ڳالهہ هئي. اخبار نويسيءَ ۾ اهو سمو ڄڻ منهنجي لاءِ ٽريننگ جو وقت هو. 'آزاد' اخبار فرقيپرست 'الوحيد' روزاني اخبار جي مقابلي ۾ نڪتي هئي. 'الوحيد' سنڌ مسلم ليگ جو 'مائوٿ پيس' هئي ۽ رات ڏينهن قومپرست رهنما الله بخش خلاف زهر اوڳاريندي رهندي هئي.

'آزاد' اخبار ۾ ڪم جي اُجوري لاءِ مون کي پنجاهہ روپيا ملڻ لڳا. هاڻي مون کي پورو آٿت آيو. ڪافي سنجم ۽ ڪفايت سان هلندو هوس. بہ ويلا سادو کاڌو کائيندو هوس. بوءِ بہ جي ڪوٽ ٿيندي هئي تہ پکيءَ طرح ياد آئم تہ آڇا

ڪئيسين ۽ فيس وڌائڻ جي قدم جي سخت ننڌا ڪئيسين ۽ حڪم واپس وٺڻ جي طلب ڪئيسين. سوين وديارٿين جو جلوس ڪاهي ڪاليج کان ٻاهر آياسون ۽ آسپاس جي رستن ۽ گلين ۾ جلوس کي ڦيرايوسين ۽ وچ چوڪ تي ميڙ ڪيوسين، جتي يونين جي ڪن نيتائن ڀاشڻ ڏنا ۽ اِهو اعلان ڪيائون تہ سڀاڻي کان وٺي هڙتال جاري رهندي ۽ اسان جا ڪي ساٿي ڪاليج جي مکيہ دروازي تي پڪيٽنگ ڪندا ۽ ڪنهن کي بہ اندر اچڻ نہ ڏيندا. ۽ اِهو بہ فيصلو ورتو ويو تہ سڀاڻي کان اسان جا چار ساٿي اعتراض طور ڪاليج جي حاطي اندر بک هڙتال تي وهندا. بروقت نالا وٺي اُتي جو اُتي ظاهر ڪيا ويا - سيتل درياناڻي، آڏو رائسنگهاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ چوٿين هئي هڪ وديارٿڻ ڪماري گوڪلاڻي (پهريون نالو ياد ڪين رهيو آهي) بک هڙتال جي ٽئين ڏينهن تي ڪاليج اِختياري وارا، مجبور ٿي سمجهوتي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. ٻنهين ڌرين جي وچ ڳالهيون هليون. نيٺ وڌايل فيس جي اڌ ڪٽر تي سمجهوتو ٿيو. اسان کي بہ سوڀ جو احساس ٿيو ۽ ڪاليج وارن جي پڻ رهجي آئي. حاضر شاگردن جو اُتي جو اُتي ميڙ ڪري، کين سمجهوتي جا تفصيل ٻڌائي سنتوش ڏنوسين تہ اسان کي سوڀ ملي آهي. پوءِ رس جا گلاس پي بک هڙتال ختم ڪئيسين.

ٿوري وقت لاءِ وديارٿي هلچل، جيڪا مائي ٿي ويئي هئي، ڏيري سرگرم ودياٿين جي جيل مان آزاد ٿيڻ تي نئون روپ وٺڻ لڳي ۽ ٻي حقيقت جيڪا چٽي ٿي بيٺي، سا اِها تہ ودياٿي هلچل هاڻي ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي. ھڪڙي ڌر هئي، جنهن جو ڪانگريس پارٽيءَ جي نيتين ۾ وشواس هو ۽ ٻي ڌر هئي اُنهن جي جيڪي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا طرفدار هوا ۽ ان جي نيتين جي پليرائي ڪندڙ هوا. ١٩٤٢ واري ’ڪئٽ انڊيا‘ هلچل، سياسي سطح تي ملڪ کي ڄڻ ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو - هڪڙا هوا گانڌي ڌر

مون اُن ۾ تمام تکو بهرو ورتو. پهريون پهريون ڪلاس جيڪو منهنجي سامهون آيو، نعرا هڻندو اندر گهڙي ويس. اتفاق اِهو، جو اُتي انگريزي ساهت جو مشهور اُستاد، جبري شخصيت جو مالڪ ٽي. ايم. آڏواڻي (جيڪو پوءِ هتي پارٽ ۾ ممبئي ۾ جئہ هند ڪاليج جو پرنسيپل بڻيو) ڪلاس کي وليم شيڪسپيئر پڙهائي رهيو هو. مان ڪاليج ۾ نويل هوس. ٽي. ايم. (مختصر ۾ ڪيس ٽي. ايم. سان سڏيو ويندو هو) جي دهشت ۽ دٻدٻي کان غير واقف هوس. بنا هٻڪ ۽ هچڪ جي ڪلاس اندر گهڙندي ئي شاگردن کي مخاطب ٿي زوردار آواز ۾ اپيل ڪيم (انگريزيءَ ۾) : ’شاگردن جي حقن جي بچاءَ ۾ ٻاهر نڪري اچو ... شاگردن جي مٿان وڌيڪ بوجو هرگز قبول نہ ڪنداسون ... فين جي واڌ جو فيصلو واپس وٺو ...‘ مسٽر ٽي. ايم. آڏواڻي ڪلاس ڇڏي ٻاهر نڪري ويو. شاگرد بہ ٻاهر نڪري آيا. ميڙاڪو ڪري، اسين پاسي واري، مسٽر چيتن ماڙيوالا جي ڪلاس ۾ گهڙياسون، جتي هو اِتهاس پڙهائي رهيو هو. مان جيستائين ڪو واڪو ڪريان، تنهن کان اڳ هن مونکي سڏي چيو : ’جوان (ينگ مئن) تون پهلي هتي ويهي شاگردن کي اپيل ڪر. جيڪي تنهنجي اپيل تي ٻاهر نڪرڻ ٿا گهرن تن کي مان نہ روڪيندس، باقي زوريءَ وديارٿين کي ٻاهر ڪڍڻ جو مان وروڌ ڪندس. جيڪي نڪرڻ نٿا چاهين مان انهن جي پڙهائيءَ ۾ رخنو وجهڻ نٿو چاهيان.‘ مون زوردار اپيل ڪئي. وديارٿين جي حقن ۽ ايڪتا جو واسطو وڌو. پَلَ پُرَ لاءِ سناٽو ڇانئجي ويو ... پوءِ هڪڙو وديارٿي اُٿيو، ٻيو اُٿيو، ٽيون اُٿيو ۽ ائين سڀ وديارٿي اُٿي بيٺا ۽ ٻاهر نڪري آيا ... مسٽر چيتن ماڙيوالا، هن واقعي جو پنهنجي پستڪ ’سانپر جي درسني تان‘ ۾ روچڪ نموني ۾ ذڪر ڪيو آهي.

سيني ڪلاسن مان ٻاهر آيل وديارٿي (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) ڪاليج جي ڇاٽي ۾ گڏ ٿي ويا هوا. وڏو جلوس ٺاهي، ڪاليج جي پرنسيپال جي آفيس جي ٻاهران اچي زوردار نعربازي

ڪانفرنس جي رسمي ڪارروائي، ٺهراءَ وغيره ڏاڍي اُمنگ ۽ پرجوش وايومنڊل ۾ پورا ٿيا. پر جڏهن چونڊن جو سمو آيو ته فضا ۾ گرمي ۽ ترشي پيدا ٿي ويئي. اُميد اِها هئي ته ٻڪراءِ مون کي جنرل سيڪريٽري، چونڊيو ويندو ۽ پوءِ مان پنهنجي پسنديءَ سان ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي ميمبر نامزد ڪندس، جيڪي باقي عهديدارن جي چونڊ ڪندا. نوابشاه ضلعي جي ڊيليگيشن جو مضبوط جٿو منهنجي پٺيان هو ۽ ساڳئي وقت ڪکو آسرائيءَ پڻ سکر - شڪارپور جي ڊيليگيشن مان منهنجي لاءِ خاصي پٺڀرائي حاصل ڪري ورتي هئي. ڪراچيءَ مان آيل ڪي ڊيليگيٽ به منهنجي حمايت ۾ هوا. پر چڪر ڪجهه ٻئي نموني ڦري ويو. مدي خارج، ڪميونسٽ وروڌي عناصرن منهنجي خلاف ڳجهو پرچار شروع ڪري ڇڏيو ته ڪيرت ڪميونسٽ آهي. جيڪو ليو سکر جيل ۾ لڳو هو، سو هٿ به منهنجو پيڇو ڪندو رهيو. هِنَ ڏر جا مکيه سرڪردا هوا، لڇمڻ راڄپال ۽ سخاوت چوڻوائي. هنن هڪڙو شستر هلايو. نوابشاه ضلعي جي هڪ ٻئي برک ۽ سرگرم وديارٿي ڏئي ناٿاڻيءَ کي الڳائي ميدان ۾ لاٿو ۽ جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ ڪٿي منهنجي خلاف ڪڙو ڪيو. ڏيو ناٿاڻي منهنجو به يار ۽ ساٿي ڪم ڪندڙ هو، پر عهدي جو چشڪو هوندو هوس ۽ سندن جار ۾ ڦاسي ويو. اسان جي همراهن کيس گهڻو سمجهايو، پر يار ضد تان نه لٿو. ٻنهي طرفن کان ڏاڍو زور لڳو ۽ ڪَرُڪَ مقابلو ٿيو. ووٽن جي ڳڻپ ۾ ٻنهي کي هڪ جيترا ٩٧ - ٩٧ ووٽ مليا ۽ ڳالهه منجهي پيئي. بنگال مان آيل مهمان سلي تجويز پيش ڪئي. ڇي ڪٿي ٻڪو وجهو، جنهن جي فائدي ۾ نڪري، سو جنرل سيڪريٽري بڻجي. ٻنهين اُميدوارن مهمان جي رٿ کي قبول ڪيو. ڏڙڪندڙ دل سان ٻڪي جو انتظار ڪيوسين. ٻڪو منهنجي فائدي ۾ پيو. اسان جي ڪئمپ ۾ خوشي ڇانئجي ويئي ۽ ساٿي هنبوڇيون هڻڻ لڳا. ڪيترن ڏئي ناٿاڻيءَ کي خوب شرمايو جو عهدي جي لالچ ۾ اچي،

جي ويچارن وارا شخص، پارٽيون ۽ ٻڌيمان، جيڪي مارڪسوادي فلسفي ڏانهن مايل هوا ۽ ٻيا هوا ساڄي ڌر وارا شخص، پارٽيون ۽ ٻڌيمان، جن گانڌيوادي ويچار ڌارا ۾ وشواس ٿي رکيو ۽ اڪثر انڊين نئشنل ڪانگريس ڏانهن وفادار هوا. پهريون دفعو چٽيءَ طور ڀارت جي راڄنيتيءَ ۾ ٻہ مخالف ويچار ڌارائون، هڪ ٻئي جي سامهون کڙيون ٿي بيٺيون هيون. سياويڪ وديارٿي هلچل پڻ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي هئي.

١٩٤٢ کان اڳ وديارٿين جي گڏيل سنسٿا هئي 'آل - اِنڊيا اِسٽوڊنٽس فيڊريشن'، پر هاڻي اُها بہ مٿي ذڪر ڪيل متڀيدن جي بنياد تي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. ڪانگريس ويچارن واري ڌر، نئين سنسٿا 'آل اِنڊيا اِسٽوڊنٽس ڪانگريس' ناهڻ جو اعلان ڪيو. سنڌ ۾ پڻ 'آل سنڌ اِسٽوڊنٽس ڪانگريس' ناهڻ لاءِ يتن شروع ٿي ويا، جنهن ۾ ڪڪو آسراڻيءَ (شڪارپور واري) ڏاڍو تکو ڀهرو ورتو. سندس ئي ڪوشش سان سنڌ جي الڳ الڳ شهرن جي چونڊ سرگرم وديارٿين جا ٻہ ميڙ سڏايا ويا، جن ۾ مون بہ ڀهرو ورتو. هڪڙو ميڙ مولي پارواڻيءَ جي دعوت تي ڪوٽڙيءَ ۾ سڏايو ويو، جنهن ۾ ڪڪو آسراڻي جو تيار ڪيل، سنسٿا جي جوڙجڪ جو مسوّدو بہ بحال ڪيو ويو، جنهن جي بنياد تي ١٩٤٥ ڌاري، لاڙڪاڻہ ۾ 'آل سنڌ اِسٽوڊنٽس' جو اجلاس ڪوٺايو ويو. اٽڪل بہ سؤ کن وديارٿي ڊيليگيٽ، گهڻو ڪري سڀني مکيہ شهرن مان آيل، ان ۾ شامل ٿيا. اِجلاس جي مهورت لاءِ شري اربندو بوس کي گهرايو ويو هو، جيڪو سڀاش چندر بوس جو ڀاڻيو هو ۽ بنگال جي وديارٿي هلچل جو برک نيتا هو. ڏاڍو خوبصورت، برجستو ۽ ذهين جوان هو. غضب جو تقريرباز هو. سندس ڀاشڻ حاضرين ۾ بجليءَ جو اثر پيدا ڪيو - جڻ ديش ڀڳتيءَ جي نهر اُٿلي پيئي هئي. سِٽَ سِٽَ تي ماڻهن تاڙين سان سندس دلي سواڳت ڪيو ۽ قومي نعرن سان سندس صادق جذبي جي موٽ ٻيڻي ڏني ۽ اُتساه کي ٻيڻي وڌايو.

(جنهن کي پاڪستان ۾ جبرو قومي اڳوان آهي) ۽ ٻيو هو سنڌ مان ڪيرت ٻاٻاڻي. ٻنهين ننڍين پرانتن کي عزت ڏيڻ لاءِ اسان ٻنهين کي وائيس - پريزيڊنٽ جي پد تي چونڊيائون.

ڪشو ڪيولراماڻيءَ سان ته اُن سمي، منهنجي ڪراچيءَ ۾ ملاقات ٿي. هو شهاڻي لا ڪاليج جي سامهون، ڪنهن جڳهه جي هڪ ننڍي فليٽ ۾ اڪيلو رهندو هو. ڪشو ڪيولراماڻي هڪ وڏو انقلاب پسند شخص ۽ اعليٰ قد جو ٻڌيمان هو. سندس جيون ڪهاڻي تمام دلچسپ ۽ اڏيت رهي آهي، پر اُن جو تفصيلي احوال مان هت نه ڏيئي سگهندس، ڇاڪاڻ ته اُهو منهنجي ڪهاڻيءَ کان ته وڏو داستان ٿي ويندو. پر ٻوءِ به ڪجھ پنهنجي طرفان خراج عقيدت پيش ڪندي، پاٺڪن کي هھڙي اعليٰ درجي جي مفڪر جي جيون جي جهلڪ ضرور ڏيکاريندس. ڪشو ڪيولراماڻي سنڌ جي اُنهن چند آڳرين تي ڳڻڻ جهڙن بلند پائي جي عاقلن مان هو، جن تي سنڌي جاتي بجاطور فخر ڪري سگهي ٿي.

ڪشو نوابشاه ضلعي جي ٻرين جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. اسڪولي جيون ۾ ئي ڏاڍو ذهين هو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هو وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ انگلنڊ هليو ويو، جتي نوڀسند (ريڊيڪل) ويچاروانن جي صحبت ۽ اثر هيٺ سامياد طرف ڇڪجي ويو ۽ برٽن جي پورهيت تحريڪ ۾ ڀڻ شامل ٿيو. اُن زماني ۾ پارٽي وديارٿين جيڪا پنهنجي سنستا 'اِنڊيا ليگ' ناهي هئي، جنهن ۾ ڪرشنا مينن اڳرو هو ۽ اِندرا گانڌي به ميمبر هئي، تنهن جو ڪشو ڪيولراماڻي پرڌان به بڻيو هو. ١٩٣٩ ۾ هو انگلنڊ مان واپس وريو ۽ فورن ڪراچي مزدور تحريڪ ۾ گهڙي پيو. اُن ئي سال ٻي مهاڀاري جنگ ڇڙي پئي. هٽلر جي فاسيسٽ طاقتن جي خلاف سڄي دنيا جي جمهوري ۽ ترقيپسند عناصرن ۽ شڪتين ملي، آواز بلند ڪيو، حملي جي نندا ڪئي. ڪشو ڪيولراماڻي ڀڻ پنهنجن ساٿين قاضي مجتبيٰ (پورهيت اڳوان) سنتوش ڏرماڻي ۽ پريتم ٿهلراماڻي

بين جي چرچ تي مقابلو ڪري، هار ڪاڏي هئائين. مان پنهنجي سوپ تي ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيس جو سڄي سنڌ جي شاگرد هلچل جو چڻ منهنجي مٿان پيو هو.

١٩٣٥ جي پڇاڙي ڌاري آل انڊيا اسٽوڊنٽس ڪانگريس جو اجلاس دهليءَ ۾ سڏايو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي وفد جي اڳواڻي مون ڪئي. ڪڪو آسراڻي ۽ ٻيا وديارٿي مون سان گڏ هوا. ١٩٤٢ جي 'ڀارت ڇوڙو' هلچل جو پرم اِنقلابي هيرو جئہ پرڪاش نارائڻ هن اِجلاس جي مهورت لاءِ گهرايو ويو هو. سڄي ڀارت مان هزارين ڊيليگيٽ اچي شامل ٿيا هوا. چوڌاري، وڏي شاهي پنڊال ۾ 'جئہ هند' ۽ 'جئہ پرڪاش نارائڻ زنده باد' جي نعرن سان فضا گونجي اُٿي. هوا ۾ جوش ۽ جنبش هئي. ڀارت جي نوجوان طبقي جا ڪيترائي سورما ۽ آزاديءَ جا پروانا، اِجلاس ۾ ڀاڱہ وٺي رهيا هوا، جن ١٩٤٢ واري هلچل ۾ سورهيائيءَ جو رول ادا ڪيو هو ۽ ڀيج ڊاڍ جي ڪارروايون ۾ سِرَ جي سٽ بہ ڏني هئي. سڀ سوره سپاهي ڪنڌ اوچو ڪري فخر سان هلي رهيا هوا.

اجلاس اڳيان ڪيترا ٺاهہ پيش ٿيا، جن ۾ هڪ طرف انگريز سلطنتشاهيءَ کي سخت اکرن ۾ نِنديو ويو، جو هنن هلچل کي ڪچلڻ لاءِ اکيچار ظلم ڪيا هوا. ديش ڀڳتن جو رت وهايو هو ۽ وحشاني ڪارروايون ڪيون هيون. ٻئي طرف سوروِيرن کي سندن قربانيءَ لاءِ شرڌانجلي ڏني وئي ۽ عام توڙي خاص ڀارتواسين کي، سندن بهادر ٿي ستم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ساراهيو ۽ داد ڏنو ويو. آزاديءَ جي ٿُهر کي دهرايو ويو ۽ جلدي ڀارت ڇڏڻ جو، ڌارين سرڪار کي چتاءُ بہ ڏنو ويو. رسمي ڪارروائيءَ کان پوءِ آل اِنڊيا اسٽوڊنٽس ڪانگريس جي عهديدارن جي چونڊ ڪئي وئي. روبندر ورما کي سنستا جو پرڌان چونڊيو ويو ۽ ٻہ وائيس پريزيڊنٽ چونڊيا ويا، جن ۾ هڪڙو هو اُتر اولهہ سرحدي علائقي جي مهان نيتا خان عبدالغفار خان (سرحد جي گانڌي) جو ڀٽ خان ولدخان

ڪندو رهيو. هن انگريزيءَ ۾ هڪ ماهوار مخزن 'پاڪستان ٽائيمس' به ڪجهه وقت لاءِ شايع ڪئي هئي. نيٺ ڪيس مجبورن پاڪستان ڇڏڻو پيو. هِتِ ڀارت ۾ اچي هن سرلا سان شادي به ڪئي ۽ اخبار نويسيءَ جو پيشو اختيار ڪيو. سنڌي هلچل، جيڪا سنڌو سماج، دهليءَ جي زير سايي شروع ٿي، تنهن جي شروعاتي اڳواڻي حشو ڪيولراماڻي ڪئي. ١٩٥٧ واري پهرين سنڌي ٻولي ڪنوينشن جي وقت هو سنڌي سماج (دهلي) جو پرڌان هو ۽ اِتهاسڪ ڪارنامو ڪري ڏيکاريائين. سنڌيت جي هلچل جي تاريخ ۾ اِهو سال ۽ اِهو واقعو زبردست اهميت ٿا رکن جنهن جو ذڪر پنهنجي جڳهه تي ايندو.

ٿورن سالن کانپوءِ حشو دهلي ڇڏي اچي بمبئيءَ ۾ وسيو پر سندس ذهني ميزان ليڪ نٿي لڳو. اهڙو ڪجهه ڇا ٿي گذريو جو، سندس من ۽ دماغ جي اِستٿي بگڙي ويئي هئي. هن جو وهنوار ۽ ويچار ڪجهه عجب ۽ اساڌارڻ پئي لڳو. ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هوائين. ويجهن دوستن وٽ ويندو هو. ڪنهن کان ٻه روپيا، ڪنهن کان پنج روپيا ته ڪنهن کان ڏهه روپيا گهري وٺندو هو، ائين چئي ته 'مان هڪ آتم گرنٿ ( World Classic ) ويٺو لکان، جنهن مان لکڻ ۾ مون کي رائلٽي (اجورو) اچڻو آهي. مان هيءُ قرض طور ٿو وٺان، جيڪي پنهنجي ڊائريءَ ۾ داخل ڪندو ٿو وڃان ۽ جڏن ٿي منهنجي رقم آئي ته مان سڀني کي اهو قرض موٽائي ڏيندس ...' ائين هو چانهه ڊبلروٽيءَ تي گذران ڪندو هو. سگريٽ کانسواءِ به رهي نه سگهندو هو. هڪ ٻئي پٺيان ڦوڪيندو ويندو هو. سستي اگهه وارو سگريٽ خريد ڪندو هو. ڳالهائڻ ۾ پوندو هو ته ڄڻ بند نٿي پيو. نڪو ڪنهن کي ڳالهائڻ ڏيندو ۽ نڪو پاڻ کٽي دم پٽيندو. گهڻي ڀاڱي هوش ۽ عقل سان ڳالهائيندو هو ۽ ڏاڍو اثرائتو لڳندو هو، پر جي اوچتو جُجڪي آيس ته پوءِ پٽي تان لهي وڃندو هو. اهڙيون اڌيٺ ڳالهيون ڪندو جو سندس شنوائيءَ ۾ ئي شڪ پئجي وڃي.

(وديارٿي اڳوان)، سان مليو، وديارٿين ۾ پورهيتن ۾ جنگ خلاف ڪراچيءَ جي رستن ۾ گلين ۾ جلوس ڪڍي پرچار ڪيو، جنهن ۾ هنن انگريزي سلطنتشاهي خلاف ۽ ڀارت جي آزاديءَ جي حق ۾ به زوردار ڀاشڻ ڏنا. انگريز سرڪار بغاوت جي ڏوھ ۾ حشو ۽ سنتوش کي ۱۹۴۰ ۾ گرفتار ڪري وڃي ڪراچي جيل ۾ بند ڪيو. هڪ سال جيل جي سزا ڪاٽي جڏهين ٻاهر نڪتو ته صفا خاموش ٿي ويو. گذر بسر جو به ڪو وسيلو ڪونه هوس. ڪئان گذران ڪندو هو، تنهن جي ڄاڻ ڪانه پوندي هئي. ڪي سرندي وارا دوست ۽ ڪي شرڌالو شاگرد شايد سندس مدد ڪندا هوا. شاگرد هلچل ۾ هڪ پنجابي ڇوڪري، سرلا آهوجا سان پريت لڳي ويئي هئس، شايد هوءَ به کيس مدد ڪندي هئي.

حشوءَ سان سندس ڇانھ جي ڪوپ تي ويهي، مانڪ ڪري سندس چٽگائي ويچار ہڏڻ هڪ قسم جي ذهني مجلس هئي. هو سياسي ڄاڻ ۽ علم جو ڀنڊار هو ۽ انگريزي ڀاشا تي ايڏو ضابطو هوس، جو خود انگريز به حيران ٿي وڃن. ڪنهن به وشيہ تي، هڪ ته وڏي اختياريءَ سان ڳالهائيندو هو ۽ ٻيو ته سندس لفظن ۽ دليلن ۾ ايترو ته زور هو جو تيز ڌارا وهندي ٿي وڃي، بنا بيهڻ جي. کيس ہڏڻ ۾ آنند ايندو هو ۽ ڪافي ڪجھ علم حاصل ٿيندو هو. راجنيتي فلسفي ۾ ته هو پربيڻ هو، پر ٻين علمن ۾ پڻ سندس حاصلات حيرت جهڙي هئي. مان اڪثر ونس فليٽ ۾ هليو ويندو هوس، کيس چانھ جي دعوت ڏيئي پرواري ايراني ريسٽارنٽ ۾ وٺي ايندو هوس. ٻه چاهيون ۽ ڪارن بسڪيٽن جي هڪ پليٽ گهرائي وٺندو هوس. هڪ چانھ تي ٻہ - ٽي ڪلاڪ لڳاتار سڄي دنيا جي سياست تي ڳالهائي ويندو هو. مان سندس ڳالهائڻ کان ڏاڍو متاثر ٿيندو هوس.

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ حشو سنڌ جي مهان اڳوان جي. ايم. سيد سان گڏجي سنڌين جي حقن لاءِ به جدوجهد

نرڪي پارٽيءَ ۾ ڳڙهي، اِلائي ڪٿي وڃي دفن ٿيو هوندو. ٻيو انومان اِهو به آهي ته مسائيءَ، ٽن سون روپين قرض جي لالچ تي، حشوءَ کي گهور اونداهي رات جو فائدو وٺي، ختم ڪري، ان مسالي ۾ پوري چڙهيو ٿو ڏسجي. اِهو انومان برڪ ليڪ موهن ڪلپنا به ڪڍيو هو، جنهن به حشوءَ جي پوئين ڏينهن ۾ ڏاڍي مدد ڪئي هئي. اهڙي قسم جي رپورٽ پوليس کي به ڪئي ويئي هئي. پر ان جو ڪوبه نتيجو ڪونه نڪتو. ڪيئن به هجي، هڪ اعليٰ سنڌي هڏيمان جي پڇاڙي جهڙي تنگ دستي ۽ دردناڪ نموني ۾ ٿئي، سا نهايت پيڙادائڪ ۽ اسان سڀني لاءِ 'حيف' لائق آهي.

ڪاليج جي فين جي سوال تي ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي سوڀ ٿي ته سنسٿا جي نئين سرتنظيم ڪرڻ لاءِ اُتساھ پيدا ٿيو، جنهن لاءِ پهريون قدم اِهو سوچيو ويو ته يونين جون چونڊون ڪيون وڃن. اِها اُن وقت طئه شده ڳالهه هئي ته يونين جي اندر ٻه مخالف ڌريون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڪڙيون هيون-ڪانگريس ڌر ۽ ڪميونسٽ ڌر. اِها منهنجي خوشنصيبي هئي يا بدنصيبي (ڪيئن چوان!) مان ٻنهي ڌرين ۾ مقبول ٿي چڪو هوس. اِها به حقيقت آهي ته ڪميونسٽ ڌر کي تمام ويجهو اچي ويو هوس، جيڪا ڳالهه ڪانگريس ڌر کي ڪانه ٿي وڻي ۽ مون کي شڪ جي نظر سان ڏسندا رهيا. ڪميونسٽ ڌر اِها رٿ ڏني ته اگر ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين جي سيڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ ڪيرت جو نالو ڏنو ويندو ته هو ڪيس ووٽ ڏيندا ۽ پنهنجي طرفان ٻيو ڪوبه اُميدوار ڪڙو ڪونه ڪندا. پر ڪانگريس ڌر وارن کي شڪ پئجي ويو ته ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي لوڪ پريتا جي آڙ ۾ هو پنهنجو ماٺو ٿا چونڊائن ۽ يونين تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهين. ڪافي وادوواد شروع ٿي ويئي. ڪانگريس ڌر وارن ۾ ڪي منهنجا همدرد ۽ حمايتي هوا، پر ڪي ڏاڍا ڪٽر ۽ وروڌي به هوا، خاص ڪري اهو گروه، جنهن سڄو ڪانفرنس وقت به منهنجي مخالفت

اڪثر چوندو هو : مان جيڪو پستڪ لکان ويٺو، ان جو هڪ هڪ صفحو پارت جو راشٽرپتي گهرائي وٺندو آهي ... پارت جو پرڌان منتري اِندرا گانڌي کي بہ اهم فيصلا ڪرڻ کان اڳ مون سان صلاح ڪندي آهي، جيڪي بہ دنيا ۾ نيون ڪوجنائون ٿين ٿيون، تن جي پهرين اڳڪٿي مان ڪندو آهيان. مطلب تہ ڪيتروئي بيبجوڙ ۽ اٽڪلندڙ ۽ وشواس کان ٻاهر چوندو ويندو هو. ظاهر هو تہ هو اتي - اهم ( Super Ego ) جي احساس ۾ مبتلا هو. اِها ڳالهہ سياويڪ بہ هئي، جيڪو شخص ايڏو عقل جو صاحب، جو مائٽن ڪيس ڪليڪٽر بڻجڻ جي آس سان اِنگلنڊ موڪلي ڏنو سو هن نموني بلڪل ناڪامياب ۽ نڪمي زندگي گهاريندو هجي، سو پنهنجي اهم کي ڪو تہ آٿت ۽ آسرو ڏيئي پنهنجي جيون سڦل هئڻ جي ڀرم کي پاليندو ....

رهڻ لاءِ شروعات ۾ تہ پيبدر روڊ تي پنهنجي بيڙي پيڻ جي گهر جي ڪليل بالڪنيءَ ۾ هڪ فراسي ۽ هڪ چادر سان ڪم هلائي ويندو هو، پر رات جو تمام دير سان اچڻ ڪري ڪيس اُتان بہ نيڪالي ملي. پوءِ تہ هو بلڪل لاوارثن وانگر ڪڏهين ڪٿي، تہ ڪڏهين ڪٿي سمهي پوندو هو، رات ڪاٽي، وري بمبئيءَ جون گهٽيون ۽ رستا ڪڇيندو وتندو هو. ڌرمشالائن ۾، پليٽفارمن تي يا مسائن ۾ رات گذاريندو هو. آخرين ڏينهن ۾ اُلهاسنگر (سنڌونگر) جي مسائن ۾ رهندو هو ... پوءِ اوچتو لاپتا ٿي ويو.

آخرين وقت تي جنهن شخص کيس ڏٺو هو، سو سندس ويجهو مائٽ آهي، مسٽر ماڌو پمپاڻي، جنهن کان آخرين دفعي هن ٽن سؤن روپين جي گهر ڪئي ۽ ضد ڪري تي سؤ روپيا کيسي ۾ وجهي ٻاهر نڪري ويو. اُن ڏينهن تي اوڙڪ برسات پئي پئي. گهٽيون، رستا، نديون نارا ٿي لڳا. سندس لاپتا ٿي وڃڻ جو هڪڙو انومان اِهو آهي تہ هو سنڌونگر ويندي ويندي، اهڙي ڀيانڪ رات جي اونداهيءَ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي

رهيو. اهوئي هڪڙو هٿيار هو، جنهن سان ڪين ڪٿيو پئي ويو. ڪميونسٽن مٿان سياست جي اِها پتَ گهڻو وقت هلي آهي ۽ اڃا بہ هلي پيئي، جيتوڻيڪ ڀارت ۾ ڪافي عرصي کان ڪن پرديشن ۾ ڪميونسٽ سرڪاريون لوڪ پريہ بڻجي گهڻي وقت کان راڄ ڪري رهيون آهن. هاڻي تہ خود مرڪزي سرڪار ۾ ڪميونسٽ اڳوان وڏا جوابداريءَ جا کاتا بہ سنڀالي رهيا آهن. پر ڪيترن ئي ڀارتواسين کي ۽ ڪن راڄنيتي پارٽين کي 'ڪميونسٽ ڀوت' اڃا بہ ڏيڇاري رهيو آهي.

هڪ طرف انساني فطرت ۾ گهري ويٺل تنگدلي، اهڙي وهنوار لاءِ جوابدار آهي ۽ ٻئي طرف اِهو بہ سرؤياپي سچ آهي تہ جڏهين ستا حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهہ آهي تہ ان ۾ ڪوبہ هٿيار ڪم آڻڻ روا ليکيو ويندو آهي.

سياسي ويچارن کي ڪٿي، منهنجي جيون ۾ ڦيريون دفعو وڏي سنگهرش سامهون آئي. هيلتائين تہ مان پنهنجي من موڄ ۾ پئي هليس. سياسي چتائي ۽ چڪتاڻ جو گنڀير عملي تجربو نڪو پاتو هوم، نڪو تصور ۾ آندو هوم. راڄنيتي کيتر ۾ ساڌارڻ تفاوت ۽ ڀن ڀن ويچارن جي وچ ۾ متڀيد تہ سڀاويڪ هوا، پر انهن کي ڪيتري حد تائين ڇڪڻ ۽ تاڻڻ گهرجي، سا هڪ پنهنجي قسم جي راند آهي ۽ ان کي لڳي ٿو تہ ڪو پنهنجو منطق ۽ مراد آهي. ٻئي طرف اِها بہ حقيقت آهي تہ مان ٻن ويچارن جي وچ ۾ اُلجهيل هوس.

قوم-پرستيءَ جي ڀاونا ڇانيل هئي ۽ سماجواد جا ويچار بہ مون تي حاوي هوا، جيڪي ڪنهن بہ حالت ۾ قومپرستيءَ جي ضد ۾ ڪونہ هوا. ڀارت جي سياسي آزادي (انگريزي راڄ جو انت) اِيتري ئي ضروري هئي، جيتري ٻکي ۽ اُگهاڙي ڀارت جي جنتا لاءِ آرٿڪ آزادي (روٽي، ڪپڙو، مڪان). انهن ٻنهي ڳالهين ۾ ضد ڪٿي هوا مون تہ هيڪاري اِئين ٿي سمجهيو تہ مان اِنهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ پُل آهيان ۽ ٻنهي کي ٻنهنجي ڪوشش سان ويجهو آڻيندس ۽ ودڀارٿي تحريڪ

ڪئي هئي. پوءِ هنن هڪڙو بيهودو شرط پيش ڪيو تہ ڪيرت لئيت ۾ ڏئي تہ هو ڪميونسٽ نہ آهي ءِ يونين ۾ ڪانگريس ڌر جي فيصلن سان هڏل رهندو تہ پوءِ هو سندس پنيرائي ڪندا. زوردار ڇڪتاڻ شروع ٿي ءِ گرماگرمي وڏي ويئي. اهڙي واعدي جي باري ۾ بحث لاءِ سنڌ ڪانگريس پرڌان ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي جي گهر ۾ گڏجاڻي رٿي ويئي. ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي وڏي دل وارو ءِ تمام سنجيده سنڌي ڪانگريسي نيتا هو. مون پنهنجي صحيح حالت کي سمجهائيندي چيو تہ: ڪي منهنجا دوست ڪميونسٽ پارٽيءِ جا ميمبر ضرور آهن، پر اِن جو مطلب اِهو تہ ڪونہ ٿيو تہ مان بہ ڪميونسٽ ٿي پيس، ءِ هن نموني جو اِقرارنامو لکي ڏيڻ جو مطلب آهي مون ۾ اوشواسد، جا ڳالهہ ڏکوئيندڙ آهي. پر ڪٽر پنٿي عناصر اُن ڳالهہ تي اڙيا ئي رهيا. مون اهڙو واعدو لکي ڏيڻ کان اِنڪار ڪيو. مون چيو، 'مان چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ ئي تيار نہ آهيان. مون مروڳي هٽ ڪنيو.'

ٻئي طرف ڪميونسٽ ڌر وارا منهنجا دوست چونڊن ۾ هٽ ڪٽڻ واري فيصلي تي بلڪل ناراض ٿي ويا. مون تي زور پريائون تہ مان چونڊن ۾ بيلو رهان. ڪمزور بڻجي ميدان ڇڏي نہ وڃان. هنن جي ڳالهين ۾ وزن هو. پر ڇڪتاڻ ءِ جوش ايڏو وڏي ويو هو، جو ٻچتائي ۾ منجهي ڳوڙها ٿي ويو هوس. چونڊن ۾ بيهڻ کان بلڪل نابري واري ڇڏيم. ڪميونسٽ دوستن مون تي لپو هنيو تہ ڪيرت وديارٿي تحريڪ سان 'غداري' ڪئي آهي، جو ميدان ڇڏي ڀڄي ويو آهي. ڪميونسٽ ڌر وارن سنڌي وديارٿي تحريڪ جي قداور شخصيت سوڀي گيانچنداڻيءِ کي سڪريٽريءَ جي عهدي لاءِ ميدان ۾ لاٿو. ٻئي طرف ڪانگريس ڌر وارن آڏي راڻسنگهاڻي (جيڪو فين جي سوال تي بک هڙتال تي ويلو هو) کي سندس سامهون بيهاريو، جيڪو چونڊن ۾ سوڀارو ٿي ويو، جاڪاڻ تہ ڪميونسٽن مٿان ١٩٤٢ جي زماني وارو 'ديش غداريءَ' وارو لپو اڃا لڳل

جو ٻهار جي هزاريباغ جيل مان راتوواهه فرار ٿي ويو هو. سڄي ملڪ ۾ اِنقلابي آندولن جي واڳ ڏور سندس هٿ ۾ هئي. ارونا اصف علي پڻ ٩ آگسٽ تي ڪانگريس نيتائن جي گرفتاريءَ خلاف گواليا ٽئنڪ ميدان (هاٽي ڪرانتي ميدان) تي تقرير ڪندي، پوليس جي هٿن مان ڪسڪي روپوش ٿي وئي، ۽ لڪل نموني سڄي ڀارت ۾ ڦرندي ۽ آندولن جي آگ کي ڀڙڪائيندي رهي. ٻيا اڳوان به پنهنجي پنهنجي ايراضيءَ ۾ زير زمين ٿي هلچل کي هلائيندا رهيا. ڀارت جي نوجوانن جا هو سورما بڻجي ويا هوا. سندن اثر ايترو وڌي ويو هو، جو هلچل جي ٺڏي ٿي وڃڻ کان پوءِ هرهنڌ سندن ستڪار ٿيڻ لڳا. ڪانگريس جي اندر به سوشلسٽ ويچارڌارا جو زور وڌيو ۽ جاءِ بجاءِ اهڙا گروپ جنم وٺڻ لڳا.

سنڌ برگٽو پل ڀارت جي هڪ ڇيڙي تي هو ۽ مرڪزي سياست کان ڇڳي دوريءَ تي، پر ڀارت ۾ لڳندڙ سياسي ۽ انقلابي هوائن کان بي - اثريو ڪونه رهيو. هرڪا لهر جيڪا دهلي، بمبئي يا ٻئي ڪنهن مرڪز مان اُڀرندي هئي، سا سنڌ تي تاثير ڇڏيندي هئي، اُن کي گردش ۾ آڻيندي هئي. سنڌ ۾ به جن نوجوانن 'ڀارت ڇوڙو' آندولن ۾ سرگرم ڀاڱ ورتو هو، تن جو خودبخود هڪ ننڍڙو ٽولو تيار ٿي چڪو هو. ڪراچيءَ ۾ اسين پنج ڄڻا هئاسون - موهن پنجابي، علي مڪراني، مولو ٻارواٽي، ڪڪو آسراڻي ۽ مان. اسين هڪ ٻئي کي ويجهو آياسون. ويچار ونڊياسون ۽ فيصلو ڪيوسين تہ ڪانگريس جي اندر جهوني ليڊرشپ سان ٽڪر کائون ۽ ڪانگريس سنسٿا اندر سوشلسٽ ويچار جو ٻج ڇٽيون. اِتفاق اهڙو ٿيو جو اِن سمي ئي سنڌ ڪانگريس پرانتڪ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي چونڊ جي پڌرائي ٿي. اسان سوچيو مقابلي جو وقت اچي ويو. اسين بہ پنهنجا اُميدوار کڙا ڪنداسون. ڪراچيءَ مان اسان ٽڙاڪو ڪم ڪندڙ علي مڪراني کي بيهاريو، ڪوٽڙيءَ مان مولو ٻارواٽي بيٺو، نوابشاهه مان ڪشن گرناڻي

۾ راڄنيتي متڀيدن کي ايتري انتها پسنديءَ جي حد تائين ڇڪي وڃڻ نہ ڏيندس جو تحريڪ ۾ نفاق پيدا ٿي ۽ شاگردن جي مفادن کي ڪا ڌڪ لڳي. پر مان اِنهيءَ ويچار ۾ پليل هوس. حقيقت اِها آهي تہ سياست هڪ اهڙي ڪنور راند آهي، جنهن ۾ امپاير (امين) ٿي وهڻ مشڪل ڪسرت آهي.

چوندڻ واري واقعي کان پوءِ مان ڪافي نراس ٿي ويس. بنهي ڌرين کان پاسيرو رهيس. سوڀي سان سنبه قائم رهيو. ڪڏهين ڪڏهين وٽس ويندو هوس. ڏاڍي پيار سان ملندو هو ۽ ويچار بہ ونڊيندو هو. چوندڻ واري واقعي جو ڀلي ڀلائي ذڪر نہ ڪندو هو. هو پنهنجي عمر کان وڏيڪ بزرگ، گنڀير ۽ ڏاهو ٿي چڪو هو. شخصي غير ۽ ورود کان مٿي چڙهي ويو هو. اِهائي سندس عظمت جي نشاني هئي، جنهن جي تاثير سان دوستن کي تہ جهٽي وٺندو هو، پر مخالفين کي بہ پيارو ڪري ڇڏيندو هو. سوڀو سنڌ ۾ اڄ بہ اُها اُتاهين شخصيت آهي جنهن کي پاڪستان جو ننڍو وڏو نيتا ۽ ننڍي وڏي پارٽي وڏي عزت ۽ احترام سان ڏسندا آهن ۽ هر محفل ۽ مجلس ۾ وڏي مقام تي وهاريندا آهن. شيخ اياز، سنڌ جي عظيم شاعر پڻ سوڀي جي پيٽ موهن جي دڙي جي عظمت سان ڪئي آهي. منهنجي جيون ۾ سوڀي جي ڪردار ۽ ويچار جو وڏو اثر رهيو آهي، جنهن جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ايندو.

پوءِ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جو منهنجي مٿان ٽٽي ۽ راڄنيتي کيتر ۾ وري سرگرم ٿيڻ لڳس. ياد رهي تہ انڊين نئشنل ڪانگريس جي اندر سوشلسٽ ويچار وارن جو هڪڙو وڏو گروهہ هو، جن ۱۹۴۲ع واري آندولن وقت تمام وڏو انقلابي رول ادا ڪيو هو. هنن ئي وڏي پئماني تي پيج ڌاڙ جي ڪارروائي جي اڳواڻي ڪئي هئي، جن ۾ ڄ پرڪاش نارائڻ، ارونا آصف علي، اڇوت پٽوڌن ۽ رام منوهر لوهيا جا نالا مٿي اڀري آيا هئا. ڄئہ پرڪاش نارائڻ اهو انقلابي ڪارنامو ڪيو هو،

بمبئيءَ ۾ سوشلسٽ اِجلاس جي دؤران، اسان ارونا اصف عليءَ کان وچن ورتو هو تہ هوءَ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتي لاءِ سنڌ جو گشت ڪرڻ ايندي، جيئن اسان کي پارٽيءَ جو پايو وجهڻ لاءِ ميدان موافق ٿي ملي. هن اسان سان پڪو اِقرار ڪيو هو تہ جلدي هوءَ سنڌ جي چڪر تي ايندي، جنهن جو اطلاع هوءَ اسان کي تار رستي ڏيندي. وشواس ٿي نہ اچي. اسان جا حوصلا ٻيڻا ٿي ويا. اسين سندس وڏو سواگت ڪرڻ جي بندوبست ۾ لڳي وياسون. هن ڪم ۾ ڪن آزاد خيال ڪانگريس نيتائن پڻ اسان کي سهڪار ڏنو ۽ مدد ڪئي. ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي ارونا جو نهايت ڀڀڪيدار سواگت ٿيو، جئن ڪنهن سورميءَ جو ستڪار ٿئي. شام جو رام باغ ميدان ۾ سندس پبلڪ سواگت رٿيو ويو، جتي بہ سندس شاندار سنمان ٿيو، انيڪ سنسٿائن طرفان ڪيس پشپ مالهائون پيش ڪيون ويون ۽ سوکڙيون ڏنيون ويئون. پارٽي فنڊ لاءِ اپيل ڪيائين تہ پبلڪ مان ڪافي سٺي موٽ مليس. سندس نعرو هو ؛ 'اسان کي سون ڏيو تہ اسين توهان کي آزادي وٺي ڏيون.'

پوءِ پروگرام ٺهيو تہ ڪيس سنڌ جي دؤري تي وٺي وڃجي ۽ اِهو بہ ويچار ٿيو تہ گشت جي دؤران اسان مان ڪو ساٿي بہ هن سان ساٿ ۾ هجي. اِهو بار مون تي رکيو ويو. ايڏي ننڍي عمر ۾ مون کي ايڏو وڏو شرف مليو، جو ارونا اصف علي جهڙي مهان نيتا سان سنڌ جي دؤري تي روانو ٿيان، منهنجي لاءِ وڏي فخر ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي. اسين فرسٽ ڪلاس جي ساڳئي ڏٻي ۾ هواسون. هوءَ هيٺئين طاق تي ۽ مان مٿين طاق تي سمهندو هوس. ڏينهن جي وقت هيٺ ويهي، مان انيڪ سوالن تي سندس ويچار ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. هوءَ گهڻو وقت لکندي پڙهندي رهندي هئي.

اسان جو گشت ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي تائين رٿيل هو. دؤري جي خبر وڄ وانگر هر شهر ۾ پهچي وئي هئي. هر وڏي اسٽيشن تي ڪيترائي نوجوان ۽ ٻيا قومي ڪم ڪندڙ

ميدان ۾ آيو. ڪراچيءَ ۾ اسان ڏاڍو ڪم ڪيو. ووٽ بہ ڪافي مليا، پر ايترا نہ، جو اسانجو همراه کٽي اچي. ڪوٽڙي ۽ نوابشاه مان شايد اسانجن عيوضين کٽيو، پر پڪي يادگيري ڪانہ اٿم. اسان جي لڙائي سمبالڪ هئي، پر خوش هواسون. اسان پنهنجي سوشلسٽ گروپ کي قائم رکيو، جنهن جو ڪنوينر موهن پنجابيءَ کي مقرر ڪيوسين تہ آل اِنڊيا سطح جي اڳواڻن سان لکپڙه ڪري.

١٩٤٥ جي آسپاس، سوشلسٽ نيتائن، جن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان، تن کي پڻ پارٽ اندر سوشلسٽ عناصرن ۽ شڪتين کي اڪل پارٽ سطح تي منظم ڪرڻ جو ويچار آيو. جنهن مراد کي خيال ۾ رکي هنن بمبئيءَ ۾ هم ويچار ساٿين جو هڪ اِجلاس ڪوٺايو. اسان لاءِ حيرت ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي، جو ان ميڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اسان جي گروپ وٽ بہ دعوت اچي پهتي. ڪيڙن ۾ نہ پيا ماپون. گويا هڪ سندر خواب هو، جنهن جو تصور بہ نہ ڪيو هوسين. سنڌ مان اسين ٽي ڄڻا - موهن پنجابي، مولو پارواڻي ۽ مان، بمبئي وڃڻ لاءِ تيار ٿياسون. خرچ پکي لاءِ پيسا بہ توڪان - مونکان ولي گاڏيءَ تي سوار ٿياسون. رهڻ - کاڌي جو بندوبست ڪنهن اسڪول هاسٽل ۾ ڪيو ويو هو. بيلڪون بہ اُتي ئي اسيمبلي هال ۾ ٿيون. ’ڪئنٽ اِنڊيا‘ جي محبوب اِنقلابي اڳواڻن کي پنهنجي ساه جي قريب ڏسي اُمنگ ۽ جوش جو احساس پاتوسين. جئہ پرڪاش ۽ ارونا آصف عليءَ سان وڙور ڪري پئي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئيسين. هنن کان بہ اسان جي اُڻ تڻ ۽ بي - تابي لڪل ڪانہ رهي.

سنبه پري مشڪ سان اسان کي ڪيڪاريندا رهيا. هڪ دفعو اسان تنهين کي الڳ وهاري، سنڌ ۾ اُتل آندولن جو مختصر ۾ حال احوال ورنائون ۽ سنڌ ۾ سوشلسٽ پارٽي برپا ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنائون ۽ رهبري ڪرڻ جي خاطري بہ ڏنائون. ڪافي اُتساه پائي ڪراچيءَ موٽياسين.

هن شيرٽيءَ جي للڪار تي آسمان ڀٽي آڏاٽا. لاڙڪاڻي خوب ملهايو. رهائش ڪاڏي جو بندوبست موٽوائي ڪٽنب وٽ هو، جن مهمان نوازيءَ ۾ ڪائي ڪسر ڪانہ ڇڏي. سواگت بہ شاندار ٿيو ۽ فد بہ جام ڪلو ٿيو.

هفتي ڪانپوءِ ارونا اصف علي سوپ پائي واپس بمبئي موٽي. سنڌين وٽان سچو پيار پائي، سڪ وٺي، تمام اثر کڻي رواني ٿي ۽ جلدي اچڻ جو اقرار بہ ڪيائين. سنڌ ۾ سوشلسٽ پارٽيءَ جي پيڙه وجهڻ ۽ سنسٿا کي با اِنتظام قائم ڪرڻ لاءِ مڪزي نندڙي نيتا پرتاب شاه کي بمبئيءَ مان ڪراچيءَ موڪلي ڏنائون جو گجرات جو رهاڪو ۽ تمام هڏڏوڪي ڪم ڪندڙ هو. پرچيڙاڪ سياءَ جو هو، جا ڳالھ پارٽيءَ جي ترقيءَ ۾ وگهن بڻي. وديارٿين ۽ مزدورن ۾ ڪم ڪرڻ جي رٿا تيار ڪيائون. علي مڪراني ۽ مون تي مزدورن ۾ ڪم ڪرڻ جو ذمو رکيائون. آڏي رائسنگهاڻيءَ ۽ سيتل درياناڻيءَ کي وديارٿي هلچل کي زور وٺائڻ جو ڪاريہ ڏنائون، موهن پنجابيءَ تي پارٽي پرچار ۽ ساهتيہ جي ڇپائيءَ جو ڪم رکيو ويو. ٿورن ئي مهنن ۾ مکيہ ڪم ڪندڙ پرتاب شاه مان بدظن ٿي ويا. لڇمڻ راجپال کي پارٽي نالي واري جنتا هفتيوار اخبار ڪڍڻ جو ڪم سپرد ڪيائين تہ موهن پنجابي پاسو ڪري هليو ويو. علي مڪراني هو مست سياءَ جو شخص، جنهن کي منهن تي ڦهڪائي ڏيڻ ۽ موٽو ڳالهائڻ جي عادت هئي، سو بہ پرتاب شاه کي ڪونہ آئڙيو. منهنجي خلاف وري ڪنهن ڪن ڀريس تہ ڪيرت ٻاٻاڻي ڪميونسٽ آهي، سو مون ڏانهن بہ ٿڌو رخ اختيار ڪري ورتائين. اسين جيڪي ٽيئي اصلي بنيادي ميمبر سي سڀ ٻاهر. نون ميمبرن سان ٿورو وقت گاڏو هليو، پر پوءِ جلد پرتاب شاه بہ واپس بمبئيءَ ڏانهن موٽي ويو.

•

راجنيتي طور ني هاڻي منهنجي ذهن ۾ ماندائي مثل هو. راجنيتيءَ ۾ اندرو اندر پڻهي آبو هوس، جو ان ڳان

ارونا سان گڏجي ايندا هوا، سندس درشن ڪري خوش ٿيندا هوا ۽ زوردار نعرا لڳائيندا هوا. هو اسان جي کاڌي پيتي جو به بندوبست ڪري ويندا هوا. اسان کي هيٺ لهڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي. پبلڪ ميڙ لاءِ اسان صرف ٻه وڏا شهر مقرر ڪيا - هڪڙو وچ تي نوابشاه ۽ ٻيو آخرين منزل لاڙڪاڻو، جن ٻنهين هنڌن تي اسان جا سوشلسٽ ويچارن جا مظبوط ساٿي مؤجود هوا ۽ خود ڪانگريس ۾ به ڪي ويجها همدرد هوا.

نوابشاه ۾ ڪشن گرناڻي اسانجو هڪ برجستو ساٿي ۽ پڪو سوشلسٽ ويچارن جو جوان هو. ۽ نوابشاه ته منهنجو پنهنجو شهر ۽ اسان جو ڳڙه هو. هت پبلڪ ميڙ ڏاڍو اثردار ٿيو. ڪوڙ خلق آيل هئي. ارونا ۾ ١٩٤٢ جي اِنقلابي زماني واري چنگاري اڃا قائم هئي. پنهنجي جوش ڀري تقرير ۾، پنهنجي زير - زمين جيون جا اهڙا ته حيرت ڀريا واقعا ۽ احوال ٻڌايائين جو ماڻهن کي اصل موهي ڇڏيائين. ان زماني ۾ هوءِ سنڌ ۾ به ٿوري وقت لاءِ اچي لڪي ويلي هئي. شايد ڀائي پرتاپ ڏيئلداس وٽ ئي رهندي هئي. جڏهين پيسي ۽ سون لاءِ اپيل ڪيائين ته خوب پيسا ۽ سون مليس. ياد اٿم ته سويتا ڀڳواناڻي، هاڻي منهنجي اڌ سربري به ڪيس پنهنجي سوني منڊي لاهي ڀيٽ ڪئي هئي. اِهو ڪو منهنجي پيار وغيره جو اثر ڪونه هو، چاڪاڻ ته ان وقت اسان جي پاڻ ۾ ساڌارڻ ڏيٺ ويٺ هئي، جو هوءِ منهنجي دل گهرئي دوست گلاب جي ڀيڻ هئي. ٻين به ڪيترن ڏوڪڙ ۽ زيور ڏنا. نوابشاه کي قومي هلچل جو مظبوط قلعو جو سرٽيفڪيٽ ڏنو هوائين.

لاڙڪاڻي ۾ گيان باغ ۾ به اهڙو شاندار ميڙ ٿيو. ٻه رتيون وڌيڪ، گهٽ نه، خلق به جهجهي آيل هئي. ارونا جي ڀاشڻ ۾ به اهائي آگ هئي - ڌارين خلاف بغاوت جو اعلان، سو به هڪ ڀارتي استري طرفان - سنڌي زالون ۽ مرد،

کو روشن دستاويز ڪونہ ھو. تلھيون اميدون ۽ ڪوڙا اقرار ھوا. ھڪڙو اڌورو تصور ھو.

سوشلسٽ پارٽيءَ مان بہ موھ ڀنگ ٿي چڪو ھو. انقلابي ڪارنامي جو چمڪاٽ برابر سندس چوڌاري ھو، باقي نيتي ۽ عمل، جنھن مون ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، ڪوئي خاص انقلابي تفاوت نظر نہ آيو. جيتوڻيڪ سندن وڏن نيتائن جي نيت ۾ شڪ ڪونہ ھو، پر سندن ويچار ڌارا صاف سٽري ڪانہ ھئي. ساميواد جي آدرش جي بنياد تي ڪميونسٽن کي ويجھو اچڻ بجاءِ، ھو مٽن ڏوڙيو وسائيندا ھوا. سندن مخالفت، نفرت ۽ بغض جي حد تائين وڃي پھتي ھئي، جا ڳالھہ گنڀير ديانتداريءَ جي ورڌ ھئي. سماجواد جو آدرش ڪٿي اچاريو ھوائون، پرچٽي راھ ۽ چست پروگرام تراشي نہ سگھيا ھوا. اھوئي ڪارڻ ھو، جو اڳتي ھلي سوشلسٽ پارٽيءَ جي ايڪتا ٽٽي پيئي، انيڪ پارٽيون ٺھي پيئون ۽ طاقت کوھي ڇڏيائون.

ڪافي ڏينھن ۽ راتيون مان پريشان ۽ بي - آرام رھيس. اھڙو ڪو دل گھريو دوست ڪونہ ھو، جو منھنجو مونجھارو دور ڪري سگھي. پر ھڪ سچائي ھئي، جيڪا منھنجي من ۾ اڀري رھي ھئي. منھنجي انتھہ ڪرڻ ٻولي رھيو ھو تہ 'تون ڪميونسٽن کي ويجھو آھين .... ھنن جي سماجواد ۽ پارٽي جنتا سان ڪمٽمينٽ بلڪل سچائي ۽ صداقت تي ٻڌل آھي ... ھو ھن ھدي خارج سماجڪ ڍانچي کي اکوڙي، نئين سماج جو نرماڻ ڪرڻ گھرن ٿا، جنھن لاءِ وٽن چٽي ويچارڌارا ۽ عملي اٽل پلان جو پروگرام ۽ رٿ آھي ...' شخصي سطح تي ھنن ۾ مونکي سچائي، سادگي، پختائي ۽ انساني جذبي جو قدر نظر آيو. ھو ذھني، اخلاقي، عملي ۽ راجنيتي طور تي صاف سٿرا ھوا. ھن سڙيل سماج کي بدلائڻ جو ھنن وٽ مڪمل نسخو ۽ پڪو نشچو ھو.

ھن ڳالھہ اڳ ۾ ھچتائي، جيڪا منھنجي من کي گھري وڪلي ھئي، سا خاص ٻن ڪارڻن ڪري ھئي. ھڪڙو ڪارڻ

پاڻ کي الڳ ڪرڻ بابت سوچي به نٿي سگهيس. ٿيو ائين ته پڇي نڪرڻ سؤلو نه هو. ان ۾ شڪست جو احساس لکل هو. ان وقت سياست کي ستا جي بک متائڻ يا هٿي ڪنهن نجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ ساڌن ڪونه سمجهيو ويندو هو. گهٽ ۾ گهٽ اسين جيڪي نؤجوان ديش جي آزاديءَ جي پاونا سان ٿيپي پيا هواسون، تن لاءِ راجنيتي هڪ اعليٰ آدرش ۽ سچ لاءِ ويڙه هئي، جنهن لاءِ ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هواسون، ايتري حد تائين جو پوليس جون لٺيون ۽ گوليون کائڻ لاءِ به سامهون ٿي بيهندا هواسون، پلي ڪين ڏيندا هواسون. هڪڙو اهڙو واقعو ياد ٿو اچيم ته ڪراچيءَ ۾ هڪڙي اعتراضي جلوس جي اڳواڻي ڪري رهيو هوس ته پوليس جون لاريون اچي اسان جو دڳ جهلي بيٺيون. چڙوچڙ ٿي وڃڻ لاءِ حڪم ڏنائون، ٻيءَ حالت ۾ گوليبازي ڪرڻ جو دڙڪو ڏنائون. مون رڙ ڪري شاگردن کي چيو، 'متان ڊنا آهيو ... رستي تي سڌا ٿي سمهي پئو ...' ڪي شاگرد سپاويڪ ٽڙي پکڙي ويا، پر اسين اڳين قطار ۾ بيٺل سڀ شاگرد رستي تي ليٽي پياسون. اسان کي ٽنگا ٽولي ڪري، وڃي پوليس لاريءَ ۾ ڦٽو ڪيائون ۽ شام تائين لاڪپ ۾ ويهاري ڇڏي ڏنائون.

سوال اِهو نه هو ته مان ڪهڙي قرباني ڪرڻ ٿو چاهيان يا آدرش لاءِ ڪيتري قرباني ڪري سگهان ٿو. هن وقت سوال اِهو هو ته راجنيتيءَ جي چؤراهي تي مان ڪٿي بيٺو آهيان. گانڌيواد ۽ ڪانگريس مان منهنجو وشواس ٽٽي چڪو هو. ائين برابر هو ته ڪانگريس ڀارت جي آزاديءَ لاءِ هڪ وشال ڪاروان هو، جنهن ۾ هر طبقي لاءِ جڳهه هئي - مزدور به هو ته ڪارخانيدار به هو، ڪسان به هو ته زميندار به هو، انقلابي به هو ته مدي خارج به هو، ديش ڀڳت به هوا ته انگريزن جا پلو به ان ۾ لکل هوا. هيءَ ڳڙ ڳڙ ڏاڍي سنسٿا هئي، جنهن وٽ ڪروڙين ٻٻوس ۽ بيسهاري، ٻکي، ڏکي ۽ اڻوجهه جنتا جي آشندي جو

هلي چئه ته ڪميونسٽ آهيان. گهڻو وقت ٻڄي ٻڄي ۽ لوڪي لوڪي هلندين؟

من تان شاهي بوجو هلي ويو. تن، من، ذهن ۾ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيم. پوءِ هڪڙي ڏينهن مان ڪچهري روڊ تي ڪراچي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آفيس ۾ هليو ويس. سيد جمالدين بخاري ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ويلو هو، پائيپ چڪي رهيو هو. هو ڏاڍو ڪلمک ۽ ملنسار هو. ذهين به هو ۽ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جو هڪ پنهنجو فن هوس. گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ مون کي آفيس ۾ آيل ڏسي، کيکاريائين ۽ چيائين، 'ڪامريڊ، ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهين؟ طبيعت ته ساز گار آهي نه؟' مون ٿورو مرڪيو. چيائين، 'ويهه .... ويهه .... (ٿوري سنڌي ڳالهائيندو هو) ڪَر خبر اڄڪلهه ڇا پيو ڪرين؟' مون به مرڪي، هسي مذاق ۾ چيو: 'راڄنيتي طور 'ڇورو' ۽ ڪم جي لحاظ کان بيروزگار آهيان.' چيائين، 'تنهنجي لاءِ ڪم ڪوڙا' بلڪل اوڏي مهل، سوپو آفيس جي ڏاڪڻ تان ٽپندو (سنڌس هلڻ به خاص انداز جو هو) اچي ساڳئي ڪمري ۾ پهتو. سيدبخاريءَ سوبي کي مخاطب ٿي چيو، 'ڪيرت چويلو ته هو بيڪار ويلو اهي ... ڪم تي جهو نلو لڳائينس.' سوبي پنهنجي انداز ۾ مشڪي ڏنو. پوءِ هو پاسي واري ڪمري ۾ ماني کائڻ لاءِ ويلو. منجهند جي وقت سڀ ڪم ڪندڙ پارٽيءَ جي ڪامن ڪچن ۾ ماني کائڻ لاءِ ايندا هوا. مون کي به سڏي، زور ڀري ماني کارايائين. وڃڻ وقت چيومانس، 'مون کي توسان ڳالهيون ڪرڻيون آهن، اڪيلائي ۾ شام جو وقت ڏي.'

چيائين، 'شام جو هليو اچجانءِ، پوءِ ڪيڏانهن نڪري هلنداسون.'

شام جو مان وٽس آفيس ۾ پهتس. پورهيت يونن جي ڪم ۾ مشغول ويلو هو. ٿوري وقت ۾ ڪم کان فارغ ٿي، ڪاغذ سميٽي، مون سان گڏ هيٺ للو. اسين ڏبري پنڌ ڪندي

سماجواد ڏانهن منهنجا ويچار ايترا چٽا ڪونہ ٿيا هوا. مان
جڻ اڃايل هوس. ڪاليج وارا پهريان ٻہ سال مارڪسوادي
ساهتيہ مان جڻ ڳرڪائيندو ويندو هوس. ڪارل مارڪس، فريڊرڪ
اينگل، والڊمير لينن ۽ ٻين عالمن جا جيڪي بہ ڪتاب هٿ
ايندا هوا سي جڻ ڏرمي وشواس سان پڙهندو هوس. لا ڪاليج
۾ پٺئين بينچ تي ويهي، ٻهاني طور ڪاپي ۽ پينسل هٿ
۾ ڪٽي، پروفيسر جا ليڪچر ٻڌڻ ۽ نوٽس وٺڻ جو ناٽڪ ڪندي،
بينچ هيٺان لڪائي مارڪسوادي ڪتاب پڙهندو رهندو هوس
- نت نيم. گهٽي ڀاڱي سڀ اهم ڪتاب، جن جي بنياد
تي مارڪسواد جو فلسفو ٻڌل آهي، سي هڪ دفعو تہ پڙهي
پورا ڪيا هيم. ان پهرين پڙهڻيءَ مان مون ڪي ڪيترو پڙهيو
هو، ان جو تخمينو نٿو ڪري سگهان، پر موٽي نموني ۾ راجنيتي
۽ آرٿڪ سڌانت ڪافي چٽا پئي نظر آيم ۽ منهنجو عقيدو
مارڪس جي فلسفي ۾ مضبوط ٿيندو ويو.

۽ ٻيو منهنجي جهجهڪ جو سبب هو، منهن جي اندر
۾ لڪل ڊپ. ڪميونسٽن خلاف، ١٩٤٢ واري هلچل ڪي وٺي
جيڪو طوفان متو هو ۽ ساري ديش ۾ دشمنيءَ وارو رخ پيدا
ٿي ويو هو، تنهن من ۾ هڪ ڀؤ يا منووگيانڪ انديشو پيدا
ڪيو هو. ١٩٤٢ واري جيل دؤران واقعن کي کڻي، ڪراچي
اسٽوڊنٽس يونين جي چونڊن جي حادثي تائين، سڀئي ڪئنواس
تي جؤمڙي نظر وڌم ۽ پنهنجي اندر ليئو پائي، پاڻ سان
مخاطب ٿيس تہ، محسوس ڪيم تہ مون ۾ ايتري همت نہ
هئي، جو مان پنهنجن عقيدن ۽ محبتائن کي کڻي وقت جي
گرم هوا يا سماج جي وقتي ڏمر جي سامهون ڳڙو ٿي بيهان.
پهريون دفعو مون کي هڪ عمدي سچ جو شعاع نظر آيو ...
'ڪنهن بہ اعليٰ آدرش لاءِ انفرادي طور تي ڪابہ وڏي قرباني
ڪرڻ، هڪ ڳالهہ آهي، پر موجوده سماج جي مقرر ڪيل (صحيح
يا غلط) ڌارڻائن سان منهن مقابل ٿيڻ ٻي ڳالهہ آهي ... ذرا
ڏکري ڳالهہ آهي' دل چيو : تہ ڪميونسٽ آهين تہ ڏونڪو

ڳالهه مون کي مزدور تحريڪ ۾ به ڪارگر ثابت ٿيندي.

منهنجي سڄي لنبي قصي جي دوران، سوڀي هڪڙو لفظ به ڪونه ڳالهايو ۽ نڪو ڪو سوال ڪيائين، جڏهن منهنجي سموري من اسٽوريَ جي کيس جاڻ اڳواٽ ئي هئي. پڇاڙيءَ ۾ رڳو قصي کي ختم ڪندي چيائين، 'تنهنجي ڪاليج جي پڙهائي ۽ کاڌي رهائش جو سمورو بندوبست ٿي ويندو. تون سڀاڻي ڪاليج بند ٿيڻ کانپوءِ سڌو پارٽي آفيس ۾ اچج. آئينده لاءِ سڄو پروگرام ٺاهي وٺنداسون.' سڀاڻي تي اسين ٽيئي - جمال الدين بخاري، سوڀو ۽ مان گڏجي ويٺاسون ۽ آئينده ڪم جو سڄو خاڪو تيار ڪري ورتوسين. مون تي مکيه طور ڪم اِهي رکيا ويا ته مان ڪاليج جي دوران وديارٿي هلچل ڏانهن ڌيان ڏيندس، جنهن ۾ ٻيا ساڳي ويچار ڌارا وارا شاگرد - شيواجي جوتسنگهاڻي، ڀڳوان لالواڻي، گوبند ماڙيوالا، گل ٽيڪچنداڻي وغيره، مون کي ساٿ ڏيندا. منجهند جي وقت سڀئي ڪم ڪندڙ گڏجي، ماني پارٽي آفيس جي ڪامن ڪچن ۾ کائينداسون. ٿورو آرام ڪري منجهند کانپوءِ مان ٻه - ٽي ڪلاڪ پارٽي پريس ۾ ڪم ڪندس، جيڪا سوامي انگديو، هڪ سنياسي انقلابي ڪميونسٽ جي مدد سان مئڪليوڊ روڊ تي برپا ڪئي ويئي هئي ۽ گوبند مالهي ان جي ڪاروبار کي سنڀاليندو هو. سوامي هڪ عجيب شخصيت جو مالڪ هو، جنهن جو وڌيڪ ذڪر ايندڙ صفحن ۾ پنهنجي هنڌ ايندو. پريس ۾ خاص طور، جيڪا 'صداقت' نالي سان پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار نڪرندي هئي، ان لاءِ ليک لکڻ ۽ مرڪزي پارٽي جي انگريزي هفتيوار جيڪا بمبئي مان ايندي هئي ان مان ليک ترجمو ڪرڻ جو ڪم ڪرڻو هو. ڪڏهين ڪڏهين سوڀو مون کي مزدور يونين جي آفيس ۾ به وٺي هلندو. هنن جون شڪايتون ۽ مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن بابت عريضا لکڻ لاءِ هدايتون ڏيندو. ڪراچي مزدور هلچل جي هڪ ديو جهڙي شخصيت هو، نارائڻداس بيچر، جنهن پنهنجي سڄي جيون مزدور هلچل

’لوَرس برج‘ ڏانهن وڌياسون. ٻئي سانت هواسون. ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪريان؟ ڪجهه حجاب، ڪجهه هٻڪ، سياويڪ هوا. ٻڌتر ڪي ٿوڙي ورتم. بلڪل سچائي سان پنهنجي من جو مونجهارو سوپي اڳيان بيان ڪيم. مون چيو، ’حقيقت اِها آهي ته خالق ڏني هال واري واقعي کان، اڄ تائين مان اندر ئي اندر ۾ پاڻ سان پئي وڙهيو آهيان. من ۽ ذهن ۾ ڪشمڪش چالو رهي آهي. مون هيلتائين جدا جدا ڏرن کي ڪڙڪايو آهي، ٿوري وقت لاءِ تسڪين ملي اٿم، پر پورن سنتوش نه مليو اٿم. سمجهان پيو ته پاڻ سان لڪ‌چپ راند ڪري رهيو آهيان، پاڻ کي پتائڻ جي ڪوشش ۾ غلط رول ادا ڪري رهيو آهيان. جيڪا اصل شيءِ آهي، تنهن کان ڪترائي رهيو آهيان. شايد مون ۾ همٿ جي ڪمي آهي، جنهن ڪارڻ، سچ کي قبول ڪرڻ ۽ اندر جي آواز کي ٻڌڻ کان نٽائي رهيو هوس، اجا به جيڪر ائين چوان ته چرڪي رهيو هوس. مان ائين پيو سمجهان ته خالقڏني هال واري واقعي وقت مون کي اِهو ملمعو هٽائي ڇڏڻ گهربو هو ... پر اِها به حقيقت آهي ته ان وقت جي حالتن ۾ ٻين ڳالهين جي مدي نظر. مون وٽ ايتري ٻي - ڊپائي ۽ همٿ ڪانه هئي، جو ڏنل حالتن جي منهن مقابل ٿي سگهان، تنهن ڪري هار قبول ڪري، هٽ ڪٽي، ميدان ڇڏي هليو ويس ...؟‘ ٻڪساهي ايترو سڀ ڪجهه، جذباتي جوش ۾ چئي ويو هوس. ساهه مٿي ڪجي آيو هو. ٿوري وقت لاءِ سانت ٿي ويس. پنهنجي ويچار جي ڏوري کي پڪڙيندي وري اڳتي وڌايم، ’.... گذريل سال ڏيڍ ٻي دليو ۽ بنا عقيدي پئي ڦريو آهيان. اسنتشت رهيو آهيان. گذريل عرصي ۾ مارڪسوادي ساهتيه جي اڀياس ڪندي مان ان فلسفي کي ڪافي ويجهو اچي ويو آهيان. تنهنجي رهنمائي هيٺ مان ودئارٿي ۽ مزدور هلچل ۾ پنهنجون شوائون ڏيڻ ٿو چاهيان ... هڪ ٻي ڳالهه. مون ۾ ڪاليج ۾ داخلا ورتي آهي، جئن قانون جي ڊگري حاصل ڪريان جيڪ

پنجابيءَ جي وڃڻ کان اڳ ڪتاب گھر جي سيڪريٽريءَ جون
واڳون وٺي چڪو هو. هن پڻ اداري جي ماتحت ترقيپسند
ساهت ڇپڻ جي سلسلي کي جاري رکيو ۽ اٽڪل ڊزن کن
ڪتاب سندس اياماڪاريءَ ۾ پڻ نڪري نروار ٿيا. هن ٻيو
جيڪو جبرو قدم کنيو، سو اِهو ته ’نئين دنيا‘ نالي ماهوار
ادبي رسالو چالو ڪيائين، جيڪو ترقيپسند ادبي تحريڪ جي
ڦهلاءُ جو واهڻ بڻيو ۽ ان زماني ۾ وڏي حيثيت رکندو هو؛
اديبن جو نمائندو هو.

نئين دنيا ڪتاب گھر کي بندر روڊ تي بطور آفيس
هڪ ڪمرو هو، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. ان ڪمري
مان وري ٻي اتهاسڪ ڪارگذاري شروع ٿي. سوڀي جي رهنمائي
۾ ادبي اڀياسي ڪلاس جي شروعات ٿي. مارڪسوادي ويچارن
جا اديب هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجون اصلوڪيون رچنائون
پڙهندا هوا ۽ صحتمند تنقيد ڪندا هوا. انهن ڪلاسن کي
وشال روپ ڏيڻ لاءِ ڦيرائي ميلارام هاسٽل ۾ آندو ويو جتي
نون ۽ پراڻن ساهتڪارن جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون، ۽ رچنائون
پڙهيون ۽ پرکيون وينديون هيون. هنن ميڙن ۾ اڪثر ڪاليجي
شاگرد دلچسپي وٺندا هوا. سنڌي ساهت جا ناميارا ساهتڪار
۽ ڪوي جن جا اڄ اوهين نالا ٻڌو ٿا، تن مان ڪيترا هنن
ئي محفلن جي مٺ ۾ پچي چڪا آهن - سوڀو گيانچندائي، شيخ
اياز، گوبند مالهي، نارائڻ شيام، آنند گولاڻي، سگن آهوجا،
شيخ راز، گوبند پنجابي، ڪرشن کٽواڻي، رام امر لعل پنجواڻي،
لڇمڻ راجپال، گل آسناڻي، ڀڳوان لعلواڻي، مان ۽ ٻيا. سڀ
جو سڀ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج سان جڙيل ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندا
هوا. رچنا پڙهي وڃڻ کانپوءِ جڏهين تنقيدي دؤر چالو ٿيندو
هو ته خوب بحث ٿيندا هوا. گرما گرميءَ ۾ چٽڪون به اڏامنديون
هيون. مکيه طور اديب ٻن گروهن (نظرين) ۾ ورهايل هوا.
هڪڙا هوا ترقيپسند اديب، جيڪي روسي انقلاب ۽ سامياوادي
ويچار ڌارا جا قائل هوا. ادب ۽ ڪلا کي جيون جي بهتري

ڪي ارپت ڪئي هئي. هن جي هٿ هيٺ سکيا وٺڻ لاءِ مون کي هفتي ۾ ٻه دفعا ڪراچي شهر جي پسگردائي ۾ برپا ڪيل ڏالميا سيمينٽ ڪارخاني ۾ ساٿس گڏجي وڃڻو هو، جتي ٻه سندن شڪايتن جي باري ۾ اختياريءَ وارن لاءِ عرضا لکي ڏيڻا هوا. مان پنهنجو سامان ميٺارام هاسٽل مان ڪڍائي نئين دنيا ڪتاب گهرجي آفيس ۾ اچي مقامي ٿيو هوس، جتي پارٽي لاءِ سڄو وقت ڪم ڪندڙ - هاري اڳوان عبدالقادر، سوڀو گيانچنداڻي، مزدور فرنٽ تي ڪم ڪندڙ - پوهو مل، عينشي وديارٿي، گلاب ڀڳواناڻي ۽ ٻيا رهندا هوا.

نئين دنيا ڪتاب گهر سنڌ ۾ هڪ اتهاسڪ سنسٿا هئي. ١٩٤٠ع جي زماني ۾ هڪ ترقيپسند نوجوان گوبند پنجابي شروع ڪئي هئي. هن شڪارپور ۾ جماٽي لئبرريءَ ۾ پيل ساميوادي ساهتيہ جو اڀياس ڪيو هو. ٻئي طرف هڪڙو انقلابي سوامي - انگديؤ ٻه ساري ڀارت جو رٽن ڪندو، اچي شڪارپور ۾ ٽانئيڪو ٿيو هو، جنهن کي ٻه ڪنهن آشرم ۾ مارڪسواد جو رنگ چڙهيو هو. گوبند پنجابي هن کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. مٿيون ادارو ترقيپسند ساهت جي ڦهلاءَ لاءِ برپا ڪيو ويو هو، جنهن ۾ هڪ ٻيو ترقيپسند نوجوان برڪت علي آزاد پڻ گوبند پنجابيءَ سان ٻانهن ٻيلي هو. انڪل ڏزن کن ڪتاب نئين دنيا ڪتاب گهر جي سايعي هيٺ شايع ڪيا ويا، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي انقلابي قسم جو ساهت هو. حد نشان پستڪ هو، گوبند پنجابي جي اصلوڪين سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو - 'سرد آهون'، - جنهن ۾ پهريون دفعو پيڙت سنڌي جنتا جي دکن، بکن ۽ بيوسين جو دل ڇيريندڙ چٽر چٽيو ويو آهي. اِهو پستڪ سنڌي ادب ۾ ترقيپسند تحريڪ جو پيشرؤ هو.

ٿوري وقت کانپوءِ اِهو ادارو شڪارپور مان لڏرائي ڪراچيءَ آندو ويو، جتي گوبند پنجابيءَ پنهنجي پريس لڳائي پر گهڻو وقت هلائي نہ سگهيو. ١٩٤٤ ڌاري بند ڪري واپس موٽي ويو. گوبند مالهي پڻ ڪتاب گهر جو سرگرم ساٿي هو ۽ گوبند

ته لکي ڏيکارا‘ من ۾ مانڌاڻ مچي ويو. منهنجن رچناتمڪن قوتن کي جڻ للڪار هئي. مون چيو، ’گهٽ ڏينهن ۾ لکي ڏيان؟‘ چيائين، ’ٻلي ٻه - ٽي ڏينهن وٺ.‘ مون مالهيءَ جو چئلينج قبول ڪري ورتو. اهو سڄو ڏينهن من ۾ چورا ڪورا هئي. اڳ ڪڏهين ڪهاڻي لکي ڪانه هيم. دل چاهيو ته ڀڙيون قدم راس ٿيڻ گهرجي. گهڻيئي ماڻهو، واقعا، ويچار ذهن ۾ چڪر ڪاٽيندا رهيا، پر ڪا ڳالهه پڪڙ ۾ اچيئي نه. صبوح جو اٿي، ڪاليج مان فارغ ٿي، بيخيالو بندر روڊ تان هلندو رهيس. دماغ ڪهاڻيءَ جي ڳولها ۾ پريشان هو .... اوچتو گوڙ شور جو آواز ڪن تي پيو. اڳتي وڌي ويس. ڏٺم ته هڪڙي ڇوڪري کي گلي کان پڪڙي، هڪڙو پوليس وارو، چمات مٿان چمات سندس ڳل تي جمائي رهيو هو. دريافت ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته ڇوري، لکي لکي، جليبين جي ٿالهه مان هڪڙي جليبي چورائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پڪڙجي پيو هو ... واقعو منهنجي دل ۽ دماغ کي ڇنبڙي پيو. اوڏي مهل ئي موٽي آيس. هاسٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويهي، اُن سچي واقعي تي ڪهاڻي گهڙي ورتم. ڏيڻ جي تڪڙ ڪانه ڪيم جو ڀيرين لکڻي ۾ ايڏو سنتوش ڪين مليم. هڪڙو ٻه دفعا ان کي گهڙي سنواري، ’جليبين جو چور‘ نالي سان ڪهاڻي مالهيءَ جي هٿ ۾ ڏنم. پڙهي، چيائين، ’اول بسم الله صحيح! ڪهاڻي پاس !‘ مان ڦوليو نه پيو سمايان، جڻ وڏن امتحانن کان ٻه وڏو امتحان پاس ڪيو هوم. اِها ڪهاڻي نئي دنيا مخزن جي خاص ڪهاڻي پرچي ۾ ڇپي. مالهيءَ ان ڪهاڻي سان منهنجو فوٽو ٻه ڇپيو، جنهن جي هيٺان لکيائين ۽ ’سماج ڪو بدل ڊالوا‘ ڪهاڻي پسند پيئي، جنهن مان اُتساهه پائي، يڪدم مون ٻي ڪهاڻي لکي ورتي ’هوءَ‘ نالي سان، جيڪا پنجاب جي ان وقت جي فسادي گهٽنائن جي پس منظر ۾ هئي ۽ ڪافي انوکي رنگ جي ڪهاڻي هئي. پروفيسر ملڪاڻيءَ ان کي گهڻو ساراهيو ۽ ليکڪ ٿلهجي پيس.

۽ مدي خارج سماج جي نئونرماڻ لاءِ ساڌن ڪري ڪم آڻڻ جي حق ۾ هوا، جن جو آدرش هو 'ڪلا زندگيءَ لاءِ' بيا ان ويچار جي بر عڪس 'ڪلا ڪلا لاءِ' جي اُصول کي مڃيندا هوا، جيڪو هڪ روايتي اُصول هو. سياويڪ مخالف ويچار ڌارئن جي ٽڪر مان بجلي تہ پيدا ٿيندي. بجلي جو پيدا ٿيندي تہ ڪڏهين روشني ملندي تہ ڪڏهين جلائي بہ وجهندي.

جڏهين هنن ادبي ڪلاسن ۾ مون ڀاڱہ وٺڻ شروع ڪيو هو تہ ان کان اڳ ۾ مون هڪ ٻہ ليک مس لکيا هوا، جيڪي ان وقت ڪراچيءَ مان نڪرندڙ قومي هفتيوار 'هندواسي' ۾ ڇپيا هوا ۽ ٻيا ڪجهہ جذباتي طرزجا راجنيتي ڪالم 'جئہ هند' هفتيوار ۾ لکيا هئم، جيڪا اخبار ڪشن گرناڻي، نوابشاه مان شروع ڪئي هئي. ساهتڪ رچنا تي قلم ڪونہ هلايو هوم. ادبي ڪلاس ۾ نت نيم ويندو هوس. پر بحث ۾ ڀاڱہ ڪونہ وٺندو هوس، جو اُن ڪيتر ۾ اجا نئون هوس. اُبهرو ٿي ڪنهن بہ ڳالهہ تي راءِ ڏيڻ منهنجي سڀاءَ ۾ نہ آهي. اِج بہ اِها ڳالهہ مشهور آهي تہ مان سلو ٻڌندڙ آهيان ۽ راءِ هميشه سڀني جي ويچارن جي ڄاڻڻ کانپوءِ ئي ڏيندو آهيان.

منهنجي پهرين ساهتڪ رچنا جو جنم بہ هڪڙو اِتفاق ۽ دلچسپ واقعو آهي. جئن اڳوات چيو اٿم تہ گوبند مالهيءَ اٽڪل ۱۹۴۷ ڌاري 'نئي دنيا' نالي سان ساهتڪ رسالو شروع ڪيو هو، جنهن ۾ ادبي ڪلاس ۾ پڙهيل بهترين رچنائون، هو پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪندو هو. در اصل ان زماني ۾ 'نئي دنيا' ۾ پنهنجي رچنا ڇپائڻ لاءِ هرڪو ليکڪ خواهشمند هوندو هو، گويا ڪيس سلي ليکڪ هئڻ جي تسليمي ملندي هئي. مالهيءَ پنهنجي رسالي جو خاص ڪهاڻي پرچو ڪڍڻ جو اعلان ڪيو هو. سڀني برک سنڌي ڪهاڻي نوسين کي اصل سنڌي ڪهاڻي لکي ڏيڻ جي دعوت ڏنائين. ڪل ڪل ۾ چيومانس : 'خاص پرچي لاءِ مان ڪهاڻي لکان؟' مالهي سمجهيو تہ مان چرچو ٿو ڪريان. چيائين : 'نيکي ۽ پڇ پڇ؟ مڙسي اٿئي

ڪاڏو ڇا هو؟ گهٽي ڀاڳي ڀٽري دال، ڪڏهين ڪڏهن ڪا رس واري ڀاڄي ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو گوشت، جنهن ۾ هڪڙو ٻه ڪنڊو، ٻيو سڄو شروو. ٻه چار ڦلڪا رس ۾ ٻوڙي پيٽ ڀري ولبو هو. پئسو ته پارٽيءَ وٽ هو ڪونه، ڪاڏي خرچ جي پورائي ڪيئن ٿيندي هئي، اهو جادو سوڀو ۽ ٻخاري ڄاڻندا هوا. باقي اسان کي اِها خبر پوندي هئي ته سوامي انگدديو پنهنجن شرڌالن کان چڱا ڏوڪڙ ڪٺا ڪري پارٽيءَ کي ڏيندو هو. پارٽيءَ طرفان جيڪا نئين دنيا پرنٽنگ پريس ورتي ويئي هئي، تنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اڌ لک کن روپيا ان زماني ۾ گڏ ڪري ڏنا هئائين. ان زماني ۾ اڌ لک ٻه ڪا رقم هئي!

وندر لاءِ ڪڏهين ڪڏهين ٽيئي - چارئي ڪامريڊ گڏجي سئنيما تي ويندا هواسون. هڪٻئي جي کيسن ۾ هٿ وجهي، پيسا پڙ ۾ رکندا هواسون. هڪڙو وڃي ’ليٽ شو‘ جون ٽڪيٽون وٺي ايندو هو. ٿورا پيسا چُٽي لاءِ ٻه رکندا هواسون. ڪڏهين وري مرڳو سوڀو اسان سڀني کي پنهنجي خرچ تي سئنيما تي وٺي هلندو هو. ان ڏينهن ته ڄڻ جشن هوندو هو. برنس روڊ تي هڪڙو ڪلفي آئيسڪريم وارو هوندو هو، جيڪو غضب جي سوادي پليٽ ٺاهي ڏيندو هو. سوڀو اهو ٻه کارائيندو هو. سوڀو اسان سڀني ۾ قسمت وارو هو. هو زميندار ٻار هو. هر مهني، گهران رقم گهرائيندو هو. ڪڏهين اسان کي ٻه مجلس ڪرائيندو هو. ٻيو نمبر ڪيسي ۾ زور هوندو هو گلاب ڀڳواناڻي، جنهن کي ٻه هر مهني گهران رقم ايندي هئي. ڪامريڊ ٻيا ڪيس ڦريندا هوا. مهني ۾ اجورو ملندو هو، سو ڪن مسن، جنهن مان مهني ڀر جي پورت ڪرڻي هئي. مون کي ڇڏي باقي ٻار چانهه سگريٽ جا شوقين اهڙا جو سگريٽ ڇٻ ٻي لڳو ٿي پيو هجي ۽ چانهه جا ڪوپ، هڪ ڏينهن ۾، اڌ ڊزن ٻه ٿورا!

انهن ڏينهن ۾ شيخ اياز سان ٻه ڏاڍو قرب اچي ٿيو.

زندگي هاڻي دستوري ٿي ويئي هئي. لاڊ چڙاھ کان رهت، سڏي سنواڻي ٿي گسڪندي ٿي ويئي. صبوح جو سويل اُٿي ڪاليج ويندو هوس. پهراءُ منهنجو سادو، اڇي ڪاڏيءَ جو ڪرتو ۽ سٿڻ ۽ هٿ ۾ پڻ ڪاڏيءَ جو ننڍو ٿيلهو هوندو هو، جنهن ۾ نوٽس لاءِ هڪ خالي ڪاپي ۽ پڙهڻ لاءِ هڪڙو ڪتاب هوندو هو. اِها حقيقت آهي تہ جسماني طور تي مان ڪلاس ۾ موجود هوندو هوس، پر پروفيسر جي ڀاشڻ ۾ منهنجو ڌيان اصل ڪونہ هوندو هو. اِهائي ڏن سوار هوندي هئي تہ مان سموري مارڪسوادي ساهتيہ جو ابياس ڪري ڇڏيان. پهرين تہ ائين هوندو هو تہ مان تڪڙو پڙهي پورو ڪريان. سياويڪ، سمجهہ ۾ سڀ تہ نہ ايندو هو. ٻيو دفعو بہ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. آخر ۾ وري منجهيل سوالن تي مان ڪڏهين سوڀي تہ ڪڏهين بخاريءَ کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، خاص طور جڏهين موڪل جي ڏينهن تي اسين پارٽي آفيس ۾ گڏ هوندا هواسون.

منجهند جي وقت ماني گڏيل رَنڌڻي ۾ کائبي هئي. شانتابائي ڪاڏي جي سنڀال ۾ هئي. هوءَ بخاريءَ جي پتني هئي. سندن شاديءَ جو قصو بہ گهڻ دلچسپ نہ هو. هو هڪڙو دفعو احمدآباد ۾ ڪپڙا ڪارخاني مزدورن جي ڪانفرنس ۾ ويو هو، جتي کيس شانتا ملي هئي. هوءَ جيتوڻيڪ پڙهيل گهڻو ڪانہ هئي پر مل مزدورن جي هلچل ۾ ڪافي اڀري هئي ۽ بخاريءَ جي ڪافي ويجهو اچي ويئي هئي. لڳي ٿو بخاريءَ کيس آڇ ڪئي هوندي تہ ڪراچي هلي پارٽيءَ جو رَنڌڻو سنڀالي ۽ سنڌي ڪامريڊن جي شيوا ڪري. هوءَ بہ تيار ٿي ويئي هوندي. جڏهين ڪراچيءَ پهتا تہ پتي - پتنيءَ جي صورت ۾ ئي هوا. قول مالاهون بہ هڪ ٻئي جي ڳلي ۾ وڌائون يا نہ، سو بہ ڏٺي جاٽي! رنڌڻي ۾ ڪاڏو ٻہ دفعہ ٺهندو هو - منجهند جو ٻارهين بجي ۽ شام جو ستين بجي. جڏهين ساٿي مزدور يونين جا ڪم لاهي، آفيس پهچندا هوا

وڃي رهندي هئي. هينئر جو ڳوپيءَ جي هن شهر ۾ موجودگيءَ جي ڄاڻ ملي ته دلِ قبضي ۾ اچڻ کان نابري واري ويئي. ذهن ۽ جسم کي بيقراري گهيري ويئي. پر لاچاري اها جو مان ڳوپيءَ کي ڳوليان ڪٿي؟ برنس روڊ جي کهڙي گليءَ ۾ سندس ماسيءَ جو گهر آهي، ڪنهن کان ’فال‘ وجهايان؟

ٻئي ڏينهن ڪاليج جا پيرڊ پورا ڪري، مان برنس روڊ طرف نڪري ويس. هڪ اڌ گليءَ جا اُبتا-سبتا چڪر هنيم. مَنَ چيو ته هيءَ ته ٿيو ڏاهرين وارو قصو! پرسان ئي هڪ کير واري جو دوڪان هو، جيڪو گرم جليبيون ۽ کير گرهاڪن کي وڪڻي رهيو هو. منهنجي به دل سرڪي ويئي. گهڻن ڏينهن کانپوءِ اهڙو لذيذ ناشتو ڪرڻ جو وجھ مليو هو. مان به وڃي گراهڪن جي ڀر ۾ ويٺس. منهنجون اکيون سامهون جڳهين جي بالڪنين تي ڦرنديون رهيون، ڄڻ ڪنهن جي ڳولا جي انتظار ۾ هجن. من ڀل چا به چوي؛ پر دل جو صدق هڪ عجيب شيءِ آهي. اکيون ٽپنديون اچي هڪ بالڪنيءَ ۾ ڄمي بيٺيون. اُتي جا صورت بيٺي هئي، تنهن کي ڏسندي منهنجي دل ڇلانگ ـ ماري زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هيءَ ته ڳوپي هئي ! دور کان، پتلي ۽ ڪمزور پئي لڳي، پر هئي لاشڪ منهنجي ڳوپي ـ منهنجون اکيون ۽ دل ڌوکو ڏيئي نٿي سگهيون. مان ته جتي هوس اُتي ئي ڄمي ويس. هڪڙو عجب ٿي ويو ! اندر ۾ هڪ خوشيءَ جي زرّ اُٿي، پر ان کي پنهنجي مک جي دروازي کان نڪرڻ نه ڏنم. اِهو به ڄڻ غير شعوري عمل جو. ڪيئن اُپٽيان وات ! کير ۽ جليبيون ته اصل وسري ويئون. لڳي ٿو ته دوڪاندار به - ٻي دفعا هڪل ڪري مون کان آرڊر وٺڻ چاهيو، پر مان ڄڻ فرير ٿي ويو هوس. گهڻو وقت ان حالت ۾ هوس، سمک ڪانه پئي. وقت ڄڻ ڳوپا بيٺو رهيو. ڳوپي به ٽڪٽڪ مون ڏانهن نهاري رهي هئي، اوسنائين جسنائين ڪا ٻي عورت بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺي ۽ کيس ولي اندر هلي ويئي. لڳي ٿو هوءَ به ڄمي ويئي

هو مستن وانگر پيو ڦرندو ۽ چڪر لڳائيندو هو. حشوءَ سان ٻہ ڏاڍي پريت هوندي هيس ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وٽس ويٺو هوندو هو. ڪڏهين سائيڪل تي هوندو هو تہ مون کي پڪڙي وٺندو هو. زوريءَ اڳيان سائيڪل جي ڏنڊي تي وهاري، برنس روڊ جي گهٽين مان پيو ڦيريون پارائيندو هو. پڇڻ تي ٻڌائيندو هو تہ ’حسينائن جي ديدار تي نڪتو آهيان.‘ ڪڏهين وري ڊائري هٿ ۾ هوندي هئس ۽ گنگنائيندو رهندو هو. پڪڙي پنهنجي هاسٽل جي روم ۾ وٺي ايندو هو ۽ تازو لکيل شعر اهڙي تہ تيز ڌارا ۾ پڙهندو هو، جو گويا نهر ٿي وهي. اُن وقت بہ سندس ڪوتا واقعي دل کي ڪنهي وڃڻ واري هئي. جيڪا هڪ انقلابي راجنيتي ڪوتا لکي هوائين، سا ورور پڙهي ٻڌائيندو هو. هڪ پبلڪ ميڙ ۾، رام باغ ۾، پڻ اِها پڙهي ٻڌائي هوائين. ان جو هڪڙو خاص بند مون کي اڄ بہ ياد آهي.

او باغي ! اوراڄدروهي!
ڀارت جي بلوي جا باني !

ٻوءِ هڪڙي ڏينهن اوچتو مون کي خبر ملي تہ گوپي ڪراچيءَ ۾ آيل آهي. پهرين اعتبار ئي نہ اچي. سندس ڪنهن ويجهي مائٽ مان تصديق ٿي تہ برابر هوءَ پنهنجي ماسيءَ جي گهر برنس روڊ تي اچي لٿي آهي. منهنجي دل جي حالت کهڙي ٿي هوندي، سا صرف اُهو ڄاڻي سگهندو، جنهن کي پريت جو ڏنگ لڳو هوندو. اِهو بہ سچ آهي تہ گذريل اٽڪل ٻہ سال مان اهڙي طوفاني دؤر ۾ رهيو هوس، جو هڪ طرف تہ نوابشاهہ وڃڻ مشڪل ٿي پيو هو ۽ ٻئي طرف جيون جي ڪشمڪش ۾ مان گوپيءَ کي بہ وقت نہ ڏيئي سگهيو هوس. اتفاق سان ڪو هنجو ڏنڊلو عڪس ذهن تي اُڀرندو هو يا سڪ جي چڪ ٿيندي هئي تہ ٻوس دل ماٺ ڪري

اُن دوست نانڪ (مکيل نالو) کي هٿ ڪيو. چيم: 'يار معاف ڪجانءِ. ڪالھ مان تڪڙ ۾ هوس، حال احوال به نه ڏنوسين، نه ورتوسين. هل ته هلي چانھ جي ڪوپ تي ڪلاڪ اڌ ڪچهري ڪريون.' مون لڳ ڀڳ لاهي هن کان پڇيو ته اها بالڪنيءَ ۾ بيٺل ڇوڪري ڪير هئي؛ هن لڳ لاهي مون کي ٻڌايو ته هوءَ سندس ماسيءَ جي ڌيءَ گوپي هئي. ناچاڪائي ڪارڻ، نوابشاه مان ٻن هفتن لاءِ هٿ دوا درمل ڪرڻ ۽ آرام وٺڻ لاءِ آيل آهي. ڪاليج جي پهرين ٻن سالن ۾ آرٽس ڪاليج ۾ نانڪ سان منهنجي ڏيٺ ٿي هئي، بنا اُن ڄاڻ جي ته هو ڪو گوپيءَ جو ماسات هو ۽ نه ئي هُن کي منهنجي ۽ گوپيءَ جي قصي جي ڄاڻ هئي. ڪاليج جو آزاد خيال جوان هو. مون سان به سٺو دوستيءَ جو ناتو هوس. کُليءَ دل سان، مون مختصر ۾ ڪيس سچو پريم جو قصو ڪري ٻڌايو ۽ گوپيءَ سان آخرين گفتگو به ٻڌائي. هو بلڪل شانت ويٺو رهيو. ڪنهن به قسم جي رد - عمل ڪونه ڏيکاريائين. مان يڪٽڪ سندس اکين ۾ ڏسندو رهيس. منهنجي نهار ۾ ڪا اِلتجا ڪيس نظر آئي. مڪ کوليائين: 'ڏس، ڪيرت، تون منهنجو سٺو دوست آهين، پر هڪ ڳالھ صاف سمجھي ڇڏ هنن حالتن هيٺ مان تنهنجي ملاقات گوپيءَ سان ڪونه ڪرائي سگهندس ....' مون ڪيس اڌ ۾ روڪيو: 'ٻڌ پيارا، مان اهڙي بيواجب ڳالھ توکي چوڻ وارو ئي نه آهيان. منهنجي رڳو هڪڙي ننڍڙي خواهش آهي .... مون کي گوپيءَ جو فوٽو گهرجي. اها ننڍڙي تمنا پوري ڪرڻ ۾ توکي دقت ٿيڻ نه گهرجي. هن ڪائي پڪ ڪانه ڏني، پر ٻن ڇئن ڏينهن اندر ملڻ لاءِ چئي هليو ويو. اميد جو ترورو جاڳائي ويو ... سچ پچ جڏهين ڇئن ڏينهن ڪانپوءِ ساڻس مليس ته هن مون کي هڪ فوٽو ڏنو، پر اهو گوپيءَ جو اڪيلو فوٽو ڪونه هو، پريوار جو فوٽو هو، جنهن ۾ ٽئن ماڻهن سان گڏ هوءَ به بيٺي هئي. چيائين ؛ 'هن مان گوپيءَ جي تصوير الڳ ڪينچائي، هيءَ فئملي

هئي. بالڪني خالي ڏسي موٽي پاڻ ۾ آيس. ڪجهه ٻه ڪائڻ جي اِڇا نه رهي هئي.

پوءِ نت نيم، ڪاليج مان ڇٽڻ ڪانپوءِ صبوح جي وقت ۽ پريس مان ڇٽڻ ڪانپوءِ شام جي وقت مان کير واري جي دوڪان تي ايندو هوس. دوڪان وٽ پنهنجي حاضريءَ کي سياويڪ رنگ ڏيڻ جي اِرادي سان، ڪڏهين کير ته ڪڏهين جليبي وٺي پرسان پيل بينچ تي ويهي، وقت وڃائڻ جي لحاظ کان ڏيري ويلو وات هلائيندو هوس. ڪڏهين ته ٻيون دفعو ٻه وٺندو هوس. نيٺ جڏهين هوءَ بالڪنيءَ مان هلي ويندي هئي ته مان ٻه پنهنجي لڪاٽي جو دڳ وٺندو هوس. اسان جو هڪٻئي کي پريان ڏسڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن ٻه قسم جو ڏيوڻ جو طريقو ڪونه هو. اسين هڪٻئي کان ايڏو دور هواسون، جو ڳالهائڻ ته لهيو پر اِشاري ۾ ٻه ڪجهه هڪٻئي تائين پهچائڻ کان بيوس هواسون. هوءَ، هڪ ويڪري گهٽيءَ جي هڪ پاسي واري جڳهه جي ٻيءَ منزل جي بالڪنيءَ ۾ بيٺي هوندي هئي، مان گهٽيءَ جي ٻئي پاسي، هيٺين طبقي ۾ ٿهيل دوڪان جي اوٽلي تي ويٺو هوندو هوس. نڪو هوءَ هيٺ لهي، مون تائين پهچي ٿي سگهي ۽ نڪو مان ٻيءَ ماڙ تي پهچي، وٽس وڃي ٿي سگهيس. هڪڙي ڏينهن شام جو بالڪنيءَ ۾ اڪيون اٽڪايو ويٺو هوس ته اوچتو ڪنن تي آواز پيم: 'ڪيرت، هتي ويٺو آهين؟' ڪنڌ ورائي ڏٺم. ڪاليج جو هڪڙو واقف دوست بيٺو هو. مان ٿورو شڪجي ويس. پر منهن پڪو ڪري چيم: 'تون هت ڪيئن؟ کير جليبيون!' دوڪان طرف اِشارو ڪيم. ٺهڪ ڏنائين، 'يار، مان ته هتي سامهون واري بلڊنگ ۾ رهندو آهيان، ٻئي ماڙ تي جنهن بالڪنيءَ ۾ ڇوڪري بيٺي آهي ...' منهنجو هوش اُڏامڻ ٿي ويو. ٽڪڙو هٿ ملائي، 'وري ملنداسون' چئي مان ٽڙيءَ سان هليو ويس. هو مون کي ڏسندو ئي رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن ڳولي مون وڃي ڏٺي. سندس ڪاليج ۾

چڙهيو. چوڏاري قتل - عام شروع ٿي ويو. جنهن ڪنهن باه لڳائي هجي. انگريزن جي شيطان ايجنٽن هٿراڌو فساد ۽ کوس ڪرائڻ ۾ ڪسر ڪانه ڇڏي. مندرن پرسان ڳانئن جو گوشت اڇلي، مسلمانن جو قتل ڪرايو ويو؛ مسجدن جي سامهون سوئر ماري هندن جو کوس ڪرايو ويو. ڪوڙا افواه ڦهلائي خونريزي ۽ اگزني جي فضا پيدا ڪئي وئي. سوين، بلڪ هزارين سالن جي شاندار ڀائي چاري جي اتهاس کي خون سان رڱيو ويو. هندن، مسلمانن ۽ سکن، هڪ ٻئي جو قتلام ڪيو، ٻارن، ٻڍن، بيواهن ۽ بيوس انسانن کي موت جي گهاٽ تي چاڙهيو، ابهم ٻارن جا سر تلوارن ۽ ڪرپانن سان ڪاٽيا، عورتن جي انگن کي چيريو ڦاڙيو. صدين کان هڪ ٻئي سان پيٽ پيٽ ۾ ملائي رهڻ ۽ گوڏو گوڏي سان لڳائي پريت وندڻ وارن تي پڻ حيوانيت جو ڀوائتو ڀوت سوار ٿي ويو. انسانيت، برادري، محبت ۽ شرافت جو کوس ٿي ويو. اِهو انسان جي تازي اتهاس جو هڪ سياه باب آهي، ڏيڃائيندڙ سپنو آهي. اسان واري نسل جي شعور جو حصو بڻجي رهجي ويو آهي.

اسين سنڌي قسمت وارا آهيون. سنڌ جي ڌرتي اهڙي ڀنيٽ کان اڃي رهي. سنڌ، درويشن ۽ صوفين جو گهر هو. محبت جو ميخانو هئي، پريت جو پئمانو هئي، هندو مسلم سک جو سڌ هئي، گڏيل ميلا، گڏيل ملاڪڙا، گڏيل شاديون غميون، گڏيل ڏياريون هوليون ۽ عيدون، اسانجو شاندار ورثو هيون. صوفي سماگم ۽ ڌمالون نفرت جي خلاف ڍال هوا. سنڌ جي ڳوٺ ۾ اگر ڪنهن هندوءَ جو هٽُ هوندو هو، ته سڄي ڳوٺ جي آرٿڪ ووسلا جو هو مرڪز هوندو هو. چوڌاري سڀ مسلم ڀائر هوندا هوا، پر ڪير به ڌانهس اگر ڪڍي نه سگهندو هو. شادين، غمين، عيدن تي هو سندن چوبھ ڪلاڪ ڪليل بئنڪ هو. ٻج لاءِ، ڏڻن لاءِ، ٻاڻ لاءِ قرض ڏيندو هو. هڪئي ڳالھ ۾ بي رحم هو، جو ڀائي تي ڀائي چاڙهي وياج وصول ڪندو هو. ٻئي طرف مسلمان ڀائر به سادا، شريف ۽ ابوجھ هوا.

فوٽو مون کي موٽائي ڏج ...' هن چئي ڏينهن ۾ مون ان فوٽي مان گوپيءَ جي هڪ وڏي تصوير ڪينچائي ورتي ۽ سندس خطن سان گڏ فوٽو به بئنڪ ۾ سوگهو ڪري رکي ڇڏيم. ان وچ ۾ گوپي واپس موٽي ويئي ۽ مان به وري روزاني روٽين ۾ مشغول ٿي ويس.

هڪ يگ جو انت ٿي رهيو هو. وقت جي گرڀ مان بيو يگ جنم وٺي رهيو هو. هئي يگ جو آرنڀ وحشاني هنسا، ڀيانڪ رتو ڇاڻ ۽ بي گناهه اِنسانن جي قتل ۽ غارت سان ٿيو. ڌارين انگريزي سرڪار ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ به پنهنجي واعدي تان ڦري ويئي ۽ ڀارت کي آزادي ڏيڻ کان آناڪاني ڪيائين. پر ١٩٤٦ع واري سامونڊي فوج جي بغاوت سندن پير ڍلا ڪري ڇڏيا. هو سمجهي ويا ته ڪين جلدي هندستان مان بسترا گول ڪرڻا پوندا. پر خونخوار سلطنت شاهي پنهنجي بدنيت ۽ سازشي منورتي تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نه هئي. جنگ ڪانپوءِ انگلنڊ ۾ ونسٽن چرچل جي مردار ڌر عام چوندن ۾ شڪست کائي چڪي هئي ۽ پورهيت ڌر جو ڪلميٽ ائٽلي وڏو وزير ٿيو. پر پنهنجي ملڪ جا سلطنتشاهي مفاد هن کي به ايترائي پيارا هوا. هو به ڀارت کي سوني ٿالهيءَ تي رکي، آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. ڀارت جي ورهاڱي جي ڀيانڪ تلوار لٽڪندي رهي. مهاتما گانڌي ايتري حد تائين به وڃڻ لاءِ تيار ٿيو جو محمد علي جناح کي ڀارت جو پهريون پرڌان منتري بڻجڻ جي آڇ ڪيائين، جئن ڀارت جي مسلمانن جي من ۾ ويٺل ڊپ کي دور ڪري سگهجي ۽ وشواس جو واتومنڊل پيدا ٿئي، پر جناح پنهنجي ضد تان هٽڻ وارو نه هو. ڌارين سرڪار جي اشاري تي پاڪستان جي گهر تي قائم بيٺو رهيو. مهاتما گانڌي چيو هو ته پاڪستان اسان جي لاش تي ٺهندو، پر پاڪستان لکين بي گناهه ۽ معصوم ڀارتواسين جي لاش تي ٺهي ويو.

تاريخ جي کنور تلوار ديش کي ٻن اڌن ۾ ورهائي

جي پريس کوليندو هوس. هڪ طرف پريس جي ڏنڊي کي
ڏسندو هوس، ٻئي طرف اخبار جي مواد ۽ ڇپائي ڏانهن ڌيان
ڏيندو هوس. شام جو ڇهين بجي پريس بند ڪري، سائيڪل
تي واپس اچي پارٽي آفيس ۾ پهچندو هوس. ڪافي وقت
ساڳئي نموني ۾ هيءُ ڪاروبار هلندو رهيو.

ڇهين جنوري تي روزاني نيم مطابق پريس پهچي ڪم
تي لڳي ويو هوس. منجهند ڌاري ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.
ٻي طرف ڪامريڊ بخاريءَ جو آواز هو: 'شهر ۾ فساد شروع
ٿي ويا آهن. لٽ مار شروع ٿي ويئي آهي. حالتون ڪنٽرول
کان ٻاهر نڪري ويئون آهن ... پريس کي چڱي طرح بند
ڪري، سڌو آفيس هليو اچ. خبرداريءَ کان ڪم وٺج ...'
مان هراس ۾ ڪونه آيس. ڪم ڪندڙن کي پريس بند ڪرڻ
لاءِ چيم، جن ۾ ڪي مهاجر به هوا. ڪين اندر جي ڳالهه
نه ٻڌايم. ڪين بهانو ڏنم ته ضروري ڪم لاءِ آفيس مان سڏ
ٿيو آهي. پريس کي مضبوطيءَ سان بند ڪرائي، جناح ٽوپي
پاتم، جيڪا احتياط وچان گهڻن پائڻ شروع ڪئي هئي. سائيڪل
تي سوار ٿي مئڪليوڊ روڊ کان مڙي، بندر روڊ تي آيس.
سائيڪل کي هرو ڀرو تيز ڪرڻ واجب نه سمجهيم. ساڳئي
رفتار سان رستي جي ٻنهي طرفن اک - ٽيٽ ڪندو سڌو نڪ
سامهون هلندو رهيس. دوڪانن تي ڦر لٽ ٿي رهي هئي.
ڦيندڙ ٻنهي هٿن ۾ مال سان ڳوٿريون ڀري، ڊوڙي رهيا هوا.
ڪيتروئي مال رستي جي ٻنهي پاسي ٽڙيو پکڙيو پيو هو. ڪجهه
ٽنباڻون ٻئي، ڪجهه اُڇلايائون پئي. باه جو واقعو مون کي
ڪٿي به نظر نه آيو. مار ڌاڙ به ڪٿي نظر نه آئي. ڪراچيءَ
جي ٻين علائقن ۾ گهرن ۽ دوڪانن تي لوٽ مار سان گڏ،
ڦرني ۽ خون - خرابي جا واقعا به ٿيا هوا، جتي مهاجرن
جا ٽولي ٽولا جڳهين تي حملا ڪري آيا هوا ۽ ڪي هٿن ۾
هٿيار نه هئا، بلڪل هلائيندو، وڌندو رهيس؛ جتي ڪو جهنڊ
ساٿين جو ٿي ڏٺم نه سائيڪل کي پاسي واري گهٽيءَ ۾ ڦيرائي

زال ذات کي اکيون مٿي کڻي سڌو منهن ۾ نہ ڏسندا هوا. ادي، امڙ، جيجل، ’جهڙن مٺڙن شبدن سان سڏيندا هوا ۽ پاسو ڏيئي لنگهي ويندا هوا.

سنڌ ۾ صرف ٻہ اڻوڻندڙ واقعا ٿيا، جن سنڌ جي باقي سهڻي صورت کي داغدار بڻائي ڇڏيو. هڪڙو هو، نواب شاه ريلوي اسٽيشن تي سڪرنڊ مان آيل ريل گاڏيءَ تي حملو ۽ سنڌي سکن جو قتل جنهن جو مون اڳوات ئي ذڪر ڪيو آهي. ٻيو هو ڇهين جنوري ۱۹۴۸ تي ڀارت مان لڏي آيل مهاجرن جا ڪراچي شهر ۾ فساد، جيڪي مون پنهنجن اکين سان ڏٺا، جن جو مان اڳتي هلي ذڪر ڪندس. پر اِها حقيقت آهي تہ هنن ٻنهي بد بخت واقعن سنڌي هندن ۾ هراس ۽ بي سلامتيءَ جو احساس پيدا ڪيو ۽ سنڌ مان لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. مچيو تہ لڏيندڙ هندن سان کي سختيون ۽ زيادتيون ڪيون ويئون، خاص ڪري حيدرآباد اسٽيشن تي ڪانئن ڏوڪڙ، زيور ۽ ٻيو مال لٽيو ويو. پر اِها بہ روشن حقيقت آهي تہ اِها سنڌ جي پوتر ڀومي هئي، جتي انسانيت جي اعليٰ اظهار جا نمونا مليا. ڪيترن مسلم دوستن هندو پريوارن کي بچايو ۽ پاڻ وٽ پناه ڏني ۽ سلامتيءَ سان گاڏين ۾ چاڙهي سرحد پار روانو ڪيو. شاه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جو اِهو سونو ورثو سنڌين کي مليو آهي.

سنڌ جي ڳوٺن مان، جيئن اڳيان لکيو اٿم، ڌمڪين ۽ غير سلامتيءَ ڪارڻ ماڻهن ڀڄڻ شروع ڪيو هو. گوبند مالهي پڻ پنهنجي پتا جي سڏ تي ڳوٺ ويو هو، جتان پنهنجي ڪٽنب کي وٺي، ڀارت ڇڏڻ ويو، اِن مراد سان تہ ڪين ٿانئيڪو ڪري هو واپس موٽي ايندو. ان وچ ۾ ڪراچيءَ وارا فساد ڇڙي پيا ۽ هو واپس اچڻ جي ڪوشش ڪندي بہ واٽ تي اٽڪي پيو. ڀارتي جي پريس هو سنڀاليندو هو. سندس غير حاضريءَ ۾ پريس سنڀالڻ ۽ ’صداقت‘ هفتوار ڪڍڻ جي ڪم جي جوابداري منهنجي مٿان رکي وئي. صبح جو سوير اٿي

کي ٻاهر طرف ڇڪي ويندا. اها ئي غلط ۽ نقصانڪار نيتي هئي. مان وقت به وقت هن سوال تي سوڀي سان بحث ڪندو هوس. هو مون کي مڙني سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر سچ ته هو به اُن سوال بابت سنتشٽ نه هو. پر ڇاڪاڻ ته انقلابي پارٽيءَ جو انتظام هو، تنهنڪري ان کي جائز ٺهرائيندو هو.

ڪميونسٽن ته پنهنجي ڇڱمڙسي ۽ نيڪنيتي جو کليو اظهار ڪيو، پر پاڪستان جا حڪمران، جن مذهبي ڪٽرپڻي تي پنهنجي رياست جو بنياد وڌو هو، سي ڪٿي ٿا سيڪيولر سو به ناستڪن جي پارٽيءَ کي پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ ڏين! اڃا پاڪستان جي عمر اٺ مهينا به ڪانه ٿي ته ڪراچي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ مٿان حملو ٿي ويو. اهو ڏينهن ڇنڇر هو، تنهنڪري سويل پريس بند ڪري، پارٽي آفيس مان کاڌو کائي، پنهنجي رهائش جي هنڌ اچي، چادر تاڻي سمهي پيس. اڃا اک به نه لڳي هئي جو دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ ٻاهران آواز اچڻ لڳا: ’ڪيرت صاحب، دروازا کولو .... ڪيرت صاحب دروازو کولو ...‘ جهٽڪو ڏيئي اٿيس. ڇوڏاري نظر ورائي ڏٺم. آواز ٻاهران اچي رهيا هوا. ڪڙي هٽائي دروازو کوليم ته اوڪ رهجي ويس. سامهون جاويد ۽ بشير بيٺا هوا. يڪدم ڪمري ۾ اندر گهڙي آيا، دروازو بند ڪري، پٺئين ڪڙي ڏيئي ڇڏيائون. مون کي ٻڌايائون ته پارٽي آفيس تي پوليس ڇاپو ماريو آهي. سڀني ڪامريڊن کي گرفتار ڪري ويا آهن ۽ مان جڻن ته هتي سمهيو پيو آهيان تنهن ڪري بچي ويو آهيان. هدايت ڪيائون ته جلدي ڀڄي نڪران نه ته ڪيڏي مهل به هتي پهچي مون کي به حراست ۾ وٺندا. جلدي هڪ اڌ وڳو ۽ ٻيون ضروري روزمره جون ڪم ايندڙ شيون ڪٺي ٻڌڻ ۾ تيار ٿيس. ڪمري کي تالو ٻائي، ڏاڪڻ تان ٽپا ڏيندا هيٺ بهناسون. هيٺ بيٺل سائيڪل تي، مان پٺيان ويٺس. جاويد مون کي کڻي رفو چڪر ٿي ويو. رات جي

ٿي وبس ۽ وري بيءِ گليءِ مان ڦري بندر روڊ تي ٿي پهتس.
آخر اچي ڪچهري روڊ جي ڪنڊ تي پهتس، جتي پهرين
ماڙيءِ تي پارٽيءِ جي آفيس هئي. ساندهه ٽي ڏينهن، ٽي
راتيون، اسين سڀ ساٿي آفيس اندر بند رهياسون. ڪڏهن
ڪڏهن، ٽيليفون تي فسادن جو ٿورو گهڻو احوال پيو ملندو هو.
پر هت اسان وٽ ' آٽيون ۽ چاڙهيو، ڏٽ ڏهاڙي سومرا'
واري حالت هئي. هيٺ لهي، پاڇي گوشت وٺي اچڻ جو
تہ سوال ئي ڪونہ هو. دال جيڪا پيئي هئي، بہ - ٽي ويلا
مَس هلي. اتفاق سانگي اٽي جو ڍبو پيل هو. ٿاڙها مرچ
۽ لوڻ بہ موجود هوا. گهر گرهڻي شانتا انڪل ويڙهائي، لوڻ
- مرچن جي چٽني ٺاهي ورتي جنهن سان، ڦلڪا چباڙي،
اسان اُتي ٽي ڏينهن گذر ڪيو. نيٺ حالتون قبضي هيٺ
اچي ويئون. سارو ڪاروبار دستور موافق چالو ٿي ويو. اسين
پنهنجي ڪارپ ۾ مشغول ٿي وياسون.

ڪميونسٽن پاڪستان کي جنم ڏيڻ جي ڪم ۾ دائي
جو رول ادا ڪيو. منهنجي سمجهہ ۾ هنن غلط نيتين جي
زير اثر پاڪستان جهڙي غير عقلي سياسي ويچار ڌار جي پٺڀرائي
ڪئي ۽ هن اپکنڊ جي راڄنيتي جي بدترين درگهٽنا جا ڀاڱي
ڀائي بڻيا. ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ تي مسلم ليگ طرفان 'جشن
آزادي' ملهائڻ جي سڏ تي اسان بہ ڪراچيءِ واري جشن ۾
شامل ٿياسون ۽ نعرا بہ هنياسون - پاڪستان زنده باد ! محمد
علي جناح زنده باد ! پر اسان ساڻ ساڻ پنهنجا نعرا بہ هني
ڪميونسٽ پارٽي زنده باد! هندو - مسلم ايڪتا زنده باد
مسلم ليگ جهڙي فر قيپرست ۽ نفرت جي بنياد تي هڏ
پارٽيءِ کي مسلمانن جي قومي جماعت قرار ڏيڻ، سياسي
ناسمجهي هئي. ڪميونسٽن ائين ٿي سمجهيو تہ ڪانگريس
مسلم عوام کي پاڻ طرف ڇڪڻ ۾ ناڪامياب ويئي هئي
تنهن ڪري هو ليگ جي پٺڀرائي جي اوٽ ۾ مسلم جن

ٻاهرين ڪمري ۾ سمهاريندا سون. سياڻي تائين پنهنجن مائٽن
کي مڃائي، تنهنجي رهڻ جو بندوبست ڪنداسون. ڪنهن
ٻئي بشر کي بہ سڌ نہ پوندي. مون هنن جوانن جي عقل
۽ صداقت کي وري بہ آفرين ڏني.

مون کي ڄاڻ هئي تہ گهڻو وقت مان پوليس جي چنبي
کان بچي ڪونہ سگهندس. ڪيڏي مهل بہ پڪڙجي پوان،
تنهن ڪري منهنجي سِرَ تي جيڪا اهم ترين ذميواري هئي،
تنهن کي چاهيم، تہ جلدي پورو ڪري وٺان. مئڪليوڊ روڊ
واري پارٽي پريس گهٽ ۾ گهٽ لک جي جائداد هئي. ڊپ
هوم تہ پوليس ڪيڏي مهل بہ اها پريس ضبط ڪري وٺي.
پوءِ تہ پارٽي وڏي سنڪٽ هيٺ اچي ويندي. اسان ٽنهين
گهر پهچي، گڏجي ويهي ان گنڀير مسئلي تي سوچيو. بشير
جي دماغ ۾ هڪڙو حل سُجهي آيو. چيائين : ’ڪامريڊ حسن
ناصر جيڪو حيدر آباد کان ڪراچيءَ لاءِ آيو آهي، سو شاهوڪار
گهراڻي جو ماڻهو آهي. کيس ٿا مڃايون تہ هو پريس پنهنجي
نالي خريد ڪري وٺي؛ اگر رقم هن وقت ڏيئي سگهي تہ
واهہ، نہ تہ بہ ملڪيت تہ محفوظ ٿي ويندي.‘

مان حسن ناصر سان ٻہ - ٽي دفعا ملاقات ڪري چڪو
هوس. هو شاندار شخصيت جو مالڪ هو. قداور مڙس، سهڻو
ڀوري رنگ جو، روش خاص گهڙيل، ادب آداب ۾ شهاڻو، ذهين
۽ قابل ڳالهائيندڙ، سڀ کان وڌيڪ هئي سندس موهيندڙ
مرڪ ۽ عورتن جهڙو نازو انداز ! ٻئي ڏينهن جاويد کيس ٽيليفون
ڪري ملڻ جو وقت مقرر ڪيو. هن رات جو دير سان وقت
ڏنو ۽ ماني بہ وٽس کائڻ جي دعوت ڏنائين. مقرر وقت
کان، خبرداريءَ طور اسين دير سان ٿي پهتاسون. ناصر کانسواءِ
ٽماڪو ڪن ٻيا بہ شخص اُتي ويٺل هوا، جن ۾ ڪي عورتون
بہ هيون. مان سڀني جي نظرن جو مرڪز هوس. سياوڪ
ٿي نہ هو. هڪ ٻٽڪوٻهہ سالن جو هندو جوان پاڪستان اندر
ڪراچي ڪميونسٽ پارٽي جي واڳ جهلي ويٺو هجي ! ناصر

مون کي ٻڌايائين تہ پوليس ڪيئن آفيس کي گهيرو ڪري سيني کي پڪڙي ويئي. رڳو شانتا کي ڇڏي ڏنائون. منهنجي لاءِ بہ پڇا ڪري رهيا هوا.

جاويد ۽ بشير ديش جي تازي ورهاڱي ڪانپوءِ، اُتر پرديش مان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ وسيا هوا. ٻئي جوان اُردو ڀاشا جا ترقيپسند شاعر هوا. وقت بہ وقت هو پارٽي آفيس ۾ اچي وهندا هوا ۽ اسانجون خوب ڪچهريون ٿينديون هيون. ڏاڍا فضيلت وارا هوا، پر سندن اجوڪي ڪارنامي تہ مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. سندن هن نموني جي همٿ مان، ڪنهن آدرش طرف وفاداريءَ جي ساک پئي ملي. جيڪي جوان پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي، جان بچائي، هندستان مان اچي، پاڪستان جي شرن پيا هوا، سي مون کي پاڪستان جي پوليس کان بچائڻ لاءِ هيڏو جوکم کڻي رهيا هوا؛ سچ آفرين جي لائق هوا. ٻئي طرف مان غمگين هوس جو گرفتاري کان بچي ويو هوس. دوستن جو ساٿ ٽٽي ويو هو ۽ هڙبن نازڪ حالتن هيٺ اڪيلو رهجي ويو هوس. دل ۾ چيم : ’ڏسان جيون جو وهڪرو ڪهڙو ٿو رخ وٺي.‘

جاويد مون کي وٺي اچي هڪ بيئر بار ۾ ويهاريو. بشير بہ ٿوري وقت ۾ اچي اُتي پهتو. شايد ٻنهي وچم ائين رٿيل هو. يڪدم بيئر جون ٽي بوتلون اسان جي ميز تي پهچي ويئون. مون هيلتائين بيئر چکيو تہ ڇا، پر ڏٺو بہ نہ هو، منجهي پيس؛ بلڪ دهلجي ويس. مون کي شش و پنج ۾ ڏسي، جاويد چيو : ’ڏس ڪامريڊ، هاڻي تون اسان جي حوالي آهين. ڪائڻ - پيئڻ جي ڳالهين ۾ اسان تي ڇڏي ڏي. اسين توکي خاطري ٿا ڏياريون تہ اسين تنهنجو ڌرم ڀرشٽ نہ ڪنداسون ...‘ ٽنهي گڏجي زوردار ٽهڪ ڏنا. پوءِ چيائين، ’اسين توکي هت الڪري وٺي آيا آهيون، جو پوليس کي تنهنجي هتي هئڻ جو شڪ مور نہ پوندو. حڏهين اونده ٿيندي تہ توکي پنهنجي گهر وٺي هلنداسون. اجوڪي رات توکي لڪائي

جذبات ۾ مان مکيہ ڳالھہ کان ٿورو هٽي ويس. اچو تہ اُن تنڌ کي وري پڪڙيون. ڪاڏي ڪانپوءِ اسين ڏنڌي جي ڳالھہ تي آياسون. ناصر اسان کي اندرين ڪمري ۾ وٺي هليو. هن کان ڪانسواءِ هڪ ٻيو شخص بہ ڳالهين ۾ شامل ٿيو، جيڪو پوءِ معلوم ٿيو تہ سندس مامو هو. مسئلو ائين سُلجهي ويو، جڏهن مکڻ مان وار نڪري وڃي. مامي کي ڪنهن هلندڙ ڏنڌي جي ضرورت هئي ۽ اسان کي وري هلندڙ پريس نيڪال ڪرڻي هئي. پنجھٽ هزارن ۾ سودو پڪو ٿيو. پر وڏو مسئلو اِهو اچي آڏو بيٺو تہ پريس جي مالڪي ڪيئن بدلائبي. جيتوڻيڪ پريس پارٽيءَ جي هئي، پر ساوڏاني وڃان مالڪيءَ جا دستاويز گوبند ماليءَ جي شخصي نالي ۾ تيار ڪرايا ويا هوا ۽ گوبند مالهي تہ اُن سمي پارت ۾ ويٺو هو. مون مامي صاحب کي گهڻو ئي سمجهايو تہ دستاويز ماليءَ طرفان مان تو ڪيس صحيح ڪري ڏيان ۽ ڀروسو رکي تہ ڪيس ڪنهن بہ قسم جي دشواري سامهون نہ ايندي. پر هو واپاري ماڻهو هو، ڪيس ڪم پڪو پختو ڪپندو هو. اوچتو منهنجي دماغ ۾ هڪ چمڪات ٿيو، جڏهن پليل راهگير کي دڳ ملي ويو. مونجهاري جي ڳنڍ کلي پيئي.

تجويز هيءَ هئي تہ ڪورٽ اسٽئمپ پيپرن تي ساڳئي نموني جا ٻہ دستاويز تيار ٿيندا. هڪڙو دستاويز، گوبند ماليءَ جي صحيح پڄائي مان ڪيس تيار ڪري هينئر ئي هٿ ۾ ڏيندس. ٻيو دستاويز حسن ناصر پاڻ سان کڻي بمبئي ويندو ۽ منهنجي حلي بہ کڻي ويندو. ماليءَ کان صحيح وٺي اچڻ ۾ ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي. هن جي واپس اچڻ تي دستاويزن جي مٽاسٽا ڪري ولنداسون. مامو، خريدي رقم جو چيڪ منهنجي نالي ۾ ڪڍي مون کي ڏيندو، جاڪاڻ تہ ماليءَ جي نالي ۾ ڪڍيل چيڪ اسين مٽائي تہ سگهنداسون. پوءِ پريس جون چاٻيون مان سندس حوالي ڪندس. سوچيل رٿا سؤ سيڪڙو ڪامياب ويئي. ٻن ڏينهن اندر پنجھٽ هزارن

منهنجي واقفيت ڪرائيندي، گهرج کان گهڻي تعريف ڪئي. منهنجي حالت هڪ لڄاري نينگر واري هئي. دسترخوان لڳي ويو. پيئڻ کائڻ جو ڏؤر اهڙو هليو، گويا ڪنهن جي شان ۾ شاهي مجلس ٿي رهي هجي. ناصر جي ماءُ، ميزبانڻ، نوابي شان واري شهاڻي عورت هئي. منهنجي مٿي تي، پيار ڀريو هٿ ڦيري، دُعا ڪندي چيائين ، 'بيٽي ! سلامت رهو' مون کي پنهنجي ماءُ جي ياد اچي وئي. اٽڪل پنجن سالن کان کيس ڪون ڏٺو هوم. هاڻي ته سڄو ڪٽنب ڀارت هليو ويو هو، الائي ڪڏهين ساڻن ملي سگهندس ... ملي به سگهندس يا نه ! .... اکيون آليون ٿي ويئون. منهنجا هٿ ازخود سندس پيرن تائين پهچي ويا. ڪلهن کان جهلي مٿي چڪي چيائين، 'ميري ناصر کي دوست هو. الله تيرا نگهبان رهيگا ...' اکين ۾ مڙيل ڳوڙها ٽپڪي پيا.

مان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. پوءِ جي سالن ۾ هن شهاڻي ماءُ سان دل ڏاريندڙ درگهٽنا ٿي، جنهن جو اتهاس ۾ ورلي ڪو مثال ملندو. هيءُ پريوار حيدرآباد (دکن) مان ورهاڱي بعد لڏي پاڪستان ۾ آيو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ اچي وسيو هو. جلد ئي سندن پاڪستان جو ڀرم ٽٽي ويو. هو واپس موٽي ويا، پر حسن ناصر واپس وڃڻ کان انڪار ڪيو، ڇو جو اوستائين ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪم ڪندڙ بڻجي ويو هو، شايد ڪراچي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري به ٿي ويو هو. پاڪستان جا جلاد حاڪم هن انقلابي جوان کي ڪٿي ٿا برداشت ڪري سگهن ! ڪوڙي سازش ۾ کيس پڪڙي ڪراچي جيل ۾ ڪُٽي ويا ۽ اُتي کيس ايترو ماريائون جو هو گذاري ويو ۽ چيو وڃي ٿو جيل اندر ئي قبر کوٽي کيس پوري ڇڏيائون ۽ ائين ظاهر ڪيائون ته اوچتي دل ٽٽڻ ڪري هو گذاري ويو. جيجل ماءُ رڙندي روئندي ڪراچيءَ آئي. کيس هڪڙو لاش ڏيکاريو ويو، جيڪو هن انڪار ڪيو ته ڪو سندس ناصر جو آهي .... پر ڪير ٻڌي؟ ڪير انصاف ڏئي !

ڪي نتائج لاءِ ڪا واهه نہ هئي.

سپاهي ڊاڪخ جي دروازي تي بندوقون سڌيون ڪري بيٺا رهيا. ٻئي اِنسپيڪٽر اڳيان وڌي آيا. هڪڙي چيو، 'اوهان لاءِ گرفتاري جو وارنٽ آهي. اوهين ڪيرت ٻاٻاڻي آهيو نہ؟' مون ڪنڌ لوڏي 'ها' ڪئي. پوءِ ڪيس چيم، 'اوهين وهو، مان پنجن منٽن ۾ تيار ٿي ٿو اچان.' هو ويٺا ڪين. پاسيرا ٿي بيٺا. مان بئنڪ وارا ڪاغذ کڻي اندرين ڪمري ۾ ويس. سيني چيڪن تي صحيح ڪيم ۽ سڀ ڪاغذ شانتا کي ڏنم ۽ ڪيس اِهو بہ سمجهايم تہ جڏهين بہ ڪيس ضرورت پوي تہ مسٽر دستور وٽ وڃي پيسا ڪڍائي سگهي ٿي. ٻاهرين ڪمري ۾ اچي، چيم، 'مان تيار آهيان.' اِنسپيڪٽر اڳيان، مان وچ ۾ ۽ پوليس وارا پٺيان، ڊاڪخ لهي هيٺ ٿياسون. مون کي گليل جيپ ۾ وهاريو ويو، جيڪا هوا سان ڳالهيون ڪندي، پنهنجي منزل طرف ڊوڙڻ لڳي. مون کي ڄاڻ نہ هئي تہ ان منزل تي منهنجي لاءِ ڇا رکيل آهي. صرف هڪڙو هلڪو ڊپ مون سان ساٿ ۾ هلي رهيو هو.

جڏهين ڪراچي سينٽرل جيل جي مکيہ ڦاٽڪ وٽ اسان جي جيپ پهتي تہ شام ٿي چڪي هئي. جيل جي ماڙي (آفيس) تي ضروري لکپڙه واري ڪارروائي پوري ڪري، مون کي آڻي، هڪڙي ننڍڙي اڪيلي ڪولي (ڪوٺي) ۾ بند ڪيائون، جتي بستري لاءِ بہ گندا ڪمبل هوا، هڪڙو هيٺ لاءِ ٻيو مٿان لاءِ. صبوح جي حاجت لاءِ ٺڪر جي تراڪڙي ڪوندي، پاڻيءَ لاءِ هڪڙو ننڍڙو مٽڪو ۽ پيئڻ لاءِ ائليومينم جو مگو، ٻيو سڀ خير! ڪوليءَ جي مهڙ واري دروازي جي ٻاهران ورانڊي ۾ لالٽين رکيل هو، جنهن جي جهيڻي روشنيءَ جو زرد ڏهو اندر پئي آيو، باقي چوڌاري سنسناهٽ ۽ ڪاري ٻاٽ لڳي پئي هئي. رکي رکي جيل جي پهريدار جو آواز دور ڪَن پئي آيو، جو ڪنهن نہ - ڪنهن ڪنڊ جي اونداهي جيان پئي لهو جهڪو ٿيندو پئي آيو ۽ آهستي آهستي پهريدار جي بوٽن جي

جو چيڪ منهنجي هٿ ۾ هو ۽ پريس جون چابيون مامي جي هٿ ۾. چيڪ هٿ ڪري جاويد ۽ بشير کي چيم ته ايڏي رقم پاڻ وٽ رکڻ خطري کان خالي نه آهي. ڪين هدايم، ميري ويڊر ٽاور (بندر روڊ) جي پرسان بئنڪ آف اِنڊيا جي شاخ آهي، جنهن جو مئنيجر هڪ پارسي، مسٽر دستور آهي، جيڪو اسانجو همدرد آهي، ڪيس وشواس ۾ وٺڻ گهرجي. ٻئي ڏينهن صبوح جو يارهين بجي وڃي بئنڪ ۾ پهتاسون. هو اسان جي ڳالهه ٻڌي سڀ ڪجهه سمجهي ويو. بروقت منهنجي نالي سان اڪائونٽ کولي، چيڪ بوڪ، رسيد بوڪ ۽ پاس بوڪ تيار ڪرائي ڏنائين. 'او گاڊ' مون ڪونه چيو.

اِها گهڙي منهنجي لاءِ وڏي ۾ وڏي سڀ جي گهڙي هئي. ڏاڍو خوش هوس. لڳم، هڪڙو وڏو انقلابي ڪارنامو سر انجام آندو اٿم. پريشاني ۽ مونجهاري کان نجات ملي ته منهنجو اندر هوا جهڙو هلڪو ٿي ويو. اسان ٽنهين سڌو رُخ رکيو پارٽي آفيس ڏانهن، جو هاڻي مون کي ڪنهن به قسم جو اُلڪو يا خطرو نه رهيو؛ ڪنهن به ڳالهه لاءِ تيار هوس. خوشيءَ ۾ ٻه ٻه ڏاڪا ٽپندا مٿي چڙهياسون. جيڪي مزدور يا ٻيا ساٿي آفيس ۾ ويٺا هوا، تن کي 'هلو هلو' ڪري هٿ ملايم. مشڪي شانتا کي ڪيڪاريم. سيني ۾ سرهائي ڦهلجي ويئي. ڪرسيءَ تي ويٺس ته سڀ چوڌاري ميڙو ڪري اچي ويٺا. هو اِهو ڄاڻڻ لاءِ اُتاولا هوا ته مان هيترا ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هوس. ٺيڪ اوڏي مهل ڪن ماڻهن جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ جي ٺڪ ٺڪ ٿي، ڀاري بوٽن جي ٺڪ ٺڪ ... ايتري ۾ ئي، پوليس جو اٽالو اندر گهڙي آيو. اڳيان ٻه اِنسپيڪٽر پستولن سان ۽ پٺيان ڇهه سپاهي بندوقن سان! ائين لڳو ته هو آسي پاسي منهنجي اوسيڙي ۾ ويٺا هوا، يا ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪي خابرو چڙيل هوا، جن بئنڪ ۾ منهنجي اچڻ جو اطلاع ڪين وائرليس رستي ڏنو هجي. ڪجهه به هجي، هڪ سچ منهنجي سامهون کڙو هو، جنهن

اٿين ٿيڻ لڳي، ڇڻ ڪنهن وزير جي آمد آهي. جيلر جي مقرر وقت کان اڌ ڪلاڪ اڳ ٻئرڪ ۽ کولين جي قيدين کي، هڪ قطار ۾ ويهي وڃڻ جو حڪم ٿيو. مقادم ننڍيون لڪڙيون هٿن ۾ جهلي، سڀني قيدين کي ڍورن وانگر ڌڪي، سڌو ڪري قطار ۾ ويهاريندا ويا. مان به وڃي ڌوهارين سان گڏ قطار ۾ ويٺس. دل زور سان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي، جو من ۾ ڪجھ سٽي ويٺو هوس. اهو اڌ ڪلاڪ، قيامت جيڏو لنبو ٿي ويو. انتظار جون گهڙيون بلڪل پيڙاديھ ٿي ويئون. پل پل ساھ گهٽيندڙ، خاص طور جڏهن جو اسين ڪليل پڌر ۾ ننهڻ اس ۾ ويهي پسينو وهائي رهيا هواسين.

هڪڙي ڳالھ تسڪين بخش هئي، جو معلوم ٿيم تہ هاڻوڪو جيلر پارسي، مسٽر سيلنا، هڪ نيڪ آدمي طور مشهور هو. هن کان اڳ ۾ جيڪو جيلر هو، سو هڪ انگريز، لانگ مئن نالي سان هو. قيدين جي چوڻ موجب هو هڪ نردئي ۽ بد دماغ شخص هو. قيدين سان ڏاڍو بدسلوڪت سان پيش ايندو هو ۽ کين ڇهبوڪ سان ماريندو هو، جيڪو پاڻ سان کڻي نڪرندو هو. سندس شڪل ٻل ڊاگہ وانگر هئي ۽ ڏاڙهيندو بہ انهيءَ جنس وانگر هو. جئن ئي سيلنا ٻئرڪ جي مکيہ دروازي (ڦاٽڪ) کان گهڙي اندر ٿيو تہ سڀني قيدين جا ڪنڌ هيٺ جهڪي ويا، جو جيل جو نيم هو تہ جيلر جي حاضريءَ ۾ قيدي سڌا نہ، پر ڪنڌ لڙڪائي ويهن. مان تہ سڌو ويٺو رهيس. سپاهي ۽ مقادم تہ گهڻائي پيا اشارا ڪن تہ ڪنڌ جهڪائي ڇڏ، پر مون هنن ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ڏنو. منهنجو سڄو ڌيان هو مسٽر سيلنا ۾، جيڪو قطار جي منڍ کان معاونو ڪندو اڳتي سُرندو ٿي آيو. منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ اڃا بہ وڌندي پئي ويئي .... ۽ جئن ئي هو منهنجي سامهون پهتو تہ مان فطار ڇڏي وڃي سندس سامهون ويٺس. چوڌاري 'شو - شو' جا آواز آيا، پر مون يڪدم کيس مخاطب ٿي چيو، 'مسٽر سيلنا، مان راڄنيتي قيدي آهيان ..... ڪالمج جو وديارٿي

ڪٽاڪٽ سان ملي، فضا کي ڀيانڪ بڻائي ٿي ڇڏيو. جڏهين پهريدار منهنجي ڪوليءَ اڳيان لنگهندي، اندر ليئو پائي ٿو ڏسي تہ قيدي آهي يا فرار ٿي ويو آهي تہ منهنجي بدن ۾ هلڪو سيات گهمي تو وڃي، گويا ڪو جمدوت سامهون بيٺو آهي.

صبوح جو بئرڪن ۽ ڪولين جا دروازا کوليا ويا. سڀ قيدي ٻاهر نڪري آيا. ضروري حاجتون پوريون ڪري، ٻهاري، پوچي ۽ جيل جي ڪم کي لڳي ويا. ڪي وري ميڙاڪا لاهي ويٺا رهيا. مان صبوح جي حاجت پوري ڪري، ورانڊي جي ٿني تي ويهي رهيس. مونکي نئون ڏسي سڀ مونتي نظرون کپائي بيٺا. شايد عجب ڪائيندا هوندا تہ کهڙو نئون پکي اچي پڃري ۾ ڦاٿو آهي – جوان جماڻ، ڏسڻ ۾ سهڻو، شڪيو ستابو، انگريزي سنوارت ٿيل، اڇي سلوار ڪرتو - ڪي همدرديءَ وچان يا عجب وچان ويجهو اچي حال احوال وٺڻ لڳا. جيل جي اندر قيدين جي هڪ پنهنجي برادري ٿيندي آهي، جيڪا ملي لڳندي آهي. مون کين ٻڌايو تہ مان راڄنيتي قيدي آهيان. پورهيتن جي پارٽيءَ جو ميمبر آهيان. مٿن وڏيڪ اثر وجهڻ لاءِ ائين بہ چيم تہ مان جي. ايم. سيد جو ماڻهو آهيان. ان ڳالهہ جو سڀ پڇ بجليءَ وارو اثر ٿيو. يڪدم چيائون تہ راڄنيتي قيدين کي خاص بئرڪن ۾ رکندا آهن، هيءُ تہ راوجي قيدين کي رکڻ لاءِ آهن. هنڙي عمدي همدرديءَ جو اظهار، سو بہ چورن، ڌاڙيلن ۽ ٻين ڏوهارين کان ٻڌي مونکي ڏاڍو سلو لڳو ۽ مون ۾ انسان جي بنيادي ڀلمانسائي واري عقيدي کي اڃا بہ وڌيڪ مظبوط ڪيو.

جيل وارن کي لکڻ يا پنهنجن سائين تائين نياپو پهچائڻ تہ ڏکيو هو، تنهن ڪري ترسيس تہ آرتوار جو ڏينهن اچي جو ٻڌو هوم تہ اُن ڏينهن جيلر چڪر تي ايندو آهي، قيدين جا اهنج – سور ۽ عرض بہ ٻڌندو آهي. آرتوار صبح جو اٿڻ سان ئي وٽ – پڪڙ ٿي وئي ... جملر ٿو اچي ا صفائي

هو ۽ سرڪاري ملازمن جي بدل سدل ۾ پاڪستان آيو هو. کيس ڪراچيءَ ۾ انسپيڪٽر جي عهدي تي رکيو ويو هو. جنوري واري وڳوڙن ۾ جيڪا ڦرلٽ ٿي تنهن جو ڪجهه سامان سندس گهر مان لڌو ويو هو، جنهن بنياد تي ڪيس نوڪري مٿان سرا ملي هئي. پر سندس چوڻ هو ته هو سازش جو شڪار ٿيو هو. ڏوهه ۾ بالا آفيسرن جا هٿ رنگيل هئا، ڪيس صدفي جي هڪڙي ٻڌايو هو هو. اهو سچ به ٿي سگهي ٿو، بناوتي ڪهاڻي به ٿي سگهي ٿي. پر هڪ ڳالهه هئي ته ڏسڻ ۽ هلڻ وهنوار ۾ شريف ۽ مهذب لڳندو هو. ذهين به هو ته چالاڪ به هو. پڪو آستڪ هو، پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو. اسان جو پاڻ ۾ سڄو وقت سياست ۽ ڌرم تي بحث هلندو رهندو هو. هو پنهنجي عقيدي جو پڪو هو، پر منهنجا وڳيان ۽ عقل-پرستيءَ تي ٻڌل وچار ڏاڍا سان ٻڌندو هو. منهنجي ناستڪپڻي کان ڪڏهن ڪونه ڪائيندو هو، هيڪاري وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ سوال اٿاريندو هو.

مسٽر ٽلومل ڏيروائي، پنهنجي قسم جو هڪ من موجي شخص هو. اسين سائس ڏاڍا چرچا گهڻا ڪندا هئاسون. کيس سڏيندا ئي هئاسون، 'ڊاڪٽر وطن خدمتگار'! هسي مذاق سان اسان کي پيو وندرائيندو هو. هڪ رات جو ائين محفل لڳائي ويٺا هئاسون ته هڪڙو راز کولي ڪٽي اسان جي اڳيان رکيائين. چي : 'مان روح گهرائي سگهندو آهيان.' مونتي ته مزو اچي ويو، ڊاڪٽر جي گپت شڪتيءَ جو ٻڌي. مون چيو، 'ڊاڪٽر چا هت حمل ۾ به روح گهرائي سگهندا؟' چيائين، 'چو نه! روح نه ڪٿي نه پهچي ويندا آهن.' مون چيو، 'ڊاڪٽر صاحب مان مهاتما گانڌيءَ جي روح سان ڳالهائڻ ٿو چاهيان' سو سائين، روح کي گهرائڻ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. سڏي لٻائي تي هڪ سفيد ڪاغذ رکيو ويو، جنهن تي پينسل سان اڏيون اڀيون ليڪون پاتيون ويون. ڪاڇ جو هڪڙو گلاس اونڌو ڪري پٽي جي وچ تي رکيو ويو. پوءِ ڊاڪٽر من ئي

۽ پورهيت هلچل ۾ ڪم ڪندڙ ..... مون کي هتي اچي عام ڏوهارين جي وچ ۾ ڦٽو ڪيو اٿن .....' ڪيس ته ڪا جاچ ئي ڪانه هئي، اُتي جو اُتي حڪم ڏنائين ته هن کي بي - ڪلاس وارڊ ۾ وٺي وڃي رهايو. حڪم ملڻ سان ئي هڪڙي سپاهي مون کي پاڻ سان وٺي اچي، بي - ڪلاس بئرڪ ۾ پهچايو، جتي ٻه شخص اڳواٽ ئي کٽن تي ويٺا هئا. مون اڳتي وڌي ٻنهي سان هٿ ملايو. مون کي لڳو ته هو رواجي گنهگار نه هئا. هنن کي پڻ منهنجي آمد تي خوشي ٿي – ٻن کان ڀلا ٽي! ڪچهريءَ ۾ ضرور اضافو ٿيندو. منهنجا ٻئي جيل جا ساٿي بلڪل سيبا، ذهين ۽ راجنيتيءَ ۾ دلچسپ رکندڙ هوا. اسين راجنيتيءَ جي ٽڪنڊي جي الڳ الڳ ڪنڊن تي ويٺا هئاسون، پر سنڀند ۾ اسانجي وچ ۾ بيحد قربداري هئي.

هنن ٻن ۾ هڪڙو هو، مسٽر ٽلومل ڏيرواڻي، جيڪو 'وطن خذمتگار، نالي هلچل جو هرتا ڪرتا هو. سندس هلچل سنڌ ۾ چڱو چوکول مچايو هو. هنن وطن خذمتگارن جو ڪم اهو هوندو هو، جو ريل گاڏين ۾ چڙهي وڃي زنجيرون ڇڪيندا هئا، پائخانن جي صفائي ڪندا هئا، گاڏن مان ڪچرو ميڙي ڪڍندا هئا، ماڻهن کي پاڻي پياريندا هئا ۽ ٻين ڳالهين جو به اونو رکندا هئا! ائين هو ريلوي قانون جي ڀڃڪڙي ڪري پاڻکي پڪڙائيندا هئا، ٻه - ٽي ڏينهن جيل جي سزا ڪاٽي وري اچي ساڳئي ڪم کي لڳندا هوا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ٿورن مهنن اندر ئي ڊاڪٽر ڏيرواڻيءَ کي، جيڪو هن هلچل جو روح روان هو، تنهنکي پاڪستان جي امن امان ۾ رخنو وجهڻ واري قانون تحت ٻڌي اچي ڪراچي سينٽرل جيل ۾ بند ڪيائون.

ٻيو هم سفر قيدي هو، انسپيڪٽر مقبول خان، جيڪو اُتر پرديش مان لڏي آيل مهاجر هو، جنهن جي پنهنجي بندوبستي ۽ زباني هي رٿ هئي : هو يو.پي. پوليس ۾ انسپيڪٽر

فضا ڪي ھلڪو ڪرڻ جي مراد سان چيم، ’ميان ڏي خبر، اڄ گھوري گھوري پيو نھارين؟‘ منھنجو ھٿ پڪڙي چيائين، ’ھل ٻاھر! مان ڏيپ گاڏڙ حيرانيءَ ۾ پئجي ويس تہ چا ٿيو ....؟ ٻئرڪ کان ٻاھر نڪتس تہ چيائين، ’سامھون نھار، جيل ماڙيءَ طرف، مون ڏٺو پاڪستان جو جھنڊو اڏ جھڪيل ھو. چيائين، ’قاعدي اعظم گذاري ويو .... جي تون واٽيو نہ ھجين ھا تہ توکي پير ڪري پوڇيان ھا.‘ مون چيو، ’چڱو ٿيو خدا جي فضل سان پيري - ميريدي جي چڪر کان بچي ويس.‘

ٿورن ڏينھن کانپوءِ اوچتو جيل جو سپاھي اسانجي ٻئرڪ ۾ آيو. چيائين، ’ديوان، اوھين پنھنجو سامان ٻڌو.‘ مون چيو، ’خير تہ آھي؟‘ چيائين، ’سڀ خير آھي ..... بي - ڪلاس جي ڪولي خالي ٿي آھي. اوھان کي اُتي ولي ھلڻو آھي، جتي ٻيا بہ اوھان جا دوست رھيا پيا آھن.‘ مون کان خوشيءَ ۾ دانھن نڪري ويئي. مقادم کان منھنجو سامان کڻائي، سپاھي مون کي بي - ڪلاس وارڊ ۾ ولي آيو. دروازي تي منھنجا ڪامريڊ - اي. ڪي. ھنگل، گلاب ڀڳواناڻي، پوھومل ۽ عبنشي ودبارٿي بيٺا ھئا، جو ڪين بہ معلوم ٿي ويو ھو تہ مون کي ھت ٿا ولي اچن. ھڪٻئي کي واري واري سان ڀاڪرن ۾ ڀري ورتم. سوڀي ۽ بخاريءَ بابت پڇيم تہ ٻڌايائون تہ ھنن ٻنھي کي وڏيڪ خطرناڪ سمجھي، ٻئي ڪنھن ھنڌ ھڪٻئي جي ويجھو نظربند ڪيو ويو آھي. نئين ماحول ۾ سائين جي وچھ اچي مان ڏاڍو خوش ھوس. ٻاھران اسان ’اِ ڪيترا دوست ڪاڏي جون ۽ ٻيون ضروري شيون بہ پھچائي ويندا ھئا، جنھنڪري ڪاڏي پيتي جو سڪ وڏيڪ ھو. خاص ڳالھہ اھا ھئي جو اي. ڪي. ھنگل جي پتني ۽ پوھومل جو ٻنا ملاقات ولي، اسانکي ٻاھر جو ٿورو حال احوال بہ ڏيئي ويندا ھئا، جيڪو اسانکي ڏاڍو سلو لڳندو ھو ۽ آٿت بخشيندو ھو. ھوڏانھن سوڀي ۽ بخاري جا پريوار پڻ ڪراچيءَ ۾ رھندا ھئا، آھي بہ ملاقات ولي ٻاھر جو سماچار ٻڌائي ويندا ھئا،

من ۾ ڪي منتر اُچاريا. هڪڙي گهڙيل پينسل پڻ گلاس جي پاسي ۾ سڌي ڪري بيهاري وئي، ڇهنب پني تي ۽ مٿو مٿي. پوءِ ڊاڪٽر صاحب چيو، ’ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر پينسل جي مٿي تي رک ۽ کابي هٿ جي ڏسٽي آڱر اُبتي گلاس جي مٿان وچ تي رک ....‘ مون حڪم بجاءِ آندو. چيائين، ’هاڻي تون مهاتما گانڌيءَ جي روح کان ڪي بہ سوال پڇ.‘ مون شانت ۽ گنڀير من سان سوال ڪيو، ’مهاتما جي، اوهين انهيءَ دنيا ۾ خوش آهيو؟‘ ڊاڪٽر ڏيرواڻي ڏاڍي انتظاريءَ سان ڏسڻ لڳو تہ پينسل جي نوڪ ڪيڏي مهل ٿي چُري. مان پنهنجي آڱر زور سان پينسل تي جهلي بيٺو رهيس. پوءِ تہ مان سوالن مٿان سوال پڇندو رهيس – ’باپوجي، سرڳ ۾ اوهان جو وقت ڪيئن ٿو گذري .... اسانجي سار سنڀال جو نٿا لهو ..... اوهان ڇا هڙي آزادي چاهي هئي ..... وغيره وغيره.‘ ڊاڪٽر جو منهن لهندو ويو ۽ پوءِ ڪنهن مهل جادوءَ جو کيل ئي ڊاهي ڇڏيائين ۽ غصي ۾ اچي چيائين، ’ناستڪ وٽ روح نہ ايندا آهن.‘ مان ۽ مقبول خان پنهنجي کل لڪائي گنڀير ٿي وياسون.

هڪڙي رات جو اسان ٽيئي گهڻي دير تائين راڄنيتي تي گرما - گرم بحث ڪري رهيا هئاسون. پوري ڪنڊ جو جائزو وٺي، پاڪستان جي موجوده حالتن تي پڻ ويچار ونڊي رهيا هئاسون! اوچتو مقبول خان چيو، ’اڄڪلهہ قاعدي اعظم محمد علي جناح جو ڪو تازو بيان ڪونہ نڪتو آهي.‘ مون کان الائي ڇو، بي اختيار نڪري ويو، ’هو زنده آهي بہ سهي يا نہ!‘ ڳري ڳالهہ ڇئي وڏي هئي ۽ ظلم ٻري سگهيو ٿي، پر مقبول خان خاموش رهيو. مان بہ چپ ٿي ويس. اٿي ڪپڙا ڦٽياسون ۽ پنهنجن بسترن تي وڃي ليٽياسون.

صبوح جو مان اُٿيس تہ مقبول خان مون ڏانهن گهوري پيو نهاري. سوچيم تہ رات واري ڳالهہ جو ذڪر اچا ائس.

ڏوراپا ڏنا اٿائين، جنهن ڪري مُلا مٿس ڏمرجي ويا ۽ ڪفر جون فتوائون صادر ڪيائون. درياشاه ۾ 'سنڌو' جا گيت ڳايا اٿائين ۽ 'آزادي ۽ وطن' ۾ ملڪ جي محبت جو نغمو ڳاتو اٿائين. ورهاڱي ڪانپوءِ به 'جيئي سنڌ - جيئي هند' جهڙي سنڌ جي محبت جو مچ ٻاريندڙ ڪوتا لکي پاڪستاني حاڪمن جو قهر حاصل ڪيائين، جن ڪيس ڪيترائي سال ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪري، مئل حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو. سنڌ مٿان شهيد ٿيندڙن ۾ حيدربخش جتوئي نالو اول صف ۾ رهندو. کيس 'بابائي - سنڌ' خطاب سان سڏيو ويندو آهي.

مونکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. چي : 'چڱو ڪيئه، پوري وقت ني پهتو آهين. هاڻي وٽ، سنڀال 'هاري حقدار' پريس ۽ هفتيوار اخبار، جئن مان هاري تنظيم کي وڌيڪ وقت ڏئي سگهان.' مون کي سڪون به مليو ۽ پنهنجي آدرش جي ڪاربه جي راه به کلي آئي. ملول چهرو مسرت ۾ بدلجي ويو. ٻهرين ڏينهن کان ئي پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويس. مون کان اڳ هڪ 'بام' نالي ڪامريڊ، حيدربخش جتوئي کي پريس ۾ مددگار طور هٿ وٺائيندو هو. اصل نالو الائي ڪهڙو هوس، پر قد ۾ ننڍو، بدن ۾ پتلو، پنجابي جوان اهڙو تيز، ڦري ۽ ڪڙاڪيدار آواز ۾ ڳالهائيندو هو، لفظن جي اصل بمبازي ڪندو هو، سو نالو ئي 'بام' پئجي ويو هوس. منهنجي اچڻ ۾ هو خوش نه هو، جاڪاڻ ته سندس اڪيلي 'بادشاهي' ۾ مون جهڙ اچي رخنو وڌو هو. ٻن ٽن ڏينهن جي ڪم بعد، سندس رنجش مون کان لکي ڪانه سگهي. البت وڏي وجهه جو مون کي امڪان ڏسڻ ۾ آيو. مون ادي جتوئي سان خانگي طور هن حقيقت بابت ذڪر ڪيو. کلي ڏنائين، چي : 'البزهل تلوار ۽ الگهڙيل ڪاٺ آهي، تون هن جي ڪنهن به ڳالهه يا هلوار جو خيال نه ڪر. 'هاري حقدار' اخبار لاءِ مواد لکڻ ۽ ان جي ڇپائي کي ڏسڻ جو ڪم تنهنجو آهي. باقي وقت بچي نه انقلابي ساهت جو ترجمو ڪندو رهه، جيڪو اسين

جيڪو پڻ سوڀو پنهنجي تي لکي ڪنهن مقادم جي معرفت اسان کي موڪلي ڏيندو هو. باقي سڄو وقت اسين مارڪسوادي ۽ ٻيو ساهت جيڪو ٻاهران گهرائي وٺندا هئاسون، تنهن جي اڀياس ۾ پورا هوندا هئاسون ۽ گرما گرم بحث به چالو هوندو هو.

پوءِ اوچتو، هڪڙي ڏينهن ٻارهن مهنن جي نظربنديءَ کانپوءِ، مون کي ماڙيءَ تي گهرايو ويو. هڪڙو حڪم مون کي پڪڙايو ويو، جنهن ۾ منهنجي آزاديءَ جو پروانو هو، پر ساڻ ئي ساڻ اهو نادري حڪم پڻ جاري ڪيائون ته مان چوويهن ڪلاڪن ۾ ڪراچي ڇڏي وڃان. جيڪا خوشي جيل مان ڇٽڻ سبب ٿي، تنهنکي هن منحوس فرمان مات ڪري ڇڏيو. جيل کان ڇٽڻ کانپوءِ مان سڌو سوڀي جي گهر پهتس. سندس گرفتاريءَ کانپوءِ سندس پتني ۽ ٻار ڪراچيءَ اچي رهيا هئا، جنءَ سندس ملاقات به وٺي سگهن، شيءِ - ٽول ۽ ٻيون گهرج جون شيون ڪيس پهچائي سگهن.

مون رات سوڀي جي گهر ۾ گذاري. من ۾ طوفان مثل هو. آئيندي جي تصوير ڏنڌلي بڻجي رهي هئي. ارادو اڃا به مضبوط هو، پر دشا چٽي نه هئي. ڪراچي ته ڇڏڻي هئي. اسٽيشن تي پهچي، حيدرآباد لاءِ ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويس. شام ڌاري حيدرآباد پهتس. قدم منهنجا ازخود پنهنجي ماءُ طرف هلڻ لڳا. اهوئي سوچيو هوم ته سنڌ جي محبوب هاري اڳوان حيدر بخش جتوئي وٽ پهچي پوءِ وڌيڪ سوچيندس. حيدر بخش سنڌ جو اُهو بهادر ۽ وطن پرست دلير هاري نيتا هو، جنهن اُن زماني جي ڊپوٽي ڪليڪٽريءَ کي ٺوڪر هڻي، پنهنجي قسمت ڪميونسٽ هلچل سان جوڙي هئي ۽ 'هاري حقدار' آندولن جون واڳون هٿ ۾ جهليون هيون. هو سنڌ جو هڪ باغي شاعر هو، جنهن 'شڪوه'، 'درياه شاهه' ۽ 'آزادي ۽ وطن' جهڙيون امر ڪوتائون لکيون. 'شڪوه' ۾ الله کي

هو. اسين ڪيترا دفعا ساڻس گڏجي، چاچي حاشم جي گهر مانئون کائي آيا هئاسين. چاچو حاشم به ترقي‌پسند ويچارن جو ماڻهو هو ۽ پنجاب مان نڪرندڙ ترقي‌پسند رسالي ’برينٽ لڙي‘ جو باقاعدي خريدار هو، جنهن ۾ ڌرمي ڪٽرپڻي تي سخت چوٽ ڪئي ويندي هئي ۽ انسان جي بنيادي برادري فلسفي کي ترجيح ڏني ويندي هئي. چاچو حاشم نهايت رڃ - مڙس ۽ دل جو شاهه هو. هن کان وڌيڪ ٻيو ڪو مهربان منهنجي لاءِ ڪير ٿي سگهي ٿو؟

بنا ڄاڻ ۽ اطلاع جي، جو مان اچي چاچي جي گهر وارد ٿيس ته چاچو اصل حيرت ۽ خوشيءَ ۾ ماپيو نه پيو سمائي. ڏاڍو آدر ڀاءُ ڏنائين. ٻه - ٽي ڏينهن ته جيل جي ڳالهين - قصن ۽ مهمانوازيءَ ۾ گذري ويا جڻ وقت جي گهڙيءَ کي ڪنهن تيز رفتار تي رکي ڇڏيو هجي. اسان جو هڪڙو ٻيو به گهرو دوست هو، مولا بخش، جيڪو نئون شهري فيروز ۾ ڪنهن اسڪول ۾ ماستري ڪندو هو. پيار وچان اسين کيس ’مولو .... مولو‘ ڪري سڏيندا هئاسون. چاچي ڪنهن هٿان کيس نياپو موڪلي ڏنو ته ڪيرت جيل مان ڇٽي آيو آهي، اڄ ته ڪچهريون ڪريون. ٻه ٽي ڏينهن موڪل وٺي، هو به اچي چاچي جي گهر پهتو. پوءِ ته ٻن مان ٽياسون ٿي. خوب محفلون مچنديون رهيون. مکيه طور اسانجي ڳالهين جا موضوع هوندا هئا، ڌرم ۽ سياست. هن اپکنڊ ۾ ڌرم ۽ مذهب جي اوٽ ۾ ڪيترا قهر ٿيا آهن. سماج انڌوشواس ۾ ڪيتري نه تلي تي وئي آهي ۽ عام ماڻهو جهالت جي ساگر ۾ غوطا کائي رهيا آهن، ملا ۽ ٻانڀڻ سندن بيوسيءَ جو اجوڳ فائدو وٺي سندن جيون جي خوشي ۽ رس چوسي رهيا آهن وغيره.

هڪڙي ڏينهن صبوح جو مولا بخش ننڊ مان جاڳندي چيو، ’تو رات ڪو اسرار ڏٺو؟‘ ’ڪهڙو اسرار؟‘ مون پڇيو.

آهستي آهستي پريس مان ڇپائيندا رهنداسون.' مان اطمنان سان ڪم ڪي لڳي ويس. منهنجي رهڻ جو بندوبست، پريس اندر هڪ الڳ ڪمري ۾ ٿيو. ڪاڏو منهنجو جتوئي جي گهران، جيڪو پريس جي مٿان پهرين منزل تي هو، ايندو هو. سندن نوڪر يا ڪو پٽ هيٺ ڏيئي ويندو هو.

هڪڙي ڏينهن، جڏهن مان اُٿيس، منهنجي نظر ڪمري جي دريءَ مان رستي جي سامهون واري پاسي جي ريسٽارنٽ تي پيئي. ڪو شخص بڪٽڪ دريءَ طرف نهاري رهيو هو. منهنجي من ۾ شنڪا جاڳي. مون به - ٻي دفعا دريءَ کان هٽي، وري اچي دريءَ مان نهاريو. اهو شخص اُتي ئي ويٺو اکيون ڦاڙي مون ڏي تڪي رهيو هو. مونکي ڪجهه ٺيڪ نه لڳو. ڪهڙو اسرار آهي، ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. جڏهن شام تائين اهو شخص ساڳي هنڌ ڄميو رهيو ته منهنجي شنڪا دپ ۾ بدلجي ويئي. اُن زماني جي جنوني حالتن هيٺ ڪابه خطري جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي. جڏهن حيدربخش شام جو گهر موٽيو ته ساڻس سربستي ڳالهه ڪيم. چيائين، 'اهو سرڪاري ڪُتو آهي، تنهنجي پنيان ڇڏيو اٿن جاسوسي ڪرڻ لاءِ، ته تون ڇا ٿو ڪرين. ڇوويهه ڪلاڪ تنهنجي پنيان هوندو. گهبرائڻ جي ضرورت ڪانهي. اسين اهڙن ڪتن ٻي هري ويا آهيون....' منهنجو من شانت ٿي ويو.

پنهنجي پياري شهر نوابشاهه ڏسڻ تي ڏاڍي دل سرڪي رهي هئي. مهنو ڪن رکي جتوئي کي ٻڌايم ته نوابشاهه ڏسڻ تي دل اٿم. خوشيءَ سان موڪل ڏنائين. منهنجا مٽ مائٽ ته گهڻو اڳ شهر ڇڏي هليا ويا هئا. هندن مان ڪو واڪار بچيو هجي، اهڙي به ڪا ڄاڻ ڪانه هيم. هاري هلچل ۾ اسانجو هڪڙو قريب ڪامريڊ هوندو هو، پير محمد ٽالپر، جنهن سان اصل لنگوٽئي يار وارا ناتا هوندا هئا. نوابشاهه ۾ ريل جي بيءِ ۾ سندس سڳو چاچو محمد هاشم ٽالپر رهندو

پوءِ مان پنهنجي پياري ڳوٺ جا چڪر مارڻ لڳس. هڪ هڪ ڪري اُها هر جڳهه ۽ هنڌ ڏٺم، جنهن سان جيءُ جو ناتو جڙيل هو — پنهنجو گهر، گوپيءَ جو گهر، اسڪول، مارڪيٽ، چڪرو، موتي بزار، عرب آباد، لوڪبورڊ آفيس، جنهن تي ناهه ڏٺي هئيسين. گهٽيون، دوستن جا گهر، اُهي دوڪان، جتان اسين تول ۽ شيون وٺندا هئاسون، اُهي هوٽلون، جتي اسين ڪم جي چانهه ۽ بلور جي بوچ وارو لمليٽ - سوڍا پيئندا هئاسون، اُهي گهٽيون، جتي گوليون ۽ بال راند ڪندا هئاسون ..... هندن جي پاڙن مان سڀ پريوار لڏي چڪا هئا. جڳهيون يا تہ ويران هيون يا مهاجرن اچي والاريون هيون. انهن جي حالت ڦاس جوڳي هئي، درين دروازن جا فريم ڪڍي ٻاري ساڙي ڇڏيا هئائون، چوڌاري گندن جا ڍير لڳا پيا هئا، رستن تي ڪاڪوس ۽ پيشاب عام جام ٿئي ڏٺا. شهر جي چوڪن تي مکين جا ميڙ جهونگي رهيا هئا .... دل ڏاڍي اداس ٿيندي هئي، ذهن پريشان ٿي ويندو هو. هر هر شاهه جي تڪ مڪ تي ايندي هئي :

'مڙهيون مون مارين، اهوئي سڀ لڏي ويا.'

هڪڙي ڏينهن شهر جو چڪر لڳائيندي، موٽي رهيو هوس تہ الله ڏنو واٽ تي ملي ويو. اسان سان ساڳئي اسڪول ۾ گڏ پڙهندو هو. مذاق مذاق ۾ اسين کيس 'ڏنو ..... ڏنو' ڪري سڏيندا هئاسون. صفا ڏڏ هو، ويڙهو گهڻو ۽ نگرڏاهو هو. هميشہ هٿ انگلاڻ جي ناڙ ۾ هوندو، ڇڄ هٿ ۾ حارس هئيس. جهيڙي جهيڙي ڪري ماستر صاحب جا ڇوپ تي رُول کائيندو هو. ماستر کيس رُول نہ هڻي سگهندو هو، جو ٻاهر نڪرڻ تي هن کي ڪٽي وات تي دسيندو هو ۽ لڏي رکندو هوس. موکي ڏسي، چيائين، 'والله! تون اڃا پاڪستان ۾ رهيو پيو آهين؟! لڏي پاڻ ڪونہ ويو آهين؟ جماني پياري ڪاڻ الئي جا؟' مون رکيو منڪيو، 'انهائن جي ضرورت ڪاڻ سمجهيم، جاڪاڻ تہ اهڙا شخص مسلم ليگ جا پانيل ڍهني

هن چيو : ’هن وچين پٽ جي پئي طرف تو ڪنهن عورت جو پاچو ڪونہ ڏٺو؟‘ مون چيو، ’تون بہ چا جنن - ڀوتن ۾ وشواس رکندو آهين؟ رات جو چا ڪا ڀوتڻي توکي ڏسڻ ۾ آئي؟‘ وڏو ٽهڪ ڏيئي کلي پيو. پوءِ گنڀير ٿي چيائين، ’مان جڏهين بہ هت ايندو آهيان تہ اهو اسرار ڏسندو آهيان .... اهو منهنجي دل جو وهم نہ آهي، پر اسان جي مسلم سماج جي هڪ لعنت آهي.‘ مان سوالي نظرن سان ڪيس ڏسندو رهيس. چيائين، ’پٽ جي هن طرف هڪ وڏيري جي حويلي آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ هڪ وڏور ڏيءُ گهر ۾ وهاري ويٺو آهي - ڪافي وڏي، شاديءَ جي لائق ٿي ويئي آهي. اسانجي مسلم سماج ۾ خرابيون ائين وڌنديون آهن. ڪنهن بہ لائق جوان سان شادي ڪرائڻ ۾ سندس نڪ ڪٽجي ويندو. ڪيس زميننداري ٻار ڪيي، پوءِ ڀل اُهو بداخلاق يا اوباش هجي. اگر ڪو اهڙو ور نہ مليو تہ پوءِ نياڻيءَ جي جواني ڪيي ڪاڄي ويندي ۽ آخر ۾ ڪيس اُها حويلي نصيب ٿيندي، جتي ٻيون بہ بدنصيب ٻيوس، سندس جهڙيون مانا ڪائي مٽي چڙهيل ٻيبيون حرم خاني ۾ اڳوات ئي ويٺيون هونديون ..... جڏهن ڪو مردانو آواز ٻڌندي آهي، تہ پٽ تان لڪو پائي چاچي جي آڳڻ ۾ ڏسندي آهي.‘ مون کي چرچو سجهي آيو. چيم، ’مؤلو بار! تون ثواب جو ڪم ڪر. وڏيري کان سڱ گهري وٺ. هل تہ هلي ٿا ڪيس سمجهايون تہ تو جهڙو خوبصورت، پڙهيل ڳڙهيل ۽ شريف نائي ٻيو ڪيس ڪٿان ملندو ...!‘ پئي گڏجي اچي زوردار ٽهڪن ۾ پياسون. ٽهڪ بند ئي نہ ٿيس، جو چاچو حاشم اچي اڳڻ ۾ پهتو. ’ابا چا ٿيو؟ ڪو قارون جو خزانو لڌو اٿوَ جو اصل کلندي اُپساهيءَ ۾ پئجي ويا آهيو. مونکي اندرين ڪمري ۾ پئي اوهان جا ٽهڪ ٻڌڻ ۾ آيا ....‘ اسين خاموش ٿي وياسون. چاچي چيو، ’هلو اوطاق ۾، اوهان جو ناشتو تيار آهي.‘ اسين بسترا ڇڏي اٿياسون، ٽڪڙو هٿ منهن صاف ڪري وڃي ڪاڏي جي مز تي ويٺاسون.

عاموءَ وٽ ٿي ايندا هئا. خاص طور آرتوار يا موڪل جي ڏينهن تہ وٽس قطار ۾ ويهڻو پوندو هو، جيئن هت اڄڪلھ وڏن شهرن ۾ مشهور سئلونن ۾ ٿيندو آهي. هو گراهڪن کي ڏاڍو ڀائيندو هو. جڏهن اُن زماني ۾ خرچي (ٽپ) جو رواج نہ هوندو هو تہ بہ اسان مان ڪي کيس پنجاھ پيسا وارن جا ۽ پنج پيسا مٿان ٽپ ڏيندا هئا، جيڪا وڏي ڳالھ هئي. محمد درزي ۽ غلام محمد حجام مون کي ڏاڍي سڪ سان مليا. مونکي دوڪان تي وهاري چانھ بہ پياريائون. هندن جي لڏي وڃڻ تي ڏاڍو ڏک هون. ننڍو وڏو پورهيو ڪمدار مسلم پائر هندن جو ڪم ڪندا هئا، جنهن تي سندن ڪٽنب پلبا هئا. هندن جي وڃڻ ڪري ڪين روزگار ۾ ڏاڍو ڏک لڳو هو ۽ پريشاني وڏي هئي.

ٿورن ڏينهن جي نوابشاهہ جي گشت بعد مان موٽي حيدرآباد آيس ۽ وري ساڳي حقدار پريس ۾ ڪم کي لڳي ويس. واپس اچي ڏسان تہ 'ناظر' ئي ٻيو هو. حيدربخش مان معلوم ٿيو تہ منهنجي سوال تي تہ 'هندو ڪافر' کي پريس ۾ رکيو اٿئي، هن سان جهڳڙو ڪري، راتو واھ پريس ڇڏي هليو ويو. ڪير ڄاڻي ڪيڏانهن ويو!

هڪڙي ڇنڇر شام مان پريس جي ٻاهران کٽ تي ليٽيو پيو هوس، اکيون آسمان طرف ڪري، اچانڪ هڪ زوردار هوا جو جهونڪو آيو، جو رستي جي دز پاڻ سان کڻندو آيو. دز ڪارڻ منهنجون اکيون ٻوٽجي ويئون ۽ پلڪن اندر انڌڪار جو اونڌو ڇانئجي ويو. پلڪون اڃا پوريل ئي هيون جو مٿي تي ڪنهن جي ٺڪڪيءَ جو احساس ٿيو. اُن ڇهاءَ جي سڳنڌ منهنجي سرير کي سُرهي ڇڏيو. اکيون کولي ڏسان تہ مٿي کان شيخ اياز بيٺو آهي. اعتبار ئي نہ اچي. اکيون پوري وري کوليم تہ ڪٿي خواب تہ ناهي! پر نہ، هي شيخ اياز ئي تہ هو! ٽپو ڏيئي کٽ تان اٿيس. کيس ڀاڪر ۾ ڀري ورتم. هميشہ

مريض هئا، جن کي مذهبي بغض جي زهريلي سَپَ ڏنل هئي.

ڳوٺ جي ٻن ٽن ٻين شريف ۽ مهذب مسلمانن سان به ڪچهري ڪرڻ ويس. انهن ۾ هڪڙو هو، جهونو ۽ بزرگ ڪانگريسي حڪيم مولوي محمد مواذيلمانسائي ۽ حليمائي جي مثالي تصوير، جيڪو اڃا تائين ننهنجي خلافت وارن قومي عقيدن تي قائم هو. چوڌاري فرقيپرستن سان گهيريل، اخلاقي جرئت سان ڳاٽ اوچو ڪري، رهيو پيو هو. مونکي ڏسي عجب ۾ پيو ته مان اڃا ڪيئن پاڪستان ۾ رهيو پيو هوس. ڏاڙهون ۽ جي رس جي شربت جو گلاس پياريائين. سندس شربت سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويا هئا. حال احوال ورتائين ۽ شاباس ڏنائين جو همت ڪري رهيو پيو هوس ۽ هيڙي گهٽيندڙ فضا ۾ ساڻ ڪٽي رهيو هوس. ساڳي پاڙي ۾ پراڻو ڪامريڊ ۽ هاري ڪم ڪندڙ عبدالخالق رهيو پيو هو، ننهن سان به مليس. هو ڏاڍو پختو شخص هو. 'انقلاب' نالي هفتيوار اخبار به شايع ڪندو هو. بعد ۾ معلوم ٿيو ته ڪٽر پرست مهاجرن ٽنس دهريو (ناستڪ) قرار ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو.

ٻيا به سادا شريف ۽ خوش مزاج محنت ڪندڙ ڳوٺائي جن سان خاص وڃي مليس، تن مان هڪڙو هو محمد درزي - سچو نالو وسري ويو اٿم. ٽڪرون ۽ خميصون هن کان سبائيندا هئاسون. اسڪولي يونيفارمون سبڻ ۾ ماهر هوندو هو. شوق ۾ سيکو شاگرد وٽس ئي ايندو هو. اسان ڪڇڙن - سهڻن ڇوڪرن کي ڏاڍي چاهه سان ڏسندو هو ۽ مرڪندو هو. اکين ۾ ميل پريل نه هوندو هوس، بلڪ شرافت ٻکندي هئس. ديوانن جا ڇوڪرا ڏاڍا وڻندا هئس. ٻيو محنتڪش، عاشق مزاج جوانڙو هو غلام محمد حجام، جنهن کي محبت وچان 'غلامو .... غلامو' ڪري سڏيندا هئاسون. وار ڏاڍي نزاڪت سان اهمندو هو. مشهور ٿي ويو هو. هندو جوانڙا ٺهٽو ڪري

وري بہ سوال ڪيم، ’ڪيڏانھن ٿو وٺي هلين؟‘

’اُتي، جتي الله ۽ ايشور پناه وٺڻ لاءِ وڃي لڪا آهن.‘ سندس چهري تي شرارت هئي. گاڏيءَ واري ’هل پٽ اَڏام پٽ‘ چئي، شاندار بت قد واري گهوڙي تي چهبڪ جو صرف اشارو ڪيو تہ گهوڙو ٽاپ ٽاپ ڪندو اُڏامڻ لڳو. تلڪ چاڙهي چڙهي حيدرآباد جي سئر تي نڪتاسون — شاهي بزار، ميرن جا قبا، هومسٽيڊ هال، ڦليليءَ وارو رستو، هيرآباد، ڪاليج، جيل وارو رستو، باغ باغيچا — ڦرندا رهياسون. اياز چيو، ’لنبي عرصي کانپوءِ، پنهنجي محبوب شهر ۾ آيو آهيان. حيدرآباد سنڌ جي دل آهي. اسان جو شاندار اتهاس هن شهر سان جڙيل آهي، هي اسان جي دل جي ڌڙڪڻ جو مرڪز آهي .....‘ هو پنهنجي شاعراڻي طبيعت کي پر لڳائي اونچو اُڏري رهيو هو. مان اُن جو لطف ماڻي رهيو هوس. پوءِ الائي ڪهڙو ريچڪ آيس جو بگيءَ واري کي هڪڙي گهٽيءَ ۾ هلڻ جو حڪم ڏنائين. بگيءَ واري پنيان نظر وارئي اسان کي ڏٺو، هڪ طنزي مُرڪ سندس چهري تي نچي رهي هئي.

گهوڙي گاڏي هڪڙي سوڙهي ۽ پراڻي گهٽيءَ مان هلڻ لڳي، جنهن جي ٻنهي پاسن تي ڪبوتر خانن جهڙين ڪوٺڙين جي ٻَرڪين ۾ چٽيل - ڏکيل، هر عمر جون عورتون ويٺيون هيون — انساني جسمن جو مارڪيٽ! منهنجو تہ پسينو ڇُٽي ويو ۽ اياز شيطاني تسڪين سان منهنجي چهري تان ڇٽڪندڙ پسيني کي ڏسي رهيو هو. ڪيس آهستي چيم، ’اياز، خدا جي واسطي هتان نڪري هل.‘

’ڇرڻ تون ۽ مان اڄ هڪ نئي وٽ هلنداسون.‘ ائين چئي مون کي چڪي هيٺ لاٿائين.

لالائيندي چيم، ’خدرا، اهڙي جٽ نہ ڪر مون سان!‘

’تو ڇيو هو نہ، تہ ايشور الله پنهنجا گهر ڇڏي ڀڄي ويا آهن. اڄ تہ ڏيکاريانءِ، هو هتي اچي لڪي ويٺا آهن. هن جسم - فروش جي روح ۾ جهاتي پائي ڏس!‘

مهنن ڪانپوءِ ڳڏيو هو، جذبي جي زوردار اوت جي اثر هيٺ وڏو سڏڪو پرجي آيو. پربل ڳلي سان چيم، 'اياز، ٻارهن مهنن اندر سنڌ جو سهاڳ ڪيئن لٽجي ويو ..... تنهنجا منهنجا سڀ جا سڀ دوست رام، موهن، ڀڳوان، ڪرشن، گوبند، گوپال، سندر، لڇمڻ، ڪيڏانهن ويا؟ تو ڪين وڃڻ ڇو ڏنو؟ زنده پير - اڏيرلعل جو قسم وجهي تو هنن کي هتي ٽڪايو ڇو ڪين؟'

اياز جون به اکيون پرجي آيون. پيڙا ڀريئي آواز ۾ چيائين، 'پر تون هيترا مهنا هئين ڪٿي؟'

'مان ته ڪراچي جيل ۾ هوس ۽ تون ڪٿي هئين؟' مون سوال ڪيو.

'مان سنڌ جيل ۾ هوس.' اياز وراڻيو.

مون حيرت مان پڇيو، 'سنڌ جيل وري ڪٿي ٺاهيو اٿن؟'

چيائين، 'سنڌ جي اتر سرحد کان وٺي ڏکڻ سرحد تائين ۽ اوڀر سرحد کان وٺي اولهه سرحد تائين.' اياز جي چهري تي اُمڙي آيل ڏک جو درياءُ پسي مان به اُن ۾ ٻڏڻ لڳس، جو هٿ کي پڪڙي، مون کي چڪي چيائين، 'جيڏانهن به وٺي هلندوسانءِ ته ڇا نه هلندين؟'

چيم، 'ضرور هلندس. پر ٻن هنڌن تي نه وٺي هلجانءِ - هڪڙو مندر ۾، ٻيو مسجد ۾.'

'ڇو ايشور يا خدا جو درشن نه ڪندين؟'

'نه، اُهي اُتي آهن ئي ڪونه. اُتي هاٿي، لوڱين ۽ ڪيٽين جو اجي واسو ٿيو آهي. ايشور ۽ خدا به شرڻارٿي ٿي ويا آهن، ٻي گهر ٿي ويا آهن .....'

چيائين، 'ڪفر جون ڳالهيون ٿو ڪرين، هن پاڪ آستان تي .....!' اياز جي منهن تي مرڪ هئي، يسوع مسيح جي صليب واري مرڪ.

اياز، رستي تي ويندڙ خالي گهوڙا گاڏيءَ تي هٿ ڏيئي سهارو، چيائين، 'هن گاڏيءَ ۾.' مان ڏاڍي پار وانگر گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس. هو به ٽپ ڏيئي اچي منهنجي پرسان ويٺو.

دوستيءَ ۾ ڪجھ به قربان ڪرڻ، هن جي بنيادي فطرت هئي. هن جا منهنجي مٿان، منهنجي ڀيڻ ٻن قريب دوستن ۽ مائٽن - گلاب ڀڳواناڻي ۽ ٽولو ويرواڻيءَ مٿان اڻتڙا قرب آهن، جو ڇا چئجي! پيار ايترو جو ورهاڱي کانپوءِ، ٽي دفعا هت ڀارت ۾ اچي اسان سان پيار ونڊي چڪو آهي. مون ٻه حجني ٿي چيو، 'ابا، توکي ڪٿي ڳولهيان، تنهنجو نڪو پتو، نڪو پاندا! ڪو چوي ته ٽنڊي جام ۾ آهي ته ڪو چوي ٽنڊي الهيار ۾ آهي، ته ڪو چوي ڪٿي، ته ڪو چوي ڪٿي. چاچي وٽان پڪو پتو مليو ته نبيسر ۾ آهين. پر آئي به توکي ڪٿي اچي ڳولهيان؟' 'پوٽا! ڏاڍو ڪو پولو آهين. نبيسر تي لهي ڪنهن کي به چئين ها ته ڊاڪٽر مير محمد ٽالپر وٽ وٺي هل ته ڪو ٻار به توکي آڱر کان وٺي مون وٽ پهچائي وڃي ها.' مون چيو، 'مارا هاڻي تون ميرل مان ڊاڪٽر مير محمد ٽالپر بڻجي ويو آهين؟' مذاق سمجهي آئي، 'نم طبيب خطري جان!' چيائين، 'اچي ڏسج ته ڪهڙا ڪرشما ڪيا اٿم! مان ترسي نٿو سگهان، جو پيشي جي تقاضا آهي. مس وڃي ڪو ڏنڊو جمايو اٿم. گراهڪائي ڪارڻ نٿو چاهيان. ٻن ٽن ڏينهن ۾ پهچي وڃجانءِ. ڏس، جئن چيومانءِ، اسٽيشن تي پهچي ڪنهن کي به چوندين ته توکي منهنجي اسپتال پهچائي ويندو'

سچ پچ جئن چيائين، هو ڳوٺ ۾ ڏاڍو مشهور ٿي ويو هو. ڪتابن جو ابياس ڪري طبابت شروع ڪئي هئائين. هٿ ۾ شفا به هئس. وٽس پهتس ته لڙي پيو. ٻن ٽن مريضن کي ڏسي، دوا يا انجيڪشن ڏيئي دواخانو بند ڪري، ٻين کي شام جو اچڻ لاءِ هدايت ڏنائين. اسين اچي سندس رهائش واري جڳهه پهتا ٿياسون. نبيسر هڪڙو ننڍو ڳوٺ هو، سو سوا گهرن جي بستي ۽ هڪڙي ننڍي گهٽي، جنهن ۾ ضروري شين جا دوڪان ۽ ننڍن ٻورهيتن جا بانڪڙا هئا. ميرل جو ٻن ڪمرن جو گهر هو، جنهن جي چوڌاري وڏو احاطو هو.

هڪ هڪ ڇوڪريءَ وٽ بيهندو، دام پڇندو هليو، 'ڪيترو؟'

جواب ملندا رهيس، 'پنج روپيا ... ست روپيا ... ڏهه روپيا ....' پر هڪڙي ڇوڪريءَ وٽ ڪيس جواب مليو، 'ڦڪا، اندر اچو! اياز جي ذهن تي الائي ڪهڙو شيطان اچي سوار ٿيو هو! هو پاسي کان ٿي ڏاڪا چڙهي اندر ٿيو ۽ مونکي به هٿ کان ڇڪي اندر ڪيائين.

'اوهين گراهڪ ڪونه آهيو. مهمان آهيو. هٿ ويهو. چانهه پيئو ۽ پان کائي وڃو.'

اياز اواڪ رهجي ويو.

'هائو، مان اوهان کي گهڻي وقت کان ڏسي رهي آهيان. اهو منهنجو انومان صحيح آهي. اوهين گراهڪ نه آهيو، پر مهمان آهيو. ائين ٿيندو آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن روح ۾ رڃ پيري مهمان به اسان وٽ ايندا آهن.'

اياز ڪجهه پاڻ ۾ آيو. ڳالهائڻ جو ڍنگ وڃهه مليس. 'هيءَ منهنجو دوست ايشور - الله وڃائي ويٺو آهي. انهن جي ڳولها ۾ نڪتو آهي.'

وئشيا جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. چيائين، 'هتي ويهو، مان اچها آيس.' هوءَ پاسي واري ڪمري ۾ هلي ويئي.

مون ٻئي هٿ جوڙي اياز کي اشاري سان التجا ڪئي ۽ هٿ کان پڪڙي، زوريءَ ڇڪي ٻاهر آندو، ۽ اسين پوئان پير ڪري ڀڳاسون.

ميرل، يعني مير محمد ٽالپر کي چاچي حاشم مان معلوم ٿي ويو هو ته مان جيل مان ڇٽي آيو آهيان ۽ نوابشاهه مان چڪر هڻي آيو آهيان ۽ حيدربخش جتوئي سان پريس ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. هڪ ڏينهن اوچتو هو اچي وسنت ڪنجي ۾ جتوئي جي گهر پهتو. مان نه ڊنگه رهجي ويس. جي ۽ 'جيئا مڙس، جيئڻ جي به خبر ڪانه ڏني اٿئي. مونکي چاچي مان پتو پيو آهي، حيف اٿئي! ياراڻيءَ کي ٺڪو لڳايو اٿئي.' ڏاڍو حجتي ۽ مذاقي طبيعت جو دلدار ماڻهو هو.

كلاڪ مان وڌيڪ، ساڻس سندس دواخاني ۾ وهندو هوس. مريضن جا عجيب و غريب داستان ۽ ميرل جي هنس سان چشكندار گفتگو ٻڌي، ڳوناڻي دنيا جو لطف ماڻيندو هوس. اڄ سياڻي ڪندي، هفتو ترسائي ڇڏيائين. وڃڻ ئي نه ڏئي. نيٺ جڏهن سمجھايومانس ته ڪامريڊ جتوئي پريشان ٿيو هوندو، جو 'شام' به ڇڏي ويو اٿس، تڏهن مس راضي ٿيو، پر چيائين ته هو مون کي حيدرآباد ڇڏي ايندو. گهڻو ئي سمجھايومانس ته اهڙي تڪلف ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ته ناراض ٿي ويو. چي : 'دلبر يار کي شان مان سان اُماڻڻ جي فرض ۾ به ڪوتاهي ڪريان؟ ياراڻيءَ ۾ تون مون کي واه جي نو مرچانا سيکارين!' آرتوار ڏينهن مون سان گڏجي حيدرآباد آيو. جتوئي صاحب سان ڪچهري ڪيائين. شام جو مون کي گهمائڻ وٺي هليو. تلڪ چاڙهيءَ تي چڙهندي، بوٽن جي هڪ دوڪان تي بيهي رهيس. شوڪيس ۾ هڪڙو ان انگ بوٽ پيو هو. ڏسڻ سان دل هرڪجي ويئي. بيٺو ئي رهيس. مير محمد ڀانپي ويو ته منهنجون اکيون بوٽ ۾ اٽڪيون پيئون آهن. چيائين : 'ڪجھ وڻيو اٿئي ڇا؟' مون چيو، 'نه، ائين ڏسان ويٺو.' چيائين، 'هل اندر، ٻڌاءِ نوڪي ڪهڙي بوٽ موهيو آهي؟' مون لانگ بوٽ ڏانهن اشارو ڪيو. مون پائي ڏٺو. مونکي پورو ٿي آيو. دوڪاندار کي حڪم ڪيائين ته اهو بوٽ ٻڌي مونکي ڏي. گهربل رقم سندس هٿ ۾ پڪڙائي ڇڏيائين. پوءِ اسين گهمندا، چٽو ڪندا، اچي جتوئي جي مڪان تي پهتاسون. ميرل رات واري گاڏيءَ ۾ واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو. مون کان موڪلائڻ وقت منهنجي کيسي ۾ ٻه سؤ روپين جا نوٽ وجهي ڇڏيائين.

حيدرآباد ۾ سي. آءِ. ڊي. وارن جي چوڪسي جوبنه تي ڪلاڪ جاري رهي. منهنجي وقت بوقت ٻاهر وڃڻ سان هو ضرور پريشان ٿيندا هوندا ۽ پڇا ڳاڇا لاءِ ضرور حيدربخش

ضروري حاجت لاءِ جهنگ ۾ وڃڻو پوندو هو. ڪاڏو پيتو به پاڻ ڪندو هو. ٽيئي ويلا گوشت، مڇي، مرغي، بيدا ۽ ڪڻڪ جون روٽيون. ميوو به جام هوندو هو، باقي پاڇين ڪي طلاق، جو اهي چيزون گاهڪورن لاءِ هيون. محفل رات جي وقت ڄمندي هئي. سندس دوست گهڻي ڀاڱي سندس ويچارن جا حامي هوندا هئا. هو نه صرف مذهبي جنونيت کان بلڪل آزاد هئا، بلڪ مذهب جي سوال تي بلڪل ريڊيڪل خيالن جا مالڪ هئا. ملن، مولوين ۽ وڏيرن بابت ٽٽولي ۽ مذاق جا اُهي ٽوٽڪا ۽ نڪتا ٻڌائيندا ۽ گهڙيندا هئا، جو مان هت لکڻ کان ڪيٻايان ٿو ته ڪي ڪٽر مولوي مٿس موت جي فتويٰ جا حڪم نه جاري ڪري ڇڏين. هو ڪين دوزخ جا عيوضي سمجهندا هئا. پنهنجي مذهبي ڪتاب تي به ڏمريل هئا. سندن سمجهه ۾، انهيءَ پستڪ مسلمانن جي دل ۽ دماغ کي غلام بڻائي رکيو آهي ۽ انسانيت جي سهڻن قدرن کان پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي. ڪي سندس دوست ڏاڍا سُريلا هئا، جيڪي شاهه ۽ سچل جو ڪلام ۽ لوڪ ڪلام اهڙي دلفريب انداز ۾ ڳائيندا هئا، جو دل ۽ دماغ کي جهنٽي وٺن. چرچي ڀڳهي جا به اُستاد هئا، ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن وري ڳجهارتن جو دؤر ته ڪڏهن وري جنن - ڀوتن ۽ پرين جون ڪهاڻيون، جو رات جي پوئين پهر تائين پيا داستان هلندا هئا. سنڌ جي پُراڻي ڳوٺاڻي تهذيب جو جڻ مثالي رنگ هو، هنن محفلن ۾.

مير محمد، پنهنجن دوستن سان منهنجي واقفيت وڌائي چڙهائي ائين ڪرائيندو هو، ڄڻ ته مان وڏو پير آهيان. هو مون کي ڇڏي ڇڏيندو هو ته تون ماٺ ڪري ويٺو ٻڌندو ڪر. هنن کي ائين ئي سمجهائڻو پوندو آهي. مونکي ڪل به اِندي هئي، پر مان سندس حڪم اندر رهندو هوس. اُن ۾ هن جي ڪا مصلحت هئي. پنهنجي نموني هلن ٿي اثر وجهڻ چاهيندو هو. صبوح جا به - ٽي ڪلاڪ ۽ شام جا به - ٽي

۾ منهنجا ڪپڙا ۽ ٻيون ڪم جون ضروري چيزون هيون ۽ ٻيو هو ڪپڙي جو ٿيلهو، جنهن ۾ ڪجھ ڪتاب ۽ ٻيون لٽيون جون شيون ۽ ٿورا پيسا، جيڪي مير محمد جي ڏنل رقم مان باقي بچيا هئا. مسافرن جهاز تي چڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. هٿ ۾ پيٽي ۽ ڪلهي ۾ ٿيلهو ٽنگائي، ٽڪيٽ ڏيکاري مان جهاز تي مٿي چڙهي آيس. ڊيڪ تي ڪنڊ پاسيرو پيٽي رکي، آن تي ويهي رهيس. منهنجي من اسٿتي آن وقت هڪ ڪوهل ۽ هارايل شخص جي هئي، جنهن جيون ۾ جڻ سڀ ڪجھ هارايو هجي. مان پنهنجو وطن ڇڏي رهيو هوس، پنهنجي محبوب ڌرتيءَ کان ڪٽجي دور وڃي رهيو هوس. اڃا اهڙي رنج ۽ غم کي پيئي رهيو آهيان ته اوچتو ٻه اوپرا شخص اچي منهنجي مٿان بيٺا. هڪڙو جنهن جي هٿ ۾ اختياريءَ جي ننڍڙي ڏنڊي هئي، تنهن سوال ڪيو، 'تون ئي ڪيرت ٻاڻاڻي آهين؟' مون ڪنڌ ڌوڻي 'ها' ڪئي. 'تنهنجي سامان جي تلاشي وٺڻي آهي.' دل ۾ چيم ته 'مردود! مون کان سڀ ڪجھ کسي ورتو اٿوَ، منهنجي جيجل سوڌو. باقي ڇا جي تلاشي وٺڻي اٿوَ!' پيٽيءَ جو تالو لاهي، ٿيلهي جي ڍڪ کولي سندن اڳيان رکيم. شڪاري ڪتن وانگر منهنجن ٽپڙن جي ڦوس ڦوس ڪندا رهيا. هڪ هڪ ڪري ٻاهر ڦٽو ڪندا ويا — ڪپڙا ۽ ٻيون شيون. مونکي رڳو ٻن شين جو اونو هو — هڪڙو نوٽبوڪ، جنهن ۾ جيل جا تاثرات لکيل هئا، ٻيو ڳوپيءَ جي خطن ۽ فوٽن جو لفافو ۽ ٽيون ڳوپيءَ وٽان مليل ريشمي ڳاڙهيءَ جو رومال، جنهن جي ڪنڊ تي قومي جهنڊي جو نشان ڀرت سان ڀريل هو. ڊپ هوم ته ڪٿي اهي اعليٰ شيون نه کڻي وڃن. پر هو ڪنهن ٻيءَ ڳالھ جي ڳولها ۾ هئا ۽ ڪجھ به حاصل نه ڪري، نراس ٿيا. وڃڻ کان اڳ مون کي پاڪستاني سرڪار جو حڪم نامو ڏنائون، جنهن ۾ پاڪستان مان مونکي نيڪالي جو حڪم هو. ڪاغذ تي مون کان صحيح وٺي منهن پيلو ڪري رمندا رهيا.

جتوئي وٽ بہ ايندا هوندا. مٿس زور بہ آيو هجي تہ هو هڪ 'ڪافر ڪميونسٽ' کي پاڻ وٽ ڇو پناهہ ڏيئي رهيو آهي. هي۽ سڀ قياسي ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. حيدربخش جتوئي، مونسان اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ڪئي. پر مان ڄاڻان ٿو تہ پاڪستاني جاسوسي کاتو انهن سڀني مسلم دوستن کي پريشان ڪري سگهيو ٿي، جن مونکي پاڻ وٽ رهائڻ جي همت ڪئي هئي ..... ٿورا ڏينهن رکي، هڪڙي ڏينهن چيائين، 'تون هت ٻڌو وينو آهين. هي ڪتا تنهنجي پٺ ڪونہ ڇڏيندا. ڇونہ بہ چار مهنا وڃي هندستان مان چڪر هڻي اچين؟ ان وچ ۾ هوء موء بہ ٺرندي ۽ حالتن ۾ سڌارو ايندو.' پوء هڪڙو ڪتاب هٿ ۾ ڏيئي چيائين، 'هي۽ ڪتاب پاڻ سان کنيو وڃ. اُن جو سنڌيء ۾ ترجمو ڪري پاڻ سان کنيو اچجانء. هت پنهنجي پريس ۾ ڇپيندا سون.' ڪتاب هٿ ۾ وٺي اُن جو سُرو پڙهيم : واٽ از ڪميونزم، باء ايمائيل برنس.

مان تيز ٻڌي اچي ڪراچيء پهتس ۽ سوبي جي گهر لٿس. ان وقت سنڌ مان لڏيندڙ هندو، جيڪي سمنڊ رستي ڪراچي بندر کان بمبئي اماڻيا پئي ويا، تن لاء ڪراچيء جي سوامي نارائڻ مندر ۾ عارضي گذر هنڌ رکيو ويو هو. ڪانگريسي اڳوان شري ڪرشنا نند ڪئمپ جي سنڀال هيٺ هو. لڏيندڙن کي ڀارت سرڪار طرفان مفت ۾ ٽڪيٽ ڏني ويندي هئي. مان سڌو سوامي نارائڻ مندر ۾ پهتس. سوامي ڪرشنانند سان منهنجي چڱي سڃاڻپ هئي، جو ڪافي وقت ڪانگريس سان جڙيل رهيو هوس ۽ سکر جيل (١٩٤٢) جي دوران بہ هن سان ملاقاتون ٿيون هيون. کيس پنهنجي ڀارت وڃڻ جي ارادي کان واقف ڪيم. چيائين، 'سڀاڻي ئي اچي ٽڪيٽ وٺي وڃ. جهاز تيار ٿيو بيٺو آهي. سڀاڻي ئي منجهند ڌاريء روانو ٿيندو.' سڀاڻي تي صبح جو ئي مان سوامي نارائڻ مندر وڃي، ٽڪيٽ وٺي، سڌو ڪراچي بندر تي پهتس. مون وٽ سامان جا صرف بہ نگ هئا ـ هڪ لوهي پيٽي جنهن

ڪنرن کي مٿي ۾ چڪر ۽ پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ ٿا شروع ٿين. ڪنرائي اُبڙاڪ ڏيئي رهيا آهن ۽ ڪي ته سڄ پچ اُلٽيون به پيا ڪن. ٻارن جو روڄ راڙو، پوري وايو منڊل تي غمناڪ فضا جي ڇايا وڇائي ڇڏي آهي.

گهٽي پاڻي شرنارٿي ڇهرن کي ڪيڙي سان ڍڪي، ڪن حالتن ۾ ڪيڙا وات ۾ ڏئي پاسيرا ليٽيا پيا آهن. مونکي لڳو ته ڪن کي اکين ۾ لڙڪ به آهن ۽ ڪي سڄ پچ ڏٻيل آواز ۾ سڏڪي رهيا آهن. منهنجي دل به ڀرجي آئي آهي.

مان هن بد بخت ورهاڱي تي سوچي رهيو آهيان. هيءَ تاريخ جي ڪهڙي ٽٽولي آهي ...... سياست جو ڪهڙو ستم آهي! هزارن سالن کان پنهنجي ڌرتيءَ تي وسيل، سادن، سٻاجهن، بيڏوه انسانن کي پاڙن کان پٽيو ويو آهي. ڪين ته اها به ڄاڻ ڪانهي ته مٿن هيءُ قهر ڇو نازل ٿيو آهي؛ مٿن هيءُ ويل ڇو وهيو آهي. ڪين ته پنهنجي منزل جي به خبر ڪانهي، آئيندي جي به ڄاڻ ڪانهي. ڪنهن وٽ آهي، هنن جي سوالن جو جواب؟ ڪير ڏيندو هنن کي سندن سوالن جو جواب؟ جن وٽ جواب آهن، سي ڪونه ڏيندا، ڇاڪاڻ ته هو خود ڏوهاري آهن. مذهب جي حيوانيت ۽ سياستدانن جي شيطانيت تي منهنجي من، بدن، ذهن ۾ ولوڙو مچي ويو آهي، گويا سڄو رت مغز طرف ڊوڙي رهيو آهي. مٿي تي ٻيل جناح ٽوپي آهي، هٿ ۾ کڻي اُٿم. لڏندو لمندو، ٻاڻ کي ڪرڻ کان بچائيندو، ڊيڪ جي ڪناري کي پڪڙيندو، هڪ هنڌ بيهان ٿو، جتان پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسي سگهان ٿو. هٿ ۾ جهليل ٽوپي ڀرپور اُڇل سان سمنڊ حوالي ڪري ٿو ڇڏيان.

(هيون ڀاڱو پورو ٿيو)

خالي لوهي پيتيءَ تي ويٺي ويٺي شام ٿي وئي آهي. جهاز ڪيڏي مهل لنگر ڇوڙي، پنهنجي منزل ڏانهن هاڪاريو آهي، سمڪ نہ پيئي اٿم. منهنجي آسپاس منهنجون شيون اجا ٽڙيون پکڙيون پيئون آهن ۽ هوڏانهن سڄي ڊيڪ تي اِنسان ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. گهڻي ڀاڱي اندرين سنڌ جي ڳوٺن مان پورا پريوار هت اُچلايا ويا آهن. غريب ۽ وچولي طبقي مان آهن، سندن رهڻ ڪهڻ، سنڌي نموني جو آهي. عورتون سٿڻ، چولي، رَئي ۽ سپاٽي ۾ آهن، جيڪا سنڌي هندن جي قومي پوشاڪ ڄڻي سگهجي ٿي. وڏي عمر وارن کي نٿون، بولا ۽ چوڙيون ۽ ڳچيءَ ڊُري يا ڳُڪڙي پيل آهي، جنهن مان سندن سهاڳڻ هئڻ جي خاطري ٿئي ٿي. ننڍيون نينٽيون ٻارڻ کي رَئي سان ڇڳيءَ طرح ڍڪي ويٺيون آهن. مرد بہ ڌوتين، ڪرتن ۽ ٽوپين ۾ آهن، ڪلهن تي بوڇڻ ۽ پيرن ۾ سنڌي جتي اٿن. جوان ڇوڪرا سوٽ قميص ۾ آهن ۽ مٿا اُگهاڙا اٿن ۽ پيرن ۾ وديشي نموني جو بوٽ پيل اٿن. هرهڪ فئملي ڊيڪ تي هڪڙي ننڍڙي جڳهہ هٿ ڪري، فراسي يا چادر لڳائي ٻارين ٻچين سوڙها سڪوڙا ٿيو ويٺا آهن. جيڪو ٿورو گهڻو سامان ٻارڻ سان ڪٺي سگهيا آهن، سو پيتين ۾ بند يا بسترن ۾ نوڙين سان ٻڌل، سندن آسپاس پيو آهي. ڪن مائٽن کي ٿڃ پياڪ ٻالڪ بہ آهن، جن کي هو، مردن کي ٻئي ڏبئي، رَئي سان ڍڪي ڇپڙ ڏباري رهيون آهن. هن نموني مريادا جو اُلنگهن ڪين ذهني پيڙا ڏيندو هوندو، دل کي ڌڪو پهچائيندو هوندو ۽ هو اندر ئي اندر ۾ ڇا محسوس ڪنديون هونديون؛ ڪاش! مان هنن جي من اندر جهاتي پائي ڌڪائيندڙ ڇتر ڇٽي سگهان!

جئن آهستي آهستي رات ٿيندي ٿي وئي ۽ جهاز ٿهري سمنڊ جي زوردار ڇولين جي چپيٽ هيٺ، هيٺ مٿي ۽ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي راڪنگ ۽ وانگر لاڏ شروع ڪيو ڪري تہ ڊيڪ تي ويٺل مسافرن جي حالت خراب ٿيندي ٿي وئي.

# ڪجھ ٻڌايم، ڪجھ لکايم

سنڌي جي برک ليکڪ

## ڪيرت ٻاٻاڻي

:- جي آتم - ڪٿا جا ٽي ڀاڱا :-

●

(۱) پهريون ڀاڱو — محبت جو ذڪر
(۲) ٻيون ڀاڱو — سياست جو بيان
(۳) ٽيون ڀاڱو — ساهتڪ احوال

●

سال ۱۹۹۷ جا ٽي ڪتاب
اپريل، جولاءِ ۽ آڪٽوبر جا.

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 10

SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62

## ڪيرت ٻاٻاڻي

ڪيرت ٻاٻاڻي منهنجو، پراڻو دوست آهي. هن جو شمار سنڌي قوم جي عظيم محب الوطنن ۾ ڪري سگهجي ٿو. هن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪافي وسيع آهي ۽ هن جي پنهنجي قوم سان مڪمل وفاداري آهي.

هن سان دوست اختلاف تہ رکي سگهن ٿا، پر هن جي سچائي ۽ سهپ ۽ سماجي طبيعت جي باري ۾ ٻہ رايا نٿا ٿي سگهن.

ڪيرت هڪ دانشور جي حيثيت ۾ امر آهي ۽ هڪ ساهتڪار جي حيثيت ۾ بہ هن جي اهميت گهٽ نہ آهي. مان ان تي فخر ڪري سگهان ٿو تہ ڪيرت جهڙا إنسان ۽ دانشور بہ منهنجا دوست آهن.

شيخ اياز

**Kujh Budhayum, Kujh Likayum**
**Part-2**

By KIRAT BABANI

Sindhi Times Publications
(Quartely Book Series July-August-Sept. 1997)